تذڪرهء ٽنڊو قيصر

عبدالحفيظ نظاماڻي

CMYK HP 20-01-2022 Sahil

CMYK NP 20-01-2022 Sahil 7

تذڪرهءَ

ٽنڊو قيصر



CM K HP 20-01-2022 Sahil

تذڪرهءِ ٽنڊو قيصر

عبدالحفيظ نظاماڻي

ساحل پبليڪيشن - حيدرآباد

2022ع

ساحل پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر چونجاھون

ڪتاب جو نالو :	تذڪرهٔ ٽنڊو قيصر
ليکڪ:	عبدالحفيظ نظاماڻي
ڇاپو پهريون:	فيبروري 2022ع
ٽائيٽل ڊزائين:	مور ساگر
ڪمپوزنگ:	نعمان جوڻيجو (ساحل پرنٽرز حيدرآباد)
ڇپائيندڙ :	ساحل پبلڪيشن، حيدرآباد، سنڌ
ڇپيندڙ:	ساحل پرنٽرز حيدرآباد 03332634650
قيمت:	300/_ روپيا

TAZKRA-E-TANDO QUSIR
By: Abdull Hafeez Nizamani
Edition: 1st , Faberwary 2022
Publisher: Sahil Publication, Hyderabad, Sindh.
Printed by: Sahil Printers Hyd. 0333_2634650
Title Design: More Sagar
Price: Rs. 300/-

CM K IP 20-01-2022 Sahil

ارپنا

آئون پنھنجي ھِن مُختصر ڪاوِش جو اِنتساب

محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نالي ڪريان ٿو.

جنھن جون سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي سلسلي ۾ ڪيل خدمتون، سنڌ جي ادبي تاريخ جو ھِڪ روشن بابت آھن.

اِن ڪان علاوه

ٽنڊو قيصر جي "ڏاسوڙي ميان" خاندان جي نالي

جنھن ٽنڊو قيصر ۾ علم جي روشني ڦھلائي، علم جي ھن بَحر مان ڪيترين ئي نھرون نِڪتيون، جن سنڌ جي ماڻھن جي علمي اُڃ اُجھائي

۽ اُن ڪان علاوه

ٽنڊو قيصر جي اُنھن سمورن علمي ۽ ادبي شخصيتن جي نالي

جن علم ۽ ادب جي مختلف صنفن تي ڪيو ڪيو آھي.

"سائين سَدائين، ڪرين، مٿي سِنڌ سُڪارَ

دوست مِٺا دِلدارَ عالَمَ سڀُ آبادُ ڪرين.

(شاھ)

فهرست

- اداري پاران — مور ساگر 08
- مهاڳ — فقير محمد ڏول 09
- پنهنجي پاران — عبدالحفيظ نظاماڻي 12

1. تذڪرهء ٺٽو قيصر 15
2. ٺٽي قيصر جي پاڙن / محلن جو احوال 18
3. ٺٽو قيصر ۾ رهندڙ ذاتيون 43
4. ٺٽو قيصر ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي اچڻ جو احوال 49
5. حضرت سخي نظام رح 52
6. نظاماڻي سنڌ ۾ 55
7. سردار قيصر خان نظاماڻي 57
8. هالاڻيءَ جي جنگ ۽ اُن کان بعد واري صورتحال ۾ قيصر خان نظاماڻيءَ جو ڪِردار 61
9. پروانه ايالت (سنَد) بنام مير فتح علي خان 69
10. صوبه سنڌ جو پروانو (مير فتح علي خان جي نالي) 72
11. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ساٿياري خليفو محمد صلاح مثنوي خوان 77
12. بزغُل جا ڪلمات" يا محمد صلاح جي سنڌي 81
13. بڪر فقير شهيد 113
14. نواب غلام علي خان (نواب ننڍا) ولد قيصر خان نظاماڻي 116
15. سردار احمد خان نظاماڻي 122
16. رئيس حاجي غلام علي خان نظاماڻي (ثاني) 125
17. مڪتوبه پنجهٽ 128
18. قاضي سيف الله راڄپر 135
19. مولوي ميان پير محمد ٽيهو 137
20. مختصر سوانح حيات: مولانا قاضي فتح محمد نظاماڻي رح 139
21. نور محمد "نورل فقير" نظاماڻي 149

اداري پاران

ادب کيتر ۾ تاريخ جي موضوع کي وڏي اهميت حاصل رهي آهي ۽ تاريخ جي موضوع تي ڪم بہ تمام گهڻو ٿيو آهي. هاڻوڪي دؤر ۾ بہ تاريخ جي موضوع تي تمام گهڻو ڪم ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ کانپوءِ ضلعن جي تاريخ، شهرن جي تاريخ ۽ پوءِ ڳوٺن جي تاريخ.

هي ڪِتاب جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي، ”تذڪرهٔ ٽنڊو قيصر“ اهو پڻ هِڪڙي شهر ’ٽنڊو قيصر‘ جي تاريخ تي لِکيل آهي ۽ اُن تاريخ ۾ اُتي جي رهندڙ مشهور شخصيتن، ايندڙ شخصيتون ۽ واقعن کي هِن ڪِتاب ۾ سهيڙيو/لِکيو اٿس، جيڪو هِڪ نهايت محنت جوڳو ڪم آهي. اِها محنت ۽ جاکوڙ ٽنڊي قيصر جي پيغمبري پيشي سان واڳيل ليکڪ عبدالحفيظ نظاماڻي ڪئي آهي.

لِيکڪ هِن ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ: ”ٽنڊو قيصر، سنڌ جي هڪ علمي مرڪز طور شهرت رکي ٿو. علم و ادب ۽ شعر و شاعريءَ ۾ نہ فقط سنڌ جي سطح جا، بلڪ اسلامي دنيا جي سطح جا قابلِ فخر عالم ٿي گذريا آهن، جن جي ذڪر کان سواءِ سنڌ جي علمي تاريخ نامڪمل رهندي، پر انهن جي باري ۾ کوجنا ڪرڻ، انهن جي تحريرن، تصنيفن ۽ سوانح جو رڪارڊ رکڻ جي سلسلي ۾، ڪا بہ وڏي پئماني تي ڪوشش نہ ڪئي وئي آهي.“

ساحل پبلڪيشن جي هميشہ اِهائي ڪوشش رهي آهي تہ پڙهندڙن کي سُٺا ڪِتاب پڙهائجن، اوهان کي هي ڪِتاب تذڪرهٔ ٽنڊو قيصر ڪيئن لڳو، پنهنجي راءِ ضرور ڏجو.

مور ساگر

03332634650

03002634650

مهاڳ

دُنيا جي سموري ادب ۾ تاريخ کي تمام گھڻي اهميت حاصل رهي آهي. ايئن ڪٿي چئجي ته تاريخ کان سواءِ ادب اڌورو آهي. ادب ۾ جيڪي موضوع وڌيڪ پڙهيا وڃن ٿا. اُنهن ۾ تاريخ، مذهب ۽ سوانح عمري يا آتم ڪهاڻي شامل آهي. چيو ته اِهو ويندو آهي ته حقيقي تاريخ شاعري ۾ درج ڪيل آهي. مطلب هر دؤر جي شاعري اُن دؤر جي اصل تاريخ آهي، پر اڳاڻي زماني کان وٺي موجوده وقت تائين تاريخ کي نثري انداز ۾ ئي گھڻو قلمبند ڪيو ويو آهي.

هي ڪِتاب تذڪره ٽنڊو قيصر پڻ تاريخ جي زمري ۾ اچي ٿو. جنهن ۾ ڪِتاب جي ليکڪ عبدالحفيظ نظاماڻي پنهنجي شهر ٽنڊي قيصر جي تاريخ کي مختلف موضوعاتي حوالن سان هِن ڪِتاب ۾ درج ڪيو آهي، شهرن جي تاريخ جي حوالي کان سنڌي ادب ۾ مختلف وقتن تي مختلف ليکڪ تاريخ قلمبند ڪندا رهيا آهن. جهڙوڪ شڪارپور جي تاريخ جي حوالي سان سائين خليل مورياڻي صاحب (شڪارپور) سهيڙيون آهي، ويجهي وقت ۾ ٽنڊو الهيار جي خليل ڪوسي به تاريخ تي ڪم ڪيو آهي، هن "سنڌ جا ٽنڊا" لِکيو آهي.

جڏهن ته ويجهي ماضي ۾ حيدرآباد جي حوالي سان نامياري ليکڪ قاضي خادم به حيدرآباد جي حوالي کان شهر جي مختلف جاين جڳهن، اسڪولن، حيدرآباد جي چاڙهين وغيره وغيره تي سنڌيءَ انگريزي ۾ تمام گھڻو ڪم ڪيو آهي. اردو جي مشهور ليکڪ عشرت علي خان به حيدرآباد نالي اردو ڪِتاب ۾ حيدرآباد شهر جي مختلف حوالن کان تاريخ لِکي آهي.

جنهن کي پڻ ڪافي پذيرائي ملي آهي. هڪڙو ڪتاب ليکڪ حسين بادشاهه به حيدرآباد بابت ترجمو ڪري ترتيب ڏنو آهي. انڪانسواءِ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ سميت ڪيترن ئي ناميارن ليکڪن پنهنجي پنهنجي زماني جي تاريخ لکي آهي. ۽ جن جن جاين جڳهن، ماڳن، مڪانن ۽ شهرن جو پاڻ مشاهدو ماڻيو اٿن، اُنهن کي تاريخ جي صفحن جي صورت ڏيئي رقم ڪري ڇڏيو اٿن.

مذڪوره ڪتاب تذڪره ٽنڊو قيصر ۾ ليکڪ تمام گهڻي محنت سان ۽ حوالن سان شهر ٽنڊي قيصر جي پاڙن ۽ پس گردائي جو احوال ڏاڍي سهڻي نموني سهيڙيون آهي. ان سان گڏوگڏ هن ٽنڊي قيصر جي آباد ٿيڻ جون روايتون به ڪتابي حوالن ۽ بزرگن جي ڪچهرين ۽ اُنهن جي ٻڌل روايتن جي پيش نظر ترتيب ڏني آهي. ليکڪ پنهنجي قبيلي نظاماڻي جي تاريخ تي به طبع آزمائي ڪندي اُنهن جي بُڻ بنياد ۽ هجرتن کي به ڳولي ڦولهي عام آڏو پيش ڪرڻ جي وڌيڪ جاکوڙ ۽ جُستجو ڪئي آهي. انهي ڪانسواءِ هن ٽنڊي قيصر جي رسم رواج، راندين روندين، منزل گاهن، پردي داري، کوهن، مسجدن، ذاتين بابت به سُٺي تاريخ پيش ڪئي آهي.

ڪتاب ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي ساٿياري خليفي محمد صلاح جي شاعري سميت اُن پاران ڀٽائي صاحب متعلق ڪجهه ڳالهيون ۽ روايتون به شامل ڪري ڪتاب کي وڌيڪ اهم بنايو آهي.

سنڌ جي ماضي، ان جي مختلف دؤرن حالتن حاڪمن ۽ جنگين جا احوال به هن ڪتاب ۾ شامل آهن. وقت جا حاڪم خط و ڪتابت ڪيئن ڪندا هئا ۽ اُنهن ۾ مخاطب کي ڪهڙي ريت عزت ۽ تڪريم سان مواد لکندا هئا. اُنهن جا نمونا به ڪتاب ۾ شامل آهن. اُن ڪانسواءِ نظاماڻين جي جدامجد حضرت سخي نظام رح بابت به هڪ مضمون شامل آهي. جنهن ۾ سندس ڄم ڪان ولي شجري سميت ڪيئي روايتون لکيون ويون آهن.

سنڌ ۾ نظاماڻين جي آمد ۽ سندن سردار قيصر نظاماڻي هن جي خان وادي، ان جي ذاتي ڪردار ۽ بهادري جا قصا به ڪتاب ۾ شامل آهن.

مجموعي طور تي هي ڪتاب ٽنڊي قيصر جي تاريخ، تهذيب، روايتن، ذاتين، پاڙن، خاندان، شخصيتن ۽ شهر ٽنڊي تصير سان لاڳاپيل سموري

جوڙجڪ بابت هڪ ڪارآمد تاريخي ڪِتاب آهي. جيڪو ايندڙ وقت ۾ شهر جي تاريخ لاءِ ته انتهائي اهم ثابت ٿيندو پر ايندڙ وقت جي مؤرخن ۽ محققن لاءِ به تاريخ جا نوان دڳ ۽ در کوليندو جيڪي تحقيق جي حوالي کان ڪي ئي نوان ويچار پيش ڪندا.

منهنجي پاران تذڪره ٽنڊو قيصر جي ليکڪ سائين عبدالحفيظ نظاماڻي بلوچ کي اهڙو شاندار، اُملهه ۽ قيمتي ڪِتاب لِکڻ تي تمام گهڻيون مُبارڪون ۽ دُعاڳو آهيان. هو اڃا وڌيڪ پنهنجي شهر، پنهنجي قبيلي، تدبر شخصيتن، قبيلي جي نامور ماڻهن جي حسب نسب تي ڪي ئي ڪِتاب لکي نئين نسل لاءِ سونهون ثابت ٿيندو. ڪريم رب کين شُڪيو ستابو ۽ آسودو رکي. آمين

فقير محمد ڏول

زرعي ڪالوني ٽنڊو ڄام

پنهنجي پاران

ٺٽو قيصر، سنڌ جي هڪ علمي مرڪز طور شهرت رکي ٿو علم و ادب ۽ شعر و شاعريءَ ۾ نه فقط سنڌ جي سطح جا، بلڪ اسلامي دنيا جي سطح جا قابل فخر عالم ٿي گذريا آهن، جن جي ذڪر کان سواءِ سنڌ جي علمي تاريخ نامڪمل رهندي، پر انهن جي باري ۾ کوجنا ڪرڻ، انهن جي تحريرن، تصنيفن ۽ سوانح جو رڪارڊ رکڻ جي سلسلي ۾، ڪا به وڏي پيشرفت ڪانه ٿي سگهي آهي.

ان کان علاوه ٺٽو قيصر ۾ پنهنجي دؤر جا بهترين سپهه سالار، سياستدان، حڪيم، اديب، بزرگ، شاعر، خطاط ۽ هر فن جا ڄاڻو ماڻهو ٿي گذريا آهن. پر هتي صرف ٺٽو قيصر جي "ڀاسوڙي ميان خاندان" جي بزرگ، ۽ شاهه ڀٽائي رح جي خليفي ۽ "مثنوي خوان" جو احوال ۽ سندس شاعري پيش ڪجي ٿي. ٺٽو قيصر کي اهو به شرف حاصل آهي ته "لطيف سرڪار رح" هتي به ڪيترائي رهائيون ڪيون، پاڻ پنهنجي خليفي ۽ مثنوي خوان، ميون مولوي محمد صلاح رح ڏي اڪثر ايندا رهندا هئا.

ٺٽي قيصر ۾ "شاهه سائين" سان منسوب هڪ اوتارو به آهي، جنهن جي گهٽي ڀاڱي حصي تي جايون ٺهي ويون آهن، هن اوتاري کي "شاهه جو اوتارو" سڏيو ويندو آهي. روايتون آهن ته شاهه سائين هن اوتاري ۾ اچي رهندو هو ۽ راڳ رهاڻ پڻ ٿيندو هيو، هن اوتاري سان لڳ اولهه طرف هڪ مسجد به آهي جنهن کي هن وقت "حمزائين واري مسجد" چيو ويجي ٿو. بقول چاچي نواز علي جي هن مسجد جو بنياد "شاهه جي اوتاري" سان گڏ پيو ياد

رهي تہ حمزاڻي پاڙي وارا نظاماڻي "شاھہ سائين جا مُريد هئا. جيڪي بعد ۾ پير سائين روضي ڌڻي رح جا مريد ٿيا.

خير هن احوال کي اتي ختم ڪريون ٿا. هاڻي ڪجھہ لفظ "ٽنڊي" بابت مختصر وضاحت.

اسان جا اڪثر تاريخدان انهيءَ غلط فهميءَ ۾ آهن تہ "ٽنڊو" اصل ۾ ٽالپرن جي ايجاد آهي. ۽ سنڌ ۾ "ٽنڊو" نالي سان وسنديون ٽالپرن جون آباد ڪرايل آهن. اهو سراسر غلط آهي تہ "ٽنڊا" ٽالپر دؤر ۾ وجود ۾ آيا. "ٽنڊو" خالص سنڌي لفظ آهي، جنهن جي، لفظي معنيٰ آهي ننڍو شهر يا ڳوٺ. جيڪو ڪنهن شخص يا شخصيت منسوب هجي، اهو ڪو ڪيلہ قاعدو ڪونهي تہ انهيءَ نالي سان رڳو ٽالپر دؤر ۾ ڳوٺ يا شهر ٻڌايا ويا هجن. ٽالپرن کان بہ اڳ اهڙن نالن جو وجود نظر اچي ٿو. جهڙوڪ، ٽنڊو ڄام هي ڄام هالي جو آباد ڪيل آهي. ٽنڊو مٺا خان: هيءُ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي گهرواري مائي ڄامان جوڻيجو (ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي والده) جو پاءُ هو. ٽنڊو رحيم خان (ضلع دادو) وغير ان کان علاوه سنڌ کان ٻاهر پنجاب ۾ ضلع رحيم يار خان جي تعلقہ لياقت پور ۾ واقع "ٽنڊو گُرگيج" آهي، جيڪو نواب بهاول خان "اول" جي دؤر ۾ بہ قائم هو.

ياد رهي نواب بهاول خان "اول" 1749ع ۾ وفات ڪئي خير قصہ مختصر.

ها! البتہ اهڙن نالن کي ٽالپر دؤر ۾ اهميت ملي ۽ انگريز راڄ " بہ مروج رهيا. سنڌ ۾ "ٽنڊا" ٽن قسمن جا آهن (1) هڪڙا اهي جي ٽالپر دؤر کان اڳ بہ موجود هئا ۽ آهن. ٻيا اهي جيڪي ٽالپر دؤر ۽ انگريز دؤر ۾ وجود ۾ آيا. بهرحال اهو چوڻ تہ "ٽنڊا" رڳو ٽالپرن ٻڌايا اهو رايو ۽ سوچ تاريخي طرح درست ڪين آهي.

بهرحال ٽنڊو قيصر ڪڏهن ۽ ڪهڙي سال قائم ٿيو؟ اهو چوڻ البتہ ڏکيو آهي. روايتن مطابق هيءُ ڳوٺ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دؤر ۾ قائم ٿيو.

(مون هڪ روايت اهڙي بہ ٻڌي هئي، جنهن مطابق هيءُ ڳوٺ ان دؤر کان بہ اڳ قائم ٿيو. بهرحال ان بابت ڪجھہ بہ نٿو چئي سگهجي)

هتي "شاه جو اوتار" هجڻ. شاه سائينءَ جو هٿ اچڻ، مدن فقير جنهن 1744ع ۾ وفات ڪئي هئي. "مدن جي کُهي" ٽنڊو قيصر ۾ هئي. ڀٽائي صاحب جي خليفي "مولوي ميون محمد صلاح" جي هتي رهائش هجڻ، اهي سموريون ڳالهيون هن جي شاهدي ڏين ٿيون ته هيءُ ڳوٺ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دؤر ۾ موجود هو.

ان ڪان علاوه محترم سائين ولي محمد نظاماڻي صاحب هڪ ڪان وڌيڪ دفعا هي روايت مون سان بيان ڪئي ته رئيس ميان گل حسن خان (ڪرم خان جو والد) منهنجي (محترم سائين ولي محمد جي ڏاڏي) ڏاڏي سان اوطاق ۾ ڪچهري ڪرڻ ايندو هو. ان هڪ دفعي چيو ته قيصر خان جو والد ڳاڙهو خان (فقير محمد) هڪ دفعي جڏهن هو تمام پيرسن هو ٽنڊي قيصر مان پنهنجي پوٽي باقرخان ڏي گهمڻ ويو. پوءِ اتي ئي گذاري ويو جيئن ته گرميون تمام گهڻيون هيون، ان ڪري قيصر خان ۽ الودي خان وارن اتي ئي حاجي راوت جي مقام ۾ دفن ڪيو.

ڳاڙهي خان (فقير محمد) جي وفات جو سال 1188 هجري آهي. هن روايت ان اها ڳالهه پڌري ظاهر ٿئي ٿي، ته الودي ۽ قيصر خان جو والد به هت ئي رهندو هو.

"قصہ مختصر"

عبدالحفيظ نظاماڻي

ٽنڊو قيصر

03163201362

تذڪرهءِ ٽنڊو قيصر

سنڌ جي قديم دؤر تاريخ جي اڀياس، مان اها ڳالهه صاف طرح سان ظاهر ٿئي ٿي تہ ان قديم زماني ۾ سنڌ جا اڪثر ڪري ڪيترائي ڳوٺ، بستيون ۽ شهر سنڌو درياهہ ۽ واهن جي ڪنارن سان آباد هئا. اهي ڳوٺ، بستيون ۽ شهر پنهنجي قدامت جي لحاظ کان پنهنجي هڪ خاص ثقافت ، تهذيب ، تمدن ۽ رسم و رواج جي اعتبار کان هڪ الڳ انفرادي حيثيت جا مالڪ هئا. سنڌ جي اهڙن قديم ڳوٺن ۾ منهنجو "ٽنڊو قيصر" بہ هڪ پراڻو ڳوٺ آهي، جنهن جي سيني ۾ هتان جي رهندڙن جي تهذيب تمدن ۽ ثقافت جو سرمايو سمايل آهي. هيءُ ڳوٺ "ٻن واهن جي وچ ۾ آباد ڪيو ويو. هڪ "نورواهہ" جيڪو هن ڳوٺ سان لڳ وهندو هو ۽ ٻيو "نصير واهہ" جيڪو ڳوٺ کان هڪ ميل اتر طرف هو. هي ٻئي واهہ پراڻي ٿليلي مان نڪرندا هئا. جيڪي 1932ع ٻئراج جي وهڻ سبب بند ٿي ويا.

ٽنڊو قيصر لاڙ ۽ اتر کي ملائيندڙ رستي ۽ حيدرآباد بمبئي کي ملائيندڙ ٻن رستن جي سنگم تي واقع آهي پر افسوس آهي اڄ هنن رستن جو اهو عروج ناهي. اهو سڀ هاڻ ياد ماضي بنجي ويو آهي. هن ڳوٺ جي اندروني اڏاوت ۽ جوڙجڪ اهڙي طريقي سان آهي جو گهٽيون اڪثر تنگ ۽ سوڙهيون، ڏنگيون، ٽيڏيون، ۽ رستا پاسيرا ۽ ڦيريدار جيئن ڪوبہ ٻاهريون حملو ڪندڙ ڳوٺ ۾ سولائي سان داخل ٿي نہ سگهي. مغل ۽ ڪلهوڙا دؤر ۾ هي، ٺٽي سرڪار جي پرڳڻي چاڪر هالاڻ شامل هو. جڏهن حيدرآباد جو وجود پيو تہ پوءِ هي حيدرآباد جي تپي" گدوبندر" ۾ شامل ڪيو ويو. ٽنڊو

قيصر ۾ ٽالپر حڪمران بہ اڪثر ايندا رهندا هئا. ڪلهوڙا ۽ ٽالپر دؤر ۾ سنڌ جي سياست جا ڪيترائي فيصلا هن ڳوٺ ۾ ٿيا. ٽالپر دؤر ۾ هن ڳوٺ کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي. سنڌ جي راڄڌاني تہ برابر حيدرآباد هو. الودي خان ۽ قيصر خان جي هتي رهائش هجڻ ڪري ٽالپر حڪمران صلاح، مشوري لاءِ هتي ايندا رهندا هئا.هن ڪتاب ۾ مير فتح علي جي هڪ خط جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن جي آخر ۾ مير صاحب لکي ٿو تہ "پنهنجي فرصت جو لکندا تہ حاضر ٿي سگهجي." ان مان ئي سمجهي سگهجي ٿو تہ مير صاحب "قيصر خان" ڏي پاڻ هلي ايندا هئا.

ٽنڊي قيصر جي وچ ڳوٺ ۾ ٻہ باغيچا بہ هئا. هڪ الودي خان جو ۽ ٻيو قيصر خان جو ڪاري ڪوهہ جي ڏکڻ طرف الودي خان جو باغيچو هو. ۽ ڪوهہ جي اتر طرف وري قيصر خان جو باغيچو هو. ڪارو ڪوهہ ٻنهي باغيچن جي بلڪل وچ ۾ هو. ان کان علاوه هتي انبن جي ڪيترائي قديم باغ هئا جن جو ذڪر هتي ڪونہ ٿا ڪريون. انبن کان علاوه ٽنڊو قيصر ۾ ٻيرن جا باغ پڻ هئا. روايت مطابق "صوفي" ٻيرن جا شروعات سردار احمد خان ڪئي هئي. صوفي ٻيرن جي حوالي سان پڻ مشهور هو. ۽ هن وقت پڻ هي ڳوٺ انبن ۽ٻيرن جي لحاظ کان مشهور آهي. انگريز دؤر ۾ هتان جا ماٺهو بمبئيءَ ۾ انب ۽ ٻير کڻي ويندا هئا. پر ان زماني ۾ واپار تي هتي جا واڻيا مضبوط هئا.شروع ۾ ٽنڊي قيصر ۾ سرداري نظام هو. هتي پهرين ڳاڙهو خان راڄ جو سردار هو پوءِ سندس فرزند الودوخان ۽ قيصر خان ٿيا. الودي خان جي دؤر ۾ راڄ جا فيصلا چوڻ ٿا تہ قيصر خان ڪندو هو پر ان فيصلي تي الودي خان جي مهر لازمي هوندي هئي، جي نہ تہ اهو فيصلو قابل عمل نہ هوندو هو. الودي خان کان پوءِ قيصر خان سردار رهيو. هن بعد الودي خان جو فرزند غلام محمد کانئس پوءِ سندس فرزند سردار احمد خان قبيلي جو سردار ٿيو. سردار احمد خان، پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي حاجي غلام علي خان کي فيصلا ڪرڻ جو اختيار ڏيئي ڇڏيو هو. پر حاجي غلام علي خان سردار احمد خان جي وفات کان پوءِ، يعني نومبر 1878ع کان پوءِ چڱي مڙس جا فرائض سر انجام ڏنا. ان بعد ٽنڊي قيصر ۾ پٽيل سسٽم شروع ٿيو. حاجي غلام علي خان جو فرزند، محمد علي خان پٽيل ٿيوان بعد راقم جي ڏاڏي عبدالواحد جو ڏاڏو،

محمد حسن ولد حاجي غلام علي خان ٿيو. ان پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي پڳ پنهنجي ننڍي ڀاءُ حاجي يارمحمد کي ڏني. حاجي يارمحمد جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ سندس ڀاڻيجو غلام النبي خان ولد خدا بخش خان پٽيل ٿيو. 1924ع ۾ غلام النبي، پٽيل جي منصب تان دستبردار ٿيو ته ڳوٺ وارن گڏجي رئيس غلام محمد خان کي پٽيل ڪيو. ان جي وفات بعد، 1942ع ۾ سندس فرزند گل محمد کي پٽيل ڪيو ويو. 1972ع ۾ پٽيل گل محمد وفات ڪئي ته پوءِ ان جي فرزند رئيس فضل محمد کي پٽيل ڪيو ويو جيڪو اڃا تائين آهي

O

ٽنڊي قيصر جي پاڙن/محلن جو احوال

ڳوٺن ۽ شهرن جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ مختلف قبيلن ۽ نسلن جا ماڻهو انهن ڳوٺن شهرن ۾ اچي آباد ٿيا، ۽ پنهنجي الڳ پاڙن ۽ محلن ۾ گهر ناهي رهڻ لڳا.اهو قديم رواج اڄ بہ سنڌ جي ڳوٺن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن نموني ۾ رائج آهي، البتہ هن جديد دؤر ۾ وڏن شهرن ۾ اهو رواج گهٽجي ويو آهي. دراصل اهي پاڙا يا محلا، پنهنجي انفرادي حيثيت سان جڙڻ تہ ان ڳوٺ يا شهر جا ننڍا حصا هوندا آهن. اهي محلا ۽ پاڙا اتان جي رهندڙ قبيلي يا ان جي ڪنهن سردار، يا سرنديءَ واري ماڻهوءَ جي نالي پويان سڏجڻ ۾ ايندا آهن. ڪي پاڙا يا محلا وري ان ۾ رهندڙن جي هنر، يا ڪرت جي نالي سان پڻ سڏجڻ ۾ ايندا آهن. جيئن لوهارن جو پاڙو،ڪنيارن جو پاڙو، وغيره، هن موجوده دؤر تائين بہ ”ٽنڊو قيصر“ جا اهي قديم محلا ۽ پاڙا قائم آهن. ۽ انهن ئي ساڳين نالن سان سڏجڻ ۾ اچن ٿا. هتي انهن پاڙن ۽ محلن جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو.

(جيڪو مواد ضايع ٿي ويو تنهن ۾ پاڙن بابت جامع معلومات هئي)

الوداڻي پاڙو:

هيءُ محلو سردار الودي خان جي نالي سان سڏجي ٿو. جنهن زماني ۾ سنڌ ۾ نظاماڻين جا ست پاڙا مشهور هئا ان وقت ۾ ٽنڊي قيصر جا سمورا نظاماڻي، سواءِ حمزاڻين جي ٻين جو شمار الوداڻي پاڙي ۾ ٿيندو هو. هن وقت الوداڻي محلو سردار الودي خان جي ٽن فرزندن جي اولاد تي مشتمل آهي. الودي خا ن ڪي هي فرزند هئا. (1) خيره خان (2) غلام محمد خان (3) درياءَ

خان موجوده دؤر ۾ خيره خان جو اولاد پاڻ کي "خيراڻي " سڏائي ٿو. خيراڻين جو جد امجد خيرو خان. حڪمت جو ڄاڻو هو. پاڻ ميرن جي حڪومت ۾ عهديدار هو. سندس اولاد مان ڪيترائي نالي وارا آهن. جن مان ڪجهه هي آهن. محمد حسن فردوسي، هي بهترين شاعر ۽ خطاط هو. ڳاڙهو خان هي شڪار جو ماهر هو. گل محمد خان پنهنجي زماني جو مشهور پهلوان هو.

پٽيل غلام محمد (اول) هي غريبن جو همدرد هو. سندس فرزند گل محمد پڻ ٽنڊي قيصر جي سياست ۾ حصو ورتو. هن وقت خيري خان. جي اولاد مان محمود (المعروف) آسي زميني سنڌ جو مشهور شاعر ۽ نثر نويس آهي، ڪيس سڄي سنڌ سڃاڻي ٿي.

الودي خان جي فرزند، غلام محمد جو اولاد پاڻ کي الوداڻي سڏائيندو آهي. غلام محمد خان پاڻ ميرن جي حڪومت ۾ شامل هو. ڪانئس پوءِ سندس فرزند سردار احمد خان پڻ ٽالپر ۽انگريز دؤر ۾ ڪاردار جي عهدن تي فائز رهيو. غلام محمد جي اولاد ۾ هي مشهور شخصيتون آهن. الهداد فقير هي پير سائين روضي ڌڻي قدس سره جو خاص مريد هو. سردار احمد خان پنهنجي دؤر ۾ قبيلي نظاماڻي جو سردار هو. غلام محمد خان جي اولاد ۾ حاجي شيرمحمد خان جو شمار سنڌ جي بهترين اديبن ۾ ٿيندو هو. پاڻ شاعري به ڪندو هو.سندس تخلص"شائق" هو. سندس فرزند رئيس نوراحمد خا ن پڻ نالي وارو ٿي گذريو. آهي سندس فرزند علي احمد نظاماڻي ان ڪان علاوه غلام محمد جي اولاد ۾ حاجي ابراهيم ۽ سندس فرزند علي حيدر علم رمل ۽ نجموم سان گڏ حڪمت جا ڄاڻو هئا. ۽ موجوده دؤر ۾ هن خاندان مان چاچو محمد بچل ٽنڊي قيصر جي سياست ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. مشهور شاعر "اداسي" عزيز ۽ "ستايل" سڪندر به هن خاندان مان آهن. سردار الودي خان جو ٽيون فرزند دريا خان هو. هي دريا خان به ٻائرن جيان ميرن جي خاص ماڻهن ۾ شامل هو. دريا خان رني ڪوٽ قلعي جي تعميراتي ڪم جي نگرانن ۾ پڻ شامل هو. ان ڪان علاوه عمرڪوٽ واري جنگ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو.

دريا خان کي به فرزند هئا، بهادر خان ۽ فيروز فقير هن وقت هنن جو اولاد ٽنڊو قيصر ڏاڪٽائي پاڙي سان مشهور آهي. جو ته هي ٽنڊو قيصر جي

آخري حد ڏکڻ جي ڇيڙي تي رهندڙ آهن. هن دنگ کان پوءِ ڪنهن وقت ۾ "نورو واهه" وهندو هو. هن محلي جا موجوده سمورا رهواسي "فيروز فقير" جي اولاد مان آهن. "فيروز فقير" پير سائين روضي ڌڻي قدس الله سره جو خاص مريد هو. پير سائين رح جن جڏهن فيروز فقير جي دعوت تي هتي آيا هئا تهن فيروز فقير جي حويلي ۾ جنهن جاءِ تي وضو ڪري ٻه رڪعت نفل جا پڙهيائين، فيروز فقير تبرڪ طور ان جاءِ تي مسجد جو بنياد رکيو جيڪا اڄ به قائم آهي، ۽ فيروز واري مسجد سڏبي آهي. فيروز فقير جي اولاد مان دريا خان ٻکيرا جو ڪاردار هو. سندس اولاد رئيس عبدالحڪيم خان مشهور سماجي خدمتگار رهيو. هن ڇوڪرن جي اسڪول لاءِ پنهنجي عمارت ڏني، جتي ڪيترائي سال تعليمي سلسلو جاري رهيو. مشهور استاد سائين محمد ابراهيم ۽ سائين احمد عليءَ جو تعلق به فيروز فقير جي خاندان سان هو. هن خاندان جي هڪ فرد رئيس خيرمحمد خان ولد حاجي شاهه محمد خان نياڻين جي هاءِ اسڪول لاءِ مفت ۾ زمين ڏني. ان کان علاوه رئيس غلام علي خان عرف رئيس امير خان به پنهنجي دؤر جو هڪ مشهور ڪردار هو. هن وقت هن خاندان ۾ اشفاق احمد علم و ادب سان وابسطه آهي. هي هو الوداڻي محلي جو مختصر احوال.!

قيصراڻي

سردار قيصر خان جو تعلق الوداڻي پاڙي سان هو ڇاڪاڻ ته سردار الودو خان سندس وڏو ڀاءُ هو. بعد ۾ قيصر خان جنهن جاءِ تي هن وقت عبدالعظيم وارن جو ڪمرو آهي، ان جاءِ تي پاڻ رهائش لاءِ اڏاوت ڪري ويٺو. موجوده سڄو اندريون قيصراڻي محلو سندس حويليءَ ۾ شامل هو. جڏهن پاڻ ٻي شادي ڪيائون ته پهرين جاءِ، پهرين زال مان فرزند غلام علي خان (نواب آف ٽنڊ) جي حوالي ڪري، پاڻ موجوده وصي احمد جي گهر جي جاءِ تي ڪمرا ٺاهي رهيو. قيصر خان کي پهرين زال مان هڪ فرزند نواب غلام علي خان ۽ ٻي زال مان قائم خان، رحيم خان، باقر خان، ۽ غلام حيدر خان هئا. باقر خان پيءُ جي حياتيءَ ۾ ئي لاڏي ويو باقي باقر جا ٻيا ٽي ڀائر هت رهيا.

قيصر خان جي سموري اولاد پاڻ کي قيصراڻي سڏايو نواب غلام علي خان جي اولاد مان خدابخش خان، سندس فرزند محمد خان، حاجي غلام علي خان ۽ شهيد مياڻي غلام حسين خان، قاضي فتح محمد، قاضي فتح الرسول، مولوي عبدالرحمن، غلام النبي، حاجي يارمحمد ، قادر بخش ، وغيره اهلِ علم شخص ٿي گذريا آهن. قيصر خان جي ٻي زال جي اولاد مان قائم خان، رحيم خان، نبي بخش، (هي ڪوٽ سبزل جو نواب هو) عبدالله خان، علي بخش خان اسماعيل خان، ظهرالدين خان، مرزو خان، جعفر خان، ميرشيرمحمد ماڻڪاڻيءَ جو ساڃو هٽ هو.) مير صاحب جڏهن ڏهي واري جنگ بعد پنجاب ويو تہ چون ٿا جعفر خان بہ گڏ هو. هيءَ ٽنڊوالهيار جو ڪاردار هو. نائون مل پنهنجي ڪتاب ۾ هن جو مختصر ذڪر ڪيو آهي. خير قصہ مختصر، موجوده دؤر ۾ قائم خان ولد قيصر خان جي اولاد مان، محترم ڊاڪٽر علي نواز صاحب شاهہ سائينءَ جي رسالي جو وڏو ڄاڻو آهي. ۽ هن خاندان مان هن وقت محمد حنيف خان ۽ شفيع محمد (مير شفن) ٽنڊو قيصر جي سياست جي مکيہ ڪردار آهن. ٽنڊو قيصر جا مشهور استاد، سر سائين عبدالحق ۽ سائين عبدالحسين ۽ سائين محب عليءَ جو تعلق بہ هن خاندان سان هو.

مشهور ڪامريڊ رئيس مقبول خان جو تعلق بہ هن خاندان سان آهي. مشهور شاعر مرحوم حسن درس، سندس گهاٽو دوست هو.

زرداراڻي محلو

زردار خان جي اولاد بابت ڪابہ اهڙي خاطري جوڳي معلومات ناهي. جيڪا هت لکجي، هن جو اولاد اڪثر سهراب جي ڳوٺ لڏي ويو باقي بہ گهر هتي رهن ٿا.

نظراڻي محلو

هيءَ محلو احمد خان جي اولاد تي مشتمل آهي. هي زردار جو ڀاءُ هو ۽ الودي خان جو چاچو هو. البتہ هن پاڙي ۾ رهندڙ ڏٽي بخش ۽ ميرمحمد وارا نم جي ڳوٺ جا لشڪراڻي آهن. هتي هنن جو والد ابراهيم خان لڏي آيو. ان کان سواءِ فاروق وڏي هوٽل واري جو پڙ ڏاڏو احمد خان بہ نم جي ڳوٺ جو

هو. حاجي اميد علي وارن جو وڏو جمال خان ڳوٺ باگي وداڻي جو هو. باقي ٻيا سڀ احمد خان جو اولاد آهن. هن احمد خان جي اولاد ۾ حاجي فتح علي خان مشهور ملھ پهلوان هو. سابقہ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر، غلام علي خان بہ هن خاندان سان تعلق رکي ٿو. مشهور سياسي ڪارڪن رئيس ڏنل خان بہ هن محلي جو آهي، ۽ هن وقت ٽنڊي قيصر جو مشهور سياسي ۽ سماجي خدمتگار رئيس مشتاق خان (گل محمد) بہ هن محلي سان تعلق رکي ٿو. ٽنڊي قيصر جو استاد الشعراءَ نورل فقير بہ هن خاندان جو فرد هو.

بکراڻي محلو

بکراڻي محلو سردار بکر خان جي نالي سان آهي. بقول نانا سائينءَ جي، بکر خان جي رهائش جا ڪمرا موجوده سليم ۽ حاجن بکراڻي وارن جي گهر واري جاءِ تي هئا. باقي سڄو بکراڻي محلہ سندس حويليءَ ۾ شامل هو. بکر خان پاڻ بہ پنهنجي دؤر جو هڪ بهادر ڪردار ٿي گذريو آهي. سندس اولاد مان مهر علي خان مياڻيءَ جي جنگ ۾ شهيد ٿيو. سندس وارثن انگريزن جي سلامي ڪانہ پري، تنهن ڪري هنن جون جاگيرون ضبط ٿي ويون. سندس اولاد مان محمود خان سٺو ملھ پهلوان هو. بکراڻي محلي ۾ بہ ڪردار اهڙا آهن، جن ٽنڊو قيصر جي نياڻين جي تعليم لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو. جيڪڏهن هي تعليم کي عبادت سمجهي نياڻين جي تعليم لاءِ نہ جاکوڙين ها، تہ اڄ ٽنڊو قيصر جون نياڻيون تعليم جي هن معيار تي نہ هجن ها.

انهن مان هڪ ڪردار آپا هوا امام بخش آهي، ۽ ٻيو آپا زيب النساءَ راجا خان آهي. آپا زيب النساءِ محمد رحيم نظاماڻيءَ جي نياڻي ۽ آسي زمينيءَ جي ڀيڻ آهي. هنن جون تعليمي خدمتون نسلن تائين ياد رهنديون.

حمزاڻي محلو

حمزاڻي محلي وارا شايد نظام خان جي فرزند، مبارڪ خان جو اولاد آهن. (روايتن مان ائين معلوم ٿو ٿئي) هي حمزاڻي محلي وارا سنڌ جي سرتاج، شاهہ لطيف رح جا مريد هئا، " شاهہ جو اوتارو" لاءِ زمين بہ هنن ڏني هئي. (بقول چاچي نواز عليءَ جي) چاچي نواز علي جي بقول ڀِٽائي صاحب حمزاڻين واري مسجد ۾ بہ نماز پڙهي هئي. اڳ هي مسجد هڪ صف جي

ڪمري تي مشتمل هئي، هاڻي پاسي واري جاءِ خريد ڪري، ان ۾ اضافو ڪيو ويو آهي. هي هو ٽنڊي قيصر جي نظاماڻي محلن جو احوال، هاڻي مختصر احوال ٻين ذاتين جي محلن جو.

ميين جو محلو: (ميون محلو):

هي ميان اصل ڏاسوڙي جي جوٽو ڳوٺ جا هئا. جتان ڀٽائي صاحب جو خليفو ۽ "مثنوي خوان" هتي آيو. اوائل ۾ هي ميين جو محلو سڏبو هو. ڇاڪاڻ ته هتي اصل ڪان ميان ئي رهندڙ آهن. بعد ۾ ڪور قبيلي وارا به ويٺا. (مرحوم سائين محمد بچل ڪور جا وڏا) ان بعد ميين جي اجازت سان هتي شيدي به رهڻ لڳا، جيڪي هن پاڙي ڪي "نصيباڻو پاڙو" سڏڻ لڳا. هن محلي جون مشهور شخصيتون مولوي محمد صلاح، (ڀٽائي صاحب جو خليفو ۽ مثنوي خوان) سندس اولاد مان مون پير محمد (اول)، ميون فقير محمد (اول)، ميون پيرمحمد (ثاني)، ميون محمد حنيف ۽ ميون حافظ محمد صلاح (ثاني)، ميون غلام محمد ۽ ميون عبدالله مشهور مذهبي شخصيتون ٿي گذريون آهن. هن ئي محلي ۾ مرحوم سائين محمد بچل ڪور، بهترين استاد هو جيڪو راقم جو به استاد رهيو. سندس ڀاءُ سائين الهه بخش مرحوم بهترين استاد هو. ان ڪان علاوه ميان خاندان جو چشم و چراغ، سائين ميون قمرالدين به هڪ بهترين استاد ٿي رٽائر ٿيو آهي. ڪيس تمام سٺي علمي معلومات آهي هن محلي جي شيدين مان پيرو ٻڪرار ، خدا بخش (خُدو) شيدي ، ملان شيدي ۽ دادلو شيدي (ٽئي ڀائر) پنهنجي دؤر جا مڃيل ملهه پهلوان هئا. افسوس آهي هاڻي هن خاندان مان ڪو به ملهه پهلوان ناهي.

ڀائيءَ جو پاڙو

هي اصل عمرڪوٽ جي علائقي، ڏيٿ جا رهواسي هئا. ۽فقير سڏبا هئا. ڀائي هڪ عورت هئي، جيڪا تمام وڏي نيڪ هئي. پاڙي وارن جا فيصلا به ڪندي هئي. (روايت چاچو ابراهيم)

لوهار محلو

هي لوهار پاڻ کي سما سڏائين ٿا، پر سنڌ ۾ اڪثر لوهار اصل پنهنڄ

آهن. چون ٿا تہ هنن کي خيري خان رهايو. هنن لوهارن ۾ بلو لوهار مشهور
ڪاريگر هو. هروقت هن وٽ ڪچهري متل هوندي هئي.

ڪورين جو محلو

هيءُ محلو مير مراد عليءَ جي دؤر ۾ آباد ٿيل آهي. سردار احمد خان، قاضي سيف الله ڪي وڏي آکهہ سميت نوابشاهہ مان لڏائي، هتي اچي ويهاريو.(وڌيڪ تفصيل قاضي سيف الله جي سوانح ۾ ڏسو)

ڀائيڙن جو پاڙو

هي هن وقت پاڻ کي خاصخيلي سڏائين ٿا. هن پاڙي جا اصل رهواسي چاچي ابن وارا ۽ اسماعيل وارا آهن. محمد قاسم وارا ڀائيءَ جي پاڙي مان لڏي وينا. مستري خميسي مرحوم جو والد بدين کان لڏي آيو. اصل هن پاڙي جا ابن ۽ اسماعيل وغيره وارا آهن.سي پهرين "آخوند" سڏبا هئا. هنن ۾ "آخوند خميسو" مشهور بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس باري ۾ ڪي روايتون آهن، پر هاڻي هيءُ مضمون طويل ٿيندو وڃي، ان ڪري ڪونہ ٿا لکون.

روجاڻي محلو

روجاڻي هڪ قبيلو آهي. ڊاڪٽر بلوچ، ڪتاب رهاڻ"هيرن ڪاڻ "جلد ستون جي ص 125، 126تي لکي ٿو تہ: روجاڻين جو وڏو روجو هو.

هن روجاڻين جو شجره نسب هن ريت لکيو آهي:



هنن جو اولاد سندن نالن پوٽن ڦڏو جا، محسن جا، يا جهنڊو جا ۽ روجو جو اولاد روجاڻي سڏجن. هي اصل عرب آهن. (خير قصه مختصر)

هنن روجاڻين ۾ پريو روجاڻي مشهور ٿي گذريو آهي. هن وقت روجاڻي محلي ۾ ڊيشڪ به رهن ٿا، جيڪي پهرين بکراڻي پاڙي ۾ رهندا هئا. ۽ هاڻي هڪ ٻئي سان مائٽيون به ڪيون اٿن.

بقاڻي محلو

بقاڻي محلي ۾ پهرين ملان ۽ پچارا وينا هئا. هي بعد جا آيل آهن. بقاڻين ۾ به ذاتيون آهن (جن جو تفصيل ڪونه ٿا لکون) هنن ۾ جيڪي خليفا سڏبا آهن سي هالن واري مخدوم جا خليفا هئا. هن محلي ۾ سائين الهه رکيو بهترين استاد هو جنهن راقم کي پڻ پڙهايو. هن محلي ۾ گاڏين جو بهترين مستري ابراهيم به هو. هن وقت سندس پٽن ۾ استاد حاجن بهترين مستري آهي.

ڪنڀار محلو

هي ڪنڀار اصل ذات جا چنا آهن. اڳي ڪنڀارڪو ڪم ڪندا هئا، پر هاڻي ڪونه ڪن. هنن ۾ ٻيا لڏي ويا، باقي هڪ گهر هتي رهي ٿو.

مڱڻهار محلو

هي مڱڻهار بقول فقير محمد مڱڻهار جي، اصل ڪوريا پناڻ آهن. (هي شايد ڪرم جي ڳوٺان آيا) هنن ۾ خدا بخش بهترين مناين ۽ پڪوڙا ناهيندو هو. مرحوم و مغفور مسو فقير رحمت الله عليه به مڱڻهار هو. هي تمام نيڪ ۽ پرهيزگار هو بت ۾ سنهو ۽ اڇي سونهاري هئيس هٿ ۾ لٺ کڻي هلندو هو. نوراني چهرو هو سندس چهري مان نور پيو چمڪندو هو. سندس دعا ۾ تمام گهڻو اثر هو. مٿس الله تعاليٰ جي رحمت هجي.

هنن ۾ مڱڻهارن ۾ هڪ گهر، ڳوٺ قائم خان ٻهر کان آيل آهي. هاڻي هتي جا ٿي ويا آهن. هن پاڙي ۾ بخاري سيد پڻ رهن ٿا.

رضوي محلو

هن محلي جو باني سائين عثمان شاهه آهي. روايتن مطابق هنن رضوي

سيدن کي سردار احمد خان خاص دعوت ڏئي ھتي رهايو ھو. سنڌ ۾ حسيني سادات جون ڇھ (6) شاخون آھن، جن مان رضوي سادات جو وڏو ڏاڏو سيد محمد مڪي (540ھ/1146ع 640/ 1243) سلطان التمش جي زماني ۾ سن 625ھ / 1227ع ۾ سنڌ جي قديم شھر بکر ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي . ان کان پوءِ سندس اولاد روھڙي، ٺٽي ۽ نصرپور ۾ آباد ٿيو. رضوي سادات الحسيني بہ چوائيندا آھن. ڇاڪاڻ تہ سندس سلسلو حضرت امام حسين عليہ السلام سان وڃي ملي ٿو. ھي رضوي سادات "شاھ پوٽا" بہ ڪري سڏبا آھن. جو سندن پيڙھيءَ جو سلسلو حضرت امام علي نقي عليہ السلام سان بہ وڃي ملي ٿو. جڏھن ھي محلو آباد ٿيو تہ ڳوٺ جي حدن کان ٻاھر ھو. رضوي سيدن جو شجرہ نسب (جيڪي ٽنڊو قيصر ۾ رھن ٿا)



موجوده وقت ۾ سائين روشن علي شاهه رضوي، سياست ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. اليڪشن ۾ هر اميدوار سندس حمايت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

هن رضوي محلہ ۾ رضوي سيدن کان علاوه خاصخيلي، مينگهواڙ، ۽ برهمڻ (مهاراج) ۽ ڪوڪر پڻ رهن ٿا.

هن محلي ۾ سائين ربڏنو خاصخيلي بهترين استاد ٿي گذريو آهي، ۽ سندس فرزند سائين شفيع محمد بہ هڪ بهترين استاد آهي. پاڻ پرائمري اسڪول ٽنڊو قيصر جو بهترين هيڊ ماستر پڻ هو. ان کان علاوه مينگهواڙن ۾ سائين نرمل پيرماڻي هڪ بهترين استاد آهي. پاڻ علم ادب سان وابستہ آهي ۽ حڪمت جو بہ سٺو ڄاڻو آهي. ڪوڪرن ۾ ميهار ڪوڪر بهترين هاري هو. پاڻ ڍڳن جي ڪيڻ وهڻ جو ماهر هو.

مغلن جو محلو

هي مغل اصل ۾ پٺاڻ آهن. هن وقت هنن مغلن مان گهڻا شيخ پرڪيو ڏي لڏي ويا آهن، جتي پنهنجو ڳوٺ "احمد خان مغل" نالي سان اٿن. هن محلي ۾ بخاري سيد بہ رهن ٿا.

بازار وارو محلو

هيءُ محلو ٽنڊو قيصر جي شاهي بازار جي ٻنهي طرفن تي مشتمل آهي. هن پاڙي ۾ هڪ گهر شيخ ذات وارن جو بہ آهي. هنن ۾ سائين شفيع محمد مرحوم بهترين استاد هو جيڪو راقم جو استاد پڻ هو. هن پاڙي ۾ دايا بہ رهن ٿا، جن ۾ مرحوم سائين حاجي ابن دايو بهترين استاد هو.

هن پاڙي ۾ هڪ گهر عمراڻين جو بہ آهي، جيڪي حجام سڏجن ٿا. ۽ هڪ گهر پنهورن جو بہ آهي جيڪي "ڪنيڙ" بہ سڏجن ٿا. جڏهن تہ بازار جي آخري ڏکڻ - اوڀر ڇيڙي تي پرائمري اسڪول لڳ، "پچاڻي " بہ رهن ٿا. هي هو ٽنڊي قيصر جي قديم ۽ جديد پاڙن ۽ محلن جو مختصر احوال. هاڻي ڪجهه مختصر احوال ورهاڱي کان اڳ رهندڙ هندن بابت:

هي هندو ٽنڊو قيصر ۾ پنهنجا الڳ پاڙا ناهي رهندا هئا. انهن ۾ هڪ پاڙو ناڪواڻي پاڙو سڏبو هو جيڪو قيصراڻي محلي جي اوڀر کان شروع ٿي،

بازار تي ختم ٿيندو هو. هن پاڙي جون مکيہ شخصيتون "منومل" جيڪو هندو جو مکي هو. پرسومل، پيسومل، بصرمل، وريد مل، ۽ سائين ڪيول رام لوهاڻو هئا. هنن ۾ ديوان وريد مل پنهنجي دؤر جو هڪ مشهور سياسي سماجي ۽ ڪاروباري شخص هو.

ورهاڱي بعد وريد مل، سندس والد ۽ سندس ٻہ فرزند انڊيا لڏي ويا، جڏهن تہ سندس ٻہ فرزند، جن مان هڪ جو نالو "گرڌاري لال" هو سي "صدر" حيدرآباد ۾ رهي پيا. جتي سندن اولاد اڃا بہ رهي ٿو.

ورهاڱي کان بعد 1958ع ۾ پرسومل ۽ منومل هتي گهمڻ آيا هئا. سائين ڪيول رام پنهنجي دؤر جو بهترين استاد هو. پاڻ ورهاڱي تائين پرائمري اسڪول ٽنڊو قيصر جا هيڊ ماستر رهيا. سندس بابت ڪيترين ئي روايتون آهن، پر هتي نٿيون لکجن.

هندن جو ٻيو پاڙو بکراڻي محلي ۽ نظراڻي محلي جي درميان، "لنڊي بازار" ۾ هو. چون ٿا تہ هي واڻيا غريب هئا. هرڪو پنهنجي گهر ۾ ننڍڙو دڪان کوليو ويٺو هوندو هو. ان ڪري هن پاڙي جو نالو لنڊي بازار پئجي ويو. ان کان علاوه هتي ڀڳت پڻ رهندا هئا.

8 جنوري 2010ع جمع تي راقم جي، استاد نورل فقير سان ڪچهري ٿي. جنهن ۾ پاڻ ٻڌايائين تہ "ٽنڊو قيصر" ۾ ڀڳتن جو هڪ گهر هو. هي ڀڳت "جهوڪ شريف" جي "شاهہ عنايت شهيد" جا مريد هئا. هي ڀڳت شاهہ عنايت شهيد جي ياد ۾ هر مهيني جي 17سترهين تاريخ تي " ٽنڊو قيصر" ۾ ڏيهاڙو ملهائيندا هئا، جنهن ۾ منگرن نوڙهن ۽ ٻين جاين تان پڻ ڀڳت ايندا هئا. وڏي پيماني تي صوفي راڳ، شاهہ عنايت شهيد جي ياد ۾ ڳايو ويندو هو جنهن ۾ ٽنڊي قيصر جا مسلمان پڻ ڳائيندا هئا. " ڀڳڙو ڀڳت" پاڻ بہ ڳائيندو هو وڏا چڙا بہ پيا وڄندا هئا. تہ ٻيا ساز بہ هوند اهئا. ڀڳڙو ڀڳت" جو ڏاڏو منگهن ڀڳت جڏهن ٻانگ ايندي هئي، تہ گهٽيءَ ۾ جتي بہ هوندو هو ڪنڌ هيٺ ڪري ويهندو هو. ٻانگ مڪمل ٿيندي هئي تہ پوءِ هلڻ شروع ڪندو هو. ۽ "منگهن" جو پٽ شيو رام پڻ ائين ڪندو هو. تہ شيو رام جو پٽ ڀڳڙو ڀڳت" بہ ائين ڪندو هو. ورهاڱي وقت ٻين واڻين سان گڏ ڀڳڙو ڀڳت بہ انڊيا لڏي ويو.

هنن محلن ۽ پاڙن کان علاوه سنہ 2000ع کان پوءِ، ٽنڊو قيصر ۾ ڪي نيون ڪالونيون ٺهيون. جن ۾ پهريون محمد شاھ ڪالوني جو بنياد پيو جيڪا 2002ع ۾ وجود ۾ آئي. پوءِ احمد خان ڪالوني جا 2003ع ۾ قائم ٿي. 2006ع ۾ حاجي شيرمحمد ڪالوني، فضل محمد ڪالوني ٻيلو ڪالوني ۽ مشتاق ڪالوني بہ قائم ٿيون. سواءِ فضل محمد ڪالونيءَ جي، ٻين سمورين ڪالونين ۾ آبادي ٿي چڪي آهي (ٻيلو ڪالوني) ۾ اڃا صرف 7يا 6 جايون ٺهيون آهن. ان کان سواءِ حاجي قاسم ڪالوني، باءِ پاس روڊ ٽنڊو قيصر پڻ 13_2012ع ۾ وجود ۾ آئي. ان کان علاوه ديهہ ٽنڊوقيصر ۾ 57_1853ع جي سروي دؤران جيڪي ڳوٺ موجود هئا تن جا نالا:

ڳوٺ جو نالو	ايراضي گهنٽہ/ايڪڙ
ٽنڊوقيصر خان	41 /10
صوبو خاصخيلي/بالچاڻي	02 /10
جلال ماڇي	00 /30
صالح خاصخيلي	00 /30
عبدالله ڏماچ	07 /35
ڀلي مهاڻي جو ڳوٺ	00 /29
ابراهيم ڏماچ	01 /29

هنن ڪان ڳوٺ شهمير جت 15 گهنٽا ايراضيءَ تي قائم آهي، پر اهو سروي نمبر ۾ آهي موجوده دؤر ۾ هنن ڳوٺن کان علاوه ٻيا بہ ڪجھ ڳوٺ وجود ۾ اچي ويا آهن.

1873ع ۾ ٽنڊو قيصر کي ميونسپالٽي ڪيو ويو (ڏسو ڪتاب سنڌ گزيٽئر از ميجرهيوزص 246) هي ميونسپالٽي شايد87_1886ع تائين قائم هئي. ان کان پوءِ هن جو اهو درجو ختم ڪيو ويو. بعد ۾يونين ڪميٽي قائم ڪئي وئي. ان زماني ۾ هن جا 7 ميمبر هوندا هئا. 4مسلمان ۽ بہ هندن مان ۽ هڪ سرڪاري طرفان. ان جو چيئرمين ڳوٺ جو پٽيل هوندو هو.

اڳتي هلي ڪي سڌو سنئون چونڊن ذريعي چيئرمين ۽ ميمبر چونڊڻ جو طريقو رائج ٿيو. هن دؤر ۾ رئيس عبدالرحيم خان ڪيترائي دفعا چيئرمين چونڊيو ويو. ڪائنس پوءِ ڪجھ سال حاجي غلام محمد ولد بخش علي بکراڻي چيئرمين رهيو. ورهاڱي بعد 1963ع ۾ ٽنڊوقيصر ڪي يونين ڪائونسل جو درجو ڏنو ويو. ٽنڊو قيصر ديھ کان علاوه ٻيون بہ ڪجھ ديھون هن ۾ شامل ڪيون ويون. هن جي پهرين چونڊن ۾ حاجي يارمحمد چيئرمين ۽ حاجي راول پهوڙ وچ ۾ سخت مقابلو ٿيو. جنهن ۾ پٽيل گل محمد ۽ سائين روشن شاھ جي ڪوشش سان حاجي يارمحمد چيئرمين چونڊجي ويو. ان بعد مختلف چيئرمين ٿيندا رهيا. ۽ موجوده وقت ۾ شوڪت علي نظاماڻي چيئرمين آهي. ڪيس سائين روشن علي شاھ رضويءَ جي سهڪار سان بنا مقابلي چيئرمين چونڊيو ويو.

ٽنڊوقيصر سان لڳ نور واھ وهندو هو. چون ٿا تہ هن واھ جي ڪنارن تي وڏا عاليشان وڻ هئا. جڏهن نور واھ جو اوج هو تڏهن ٻنهي ڪنارن تي وڻڪار هئي. هي واھ اولھ کان اوڀر ڏي وهندو هو.

هن واھ ۾ ٻيڙيون بہ هلنديون هيون. ان زماني واھ تي ٻاجهري ۽جوئر جون پوکون ٿينديون هيون. ڪٿي موڪ پاڻي وهندو تہ ڪٿي هُرلن تي. کهڙو عجيب دؤر هو جڏهن ٻاجهريون جوئرون پچنديون، تہ پيھا ٺهي ويندا هئا. ڪانپاڻيون هٿن ۾ چوڏاري پيا ڳوڙها اڇلبا، ۽ جهار پئي هڪلبي، جهار جو زور هڪ صبح جو ٻيو شام جو ٿيندو هو.

نور واھ جي ڪنارن سان ايڏي وسندي هوندي هئي، جو پانئبو هو تہ شهر آباد آهن. بهرحال ٽنڊو قيصر جي نور واھ جي کهڙي ڳالھ ڪجي، جن اهي عروج اکين سان ڏٺا هوندا، اڄ بہ اهي ڳالهيون ياد پوندن. گرمين ۾ نور واھ تي ميلا لڳي ويندا. هرڪو پيو ترندو هندو هجي يا مسلمان، سيئي گڏ ڪيڏندا هئا. انبن جي موسم ٿيندي هئي تہ پاڻيءَ وٺي وٺي ڪائيندا بہ پيا، ۽ هڪ ٻئي کي ڏڪر بہ پيا هڻندا. جڏهن سکر بئراج ٺهيو تہ هي واھ بند ٿيو. ڪنارن تي جيڪي سون سالن جا وڏا وڻ وڻڪار ڪيو بيٺا هئا، سي ڪجھ سڪي ويا ڪن کي سرڪار نيلام ڪري ڇڏيو. انهن وڻن جي ڇانو بي مثال ۽ انهن جي ٻاڇن جون ٿنڌارون تن کي تازگي ڏئي ڇڏينديون هيون.

هن واهن ۾وٽن کي قربان ڪري ٻئراج حاصل ڪيوسين ته ان لاءِ آبادي وڌي ملڪ سائوستابو ٿئي. پاڻي عام جام ٿئي. پر ان جو نتيجو اهو نڪتو جو اڳي زمينون چاندي وانگي پيون چمڪنديون هيون. هاڻي زمينن ۾ اڇي اهڙو ڪلر ۽ سم نڪتو آهي، جو چند سالن کان پوءِ بيراج ته هوندو واهه به پيا وهندا، ليڪن زمين ڪٿي..؟ جنهن ۾ هر هلائجي...!

ٽنڊي قيصر جا ملهه پهلوان

ٽنڊي قيصر جي ملهه پهلوانن بابت ”استاد نورل فقير“ راقم کي تمام سٺي معلومات ڏني هئي. ميرن جي دؤر کان وٺي موجوده دؤر تائين پهرئين جوڙ کان ٿي جوڙ تائين نالا، ۽ انهن جا ڪارناما ٻڌايا هئا، پر ٻي مواد سان گڏ هي مواد به ضايع ٿي ويو. هاڻي صرف چند پهلوانن جا نالا يادآهن، جيڪي لکجن ٿا:

(1) جمون ٻٻر شيدي (ميرن جي دؤر جو) (2) پيرو ٻڪرارشيدي (3) حاجي جوڳي خاصخيلي (4) ملان شيدي (5) خدا بخش شيدي (6) دادلو شيدي (7) حاجي فتح علي نظاماڻي ۽ هڪ واڻيو پهلوان (جنهن جو نالو ياد ناهي) هن واڻيي ملهه پهلوان بابت محترم سائين علي محمد شيخ هڪ روايت ٻڌائي ته: سائين روشن علي شاهه جي بنگلي جي اڳيان هڪ نم جو وڻ هو ڪجهه ڳوٺاڻا ان جي هيٺان ويٺل هئا، ته هڪ پهلوان شخص اتر طرف کان آيو پئي، جڏهن ماڻهن جي ميڙ وٽ پهتو چيائين ته، ”ٽنڊي قيصرجي پهلوانن جي خبر ڏيو..! مون کي انهن سان ملهه جو جوڙ ڪرڻو آهي. ان دؤران بنگلي کان ڏکڻ طرف کان بازار کان هڪ واڻيو پهلوان، مٽ ڪلهي تي کنيو آيو پئي. ان پرديسي پهلوان کي ماڻهن چيو ته ملهه پهلوان، ويا آهن ڪٿي ملاکڙي تي باقي هي پريان واڻيون اچي پيو جي انهيءَ سان سندرو ٻڌين ته ڪٿي چئونس. چيائين ته ٺيڪ آهي، اهو واڻيو به پهتو. چيائون پهوان هي ٻاهر جو پهلوان ملهه لاءِ آيو آهي، تون سندرو ٻڌندين..؟ چيائين تيار آهيان، پوءِ ٻنهي کي سندرو ڇڪي ميدان ۾ لاٿائون، ته واڻيي ان همراهه کي ڦيرائي ڦيرائي ڪٽي جو ڪيرايو ته ان همراهه اٿي سندرو کولي هلڻ جي ڪئي، ته ماڻهن چيس اجاجوڙي ٿئي، چيائين ته بس...! هتي جا واڻيان اهڙا پهلوان، مسلمان ته الائجي ڇا هوندا....! وغيره

ڪوڏي ڪوڏي راند جا پهلوان

ڏاڏو بچو شيدي عارب شيديءَ عيدو شيديءَ مريد، شيديءَ صفر ۽ بشير شيدي - هي سنڌ سطح جا مشهور پهلوان هئا. پنجاب وارا به هنن کان لهرائيندا هئا.

ٽنڊي قيصر ۾ جڏهن هوٽلون نه هيون، جتي وڃي دل وندرائجيءَ ڪا فلم ڏسجي، تڏهنن صرف وٽن جون، ٽڏيون چانئون هيون. راتن جو چانڊوڪيون هيون. اوطاقن جا وڏا اگهڻ هئا، جتي زماني جون ڳالهيون مڙسن جي پهلوانيءَ جا قصا، مال ، رزق ، پوک فصل جا قصا، هڪ ٻئي کي ٻڌائبا هئا. ڪو مسافر آيو ته جي آئين پلي آئين پئجي ويندي هر ڪو پيو کيڪاريندو.

انهن اوطاقن جي ڪچهرين ۾ ڳجهارتون ڏبيون کل ، پوڳ ، چرچا هڪ ٻئي کي ٻڌائي، پنهنجي طبيعت تان غبار لاهي ڇڏيندا هئا. جيڪي ڏينهن جو دلين ۽ دماغن تي چڙهندا هئا. ۽ مايون ويچاريون اسر جو اٿنديون ڪلمو پڙهي، خدا، رسول، جو نالو وٺي هلائينديون جنڊ. پوءِ ڏڌ ولوڙينديون. ان بعد چلهه تي ويهي نيرن پچائينديون. ٻارن کي ڪارائينديون سڀ ڪم ڪار لاهي پرت پرينديون. يا رلي ٽوپينديون ۽ ان دؤران ڀاڻ ۾ ڪچهري به ڪنديون. اڄڪلهه ته گهرن ۾ ماني پچائڻ لاءِ جدا نوڪر يا نوڪرياڻي ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ الڳ سبڻ لاءِ درزي وغيره پر اڳي ته زالون درزي به پاڻ بورچياڻيون پاڻ ته ڪپڙن ڌوئڻ واريون به پاڻ..! ايتري ڪم هوندي سدائين صحتمند...! ٽنڊي قيصر ۾ هاٿي اهي ڳالهيون ماضيءَ جو حصو بڻجي ويون آهن. جڏهن شادي مرادي ۾ سهرا چئبا هئا، هاٿي نه لائئون لهن نه آئيني ۾ منهن ڏسن ، نه ڪڙهيل کير مان ڍڪ پرائن. ڪنوار جي ڪمري ۾ پهچي گهرٽ 2 رڪعت نفل به ڪونه ٿو پڙهي. ۽ ازدوا جي زندگيءَ جي ڪاميابيءَ لاءِ ۽ هٿ مٿي کڻي دعائون گهري ٿو. جڏهن ته هاٿي اهي سيئي رسم ۽ رواج ڄڻ ته ڪي اڳ حقيقت هئا، سي داستان بڻجي ويا. محض يادگيريون وڃي رهيون. سهرن جي جاءِ فلمي گانن ورتي. اڳي جيڪي هي سهرا هوندا هئا:

لاوان دي ويلي لاڏل آيا..! سا نري لاڏل تيڏي ماءُ...! لاوان دي ويلي بنا آيا.

هاڻي انهن جي جاءِ تي فلمن جا اهڙا ته گانا ڊيڪ تي وڄن ٿا، جو چئي ٻس ڪجي..!

ٽنڊي قيصر ۾ ڇوڪرن لاءِ پرائمري اسڪول، 25 مئي 1887ع تي قائم ٿيو.ان زماني ۾ هن کي ورنيڪيولر اسڪول سڏيو ويندو هو. هن اسڪول ۾ زرعي ڪلاس پڻ هلندو هو. هن اسڪول جي پنهنجي اسڪول سان لڳ زمين به هئي، ۽ 12 گهنٽا اسڪول جي باغيچي لاءِ پڻ مختص هئا. اسڪول جي هن زمين تي پاڇي ۽ گاهه پوکيو ويندو هو. ڍڳن تي هر ايندا هئا. راقم هڪ اهڙو پنو به ڏٺو اسڪول جي رڪارڊ ۾ جنهن ۾ اسڪول جي هيڊ ماستر صاحب، ان وقت جي انسپيڪٽر اسڪولس کي لکيو آهي، ته اسڪول جي زمين جي هر وهڻ لاءِ ڍڳن جي تاريخ ڏيڍ روپيه 1:50 گهربل آهي، جيڪو مهرباني ڪري منظور ڪري ڏنو وڃي. جوابي پني تي ان آفيسر اهو ڏيڍ رپيو منظور ڪيو آهي. ورهاڱي بعد ان زمين تي ماڻهن قبضا ڪري، گهر ٺاهي ڇڏيا هاءِ اسڪول 54_1953ع ۾ سر عبدالحق ۽ حاجي عبدالحڪيم جي ڪوشش سان قائم ٿيو. ڇوڪرين جو پرائمري اسڪول 1948ع ۾ قائم ٿيو پر اڄ تائين هن کي عمارت نه ملي آهي. فضل محمد ڪالوني (ڀيلو ڪالوني) جي مالڪن ڇوڪرين جي پرائمري اسڪول لاءِ 6000 هزار فوٽ پلاٽ ڏنو آهي، پر هاڻي عمارت ڪيئن ٺهي.؟ اهو ٽنڊو قيصر وارن لاءِ سواليه نشان اهي.

ان کان علاوه هتي جانورن جو ڊڪ به هو. 1943ع ۾ هندن هڪ ڌرم شالا ٺهرايو. هن ڌرم شالا جي افتتاحي تقريب ۾ چون ٿا ته سنڌ جا مشهور ڀڳت آيا هئا، ۽ سڄي رات راڳ هليو. هن ڌرم شالا جا ڪجهه دڪان به هئا. ورهاڱي بعد آرڪائيو کاتي حوالي ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ هتي ڇوڪرن جي اسڪول جي برانچ قائم ڪئي وئي، راقم پڻ ننڍپڻ ۾ ان اسڪول ۾ ويندو هو. بعد ۾ ڌرم شالا واري جاءِ ۾ ڪن ماڻهن اوطاقون قائم ڪري ڇڏيون، جيڪي اڄا به قائم آهن..!

ٽنڊي قيصر ۾ پردي / "پاسي پاسي" جو رواج

چون ٿا ته 1943ع ۾ مياڻيءَ واري جنگ ۾ انگريزن جي فتح کان پوءِ، اسماعيل خان نظاماڻي ٽنڊو قيصر جي سموت نظاماڻين کي چيو ته هاڻي اسان جي حڪومت ختم ٿي چڪي آهي، ۽ ڌاريا انگريز هن ملڪ (سنڌ)

تي قبضو ڪري ويا آهن. تنهن ڪري منهنجي صلاح آهي، تہ هاڻي عورتن جي گهرن کان ٻاهر نڪرڻ تي پابندي لڳائي وڃي. ۽ هڪ ٻئي جي گهرن ۾ اچڻ ۽ وڃڻ لاءِ عورت جڏهن ٻاهر نڪري، تہ برقعو يا وڏي چادر ويڙهي ڪنهن مرد يا ڇوڪري کي اڳيان ڪري اهو مرد يا ڇوڪرو هي پڙهو ڏيندو وڃي تہ تہ "پاسي، پاسي ، پاسي." ۽ عورت ان جي پويان اچي. ان بعد اهو رواج شروع ٿيو. پوءِ گهٽيءَ ۾ اهو "پاسي، پاسي، پاسي." جو آواز جڏهن ڪوبہ مرد ٻڌندو هو تہ گهٽي تبديل ڪندو هو. جي ٻي گهٽي نہ هوندي هئي تہ پوءِ ان ئي گهٽيءَ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ مرد اکين تي هٿ ڏيئي، ڪنڌ هيٺ ڪري، پاسو وٺي بيهي رهندو هو جيستائين اهي اتان نہ گذري وڃن.

ٽنڊي قيصر جون منزل گاهون يا داخلي رستا

ٽنڊو قيصر جي آباد ٿيڻ کان وٺي ورهاڱي تائين، جڏهن بہ ڪو ڏاريو ماڻهو ٽنڊوقيصر ڳوٺ جي حدن ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ، "منزل گاهہ" تي پنهنجي سواريءَ (گهوڙو يا اُٺ) تان لهي، پوءِ پيادل ڳوٺ ۾ داخل ٿيندو هو. هڪ منزل گاهہ موجوده ملهہ جي موريءَ تي هوندي هئي، ۽ ٻي ڳوٺ صوبو خاصخيلي. جنهن کي هاڻي بالچاڻي موڙ چون ٿا، اتي هئي، ياد رهي تہ اڳي اتي موڙ نہ هو. اهو بعد ۾ باءِ پاس ٺهيو هو ان ڪري ان جاءِ تي موڙ ٿيو. جيڪڏهن ڪو ٻاهر جو عملدار ايندو هو تہ مٺي کوهہ واري باغ ۾ ڪيمپ هڻي ويهندو هو ڇاڪاڻ اهو هڪ عاليشان باغ هو جنهن جو مالڪ حاجي غلام علي خان هو. جنهن کي وڏن کان اهو باغيچو ورثي ۾ مليو. روايت آهي تہ هڪ دفعي نيپئر ڪنهن آفيسر کي ٽنڊو قيصر موڪليو ۽ نيپئر ان آفيسر کي چيو تہ "توهان جڏهن "منزل گاهہ" تي پهچيو، تہ گهوڙي تان لهي پوءِ اڳتي وڃجان..!" مذڪوره آفيسر بہ انگريز هو سو سڌو گهوڙي سوڌو ٽنڊو قيصر ۾ اندر اچي موجوده سائين محمد ابراهيم نظاماڻيءَ جي جاءِ واري پوئين گهٽيءَ ۾ اچي بيٺو. اتي نوجوان ڇوڪرن راند پئي ڪئي، انهن کي چيائين تہ چڱي مڙس کي سڏ ڪريو." ڇوڪرن وڃي ان چڱي مڙس کي ٻڌايو تہ "ٿسان ڪون گورا سڏيندا پيا هي" هو جڏهن ٻاهر آيو پري کان ڏٺائين تہ اهو عملدار گهوڙي تي چڙهيو بيٺو آهي ان ڳالهہ تان ڪيس ڪاوڙ

آئي انهن ڇوڪرن کي چيائين تہ " گورا گهر ڪنهن مٿا ن چڙهيا ٻيٺا هجي ٻُڌ وجهو گوري ڪون گهوڙي تون ڪرائي ڇوپلا ڪُر. واليُن وچ مٽي وجهي گهوڙي تي چاڙهہ ڇوڙوس.." بس، ڇوڪرن جي ڳالهہ ٻڌڻ جي دير هئي، سو اچي ان انگريز کي ڦري وِيا ڪيس ڇڪي گهوڙي تان ڪيرائي ڇوپلو ڦري ۽ گهوڙي تي چاڙهي روانو ڪري ڇڏيو. چون ٿا تہ جڏهن اهو عملدار حيدرآباد ۾ قلعي ۾ پهتو تہ نيپئر کي چيائين تہ "قيصر جي ٽنڊي وارن مون سان هي سلوڪ ڪيو آهي.." جنهن تي نيپئر حڪم ڏنو تہ هينئر جو هينئر قيصر جي ٽنڊي تي فوج ڪشي ڪئي وڃي. ان وقت اتي ٽنڊي ڄام جو ڪو مير صاحب پڻ ويٺل هو. تنهن نيپئر کي چيو تہ "پهرين تون هن کان اهو تہ معلوم ڪر، تہ هنن توسان اهو سلوڪ ڪهڙي جاءِ تي ڪيو آهي..؟" جنهن تي هن کان نيپئر پڇيو تہ "ٻڌاءِ ڪهڙي جاءِ تي واقعو ٿيو آهي...؟" ان ورائيو تہ آئون منزل گاهہ کان اڳتي وڃي نظاماڻين جي گهرن وٽ گهوڙي تي چڙهي بيٺو هوس تہ اتي ائين ٿيو. چون ٿا تہ پوءِ ان کي نيپئر چيو تہ قيصر جي ٽنڊي وارن سان اسان جو معاهدو ٿيل آهي، تہ اسان جا ماڻهو منزل گاهہ کان اڳتي پيادل ڳوٺ جي حدن ۾ داخل ٿيندا، ان ڪري اسان انهن خلاف ڪابہ ڪارروائي نٿا ڪري سگهون، ڇاڪاڻ تہ تو ان جي خلاف ورزي ڪئي آهي. چون ٿا تہ پوءِ ان عملدار کي واپس برطانيہ موڪلي ڇڏيو.

(نوٽ هي ٻڌل روايت آهي، باقي حقيقت جي خبر خدا کي)

ٽنڊي قيصر جا کوهہ

ٽنڊي قيصر ۽ ڀرپاسي ۾ ڪيترائي کوهہ هئا. راقم ڏي انهن بابت مڪمل احوال موجود هو پر ضايع ٿي ويو. هاڻي جيڪي ڪجهہ ياد آهي، تن بابت لکجي ٿو.

(1) **پراڻو کوهہ:** هي کوهہ نظاماڻين جڏهن ڳوٺ آباد ڪيو تنهن زماني ۾ کوٽيو ويو هو بعد ۾ هن کي "خيري وارو کوهہ" سڏيو ويو. هي کوهہ موجوده عاشق علي وارن جي باغ ۾ هو.

(2) **پٽائي صاحب جي فقير ملن جي کُهي:** چون ٿا تہ هي شاهہ جي اوتاري ۾ هئي. لٽجي وئي هئي بعد ۾ قائم خان خيرپور واري نئين سري سان کوٽائي (3) **کارو کوهہ:** نانا سائين حاجي احمد خان نظاماڻي ٻڌايو تہ

هي کوهہ الودي خان ۽ قيصر خان اڌ وهيءَ ۾ کوٽايو هو. ان وقت نہ هي ۽ نوجوان هئا ۽ نہ وري پوڙها. ان جو سبب اهو ٻڌايائين تہ هنن چيو تہ اسان ڪنهن مهل شڪار تي، ڪنهن مهل سفر تي پويان پري کان پاڻي پرڻ جي ڏکيائي ٿئي ٿي، ۽ ٻيو سبب اهو بہ هو تہ ان پراڻي کوهہ جو پاڻي گهڻو کارو ٿي ويو هو.

(4) غلام محمد واري کوهہ: هي کوهہ الودي خان جي فرزند غلام محمد کوٽايو هو.

(5) ٻڙ وارو کوهہ: هي کوهہ رئيس احمد خان جو کوٽايل هو

(6) ٻڙ واري مسجد جي کُهي.

(7) ڪارخاني وارو کوهہ: هيءَ کوهہ ان جاءِ تي هو جتي هينئر عبدالستار قيصراڻيءَ جو پلاٽ آهي. پر هن جو پاڻي نار ذريعي ڦٽين جي ڪارخاني ۾ ويندو هو ان ڪري هن کي ڪارخاني وارو کوهہ سڏبو هو هي شايد محمد خان ولد خدا بخش (اول) کوٽايو.

(8) مٺو کوهہ: (نار وارو کوهہ): وڏن کان روايت آهي تہ ٽنڊو قيصر ۾ پاڻي کارو ٿي چڪو هو. پوءِ بزرگن سوچيو تہ هاڻي ٻيو کوهہ کوٽجي. ان تي مائي خيري پنهنجي ماتيجي ياءَ نواب غلام علي خان جي پوٽي، حاجي غلام علي خان ڏي پنهنجا سمورا سونا زيور، هڪ وڏي ڇڄ ۾ پري کڻي آئي ۽ چيائينس تہ تون هي وڪڻي کوهہ کوٽاءِ پوءِ حاجي غلام علي خان پنهنجي ذاتي زمين ۾ کوهہ کوٽايو ۽ ٻيو ڪافي خرچ حاجي غلام علي خان پاڻ ڪيو ۽ حاجي غلام علي خان جي ننڍي ياءَ شهيد غلام حسين خان بہ هڪ سوني ڪنٺ مال کوهہ جي تعمير ۾ ڏني.

قدرت خدا سان هن کوهہ جو پاڻي تمام مٺو نڪتو جيڪو اڄ بہ اهڙو ئي آهي ۽ الله پاڪ جي مهربانيءَ سان هيءَ کوهہ اڄ بہ بہ قائم آهي، ۽ انشاالله تعاليٰ قيامت تائين قائم رهندو ۽ هن جو ثواب جاريہ کوهہ کوٽائيندڙن کي ملندو رهندو.

9 ٻلي کوهي: هي کوهي ڏاکڻي پاڙي ۾ هئي ۽ حاجي بهادر خان ڪہ ٽائي هئي.

(10) بکراڻين وارو کوهہ: بقول چاچي نواز عليءَ جي هيءَ کوهہ سندن وڏي ڏاڏي يارمحمد پنهنجي زمين ۾ کوٽايو هو.

(11) مرزي وارو کوهہ: هي کوهہ مرزي خان ثاني کوٽايو هو.

(12) جامع مسجد وارو کوهہ
(13) ڏرمر شالا وارو کوهہ: هي هنڌن جو ڪوٺايل هو، راقم کي بہ ياد آهي بازار جا ماڻهو هتان پاڻي ڀريندا هئا.
(14) بخاري سيدن جو کوهہ:
(15) حاجي خان واري کوهي: هي کوهي حافظ حاجي غلام محمد خان وارن جي اصلي گهر ۾ هوندي هئي

ٽنڊي قيصر جون مسجدون

(1) **اسٽاپ واري مسجد:** هيءَ ٻڙ واري پڙ سڏبي هئي نظامائين سڀ کان پهرين هي مسجد ٺهرائي، روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ نواب غلام علي خان بہ هتي نماز پڙهندو هو.
(2) **جامع مسجد:** هتي پهرين ميون محمد صلاح مثنوي خوان جو مدرسو ۽ مسجد ٺهيا. (تفصيل ڪونہ ٿا لکون)
(3) **حمزائين واري مسجد:** بقول چاچي نواز عليءَ جي هي مسجد شاهہ جي اوتاري واري دؤر جي آهي پٺائي صاحب پڻ نماز پڙهي (والله اعلم با الصواب)
(4) **ڪاري ڪوهہ واري مسجد:** وڏا چون ٿا تہ پهرين هتي ننڍي مسجد هئي پوءِ احمد خان وڏي ڪري ٺهرائي.
(5) **فيروز واري مسجد:** هن مسجد واري جاءِ تي، حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس الله سره جن وضو ڪري بہ رڪعت نفل جا پڙهيا هئاتنهن ڪري سندس خاص مريد، فيروز فقير انهي جاءِ تي مسجد ٺهرائي. پهرين مسجد هڪ صف واري هئي، بعد ۾ حاجي عبدالحڪيم نئين سِر ٺهرائي، ۽ صفحي واري جاءِ حاجي شاهہ محمد پنهنجي زمين مان ڏني فيروز فقير واري دؤر جو صُفو موجوده دالان واري جاءِ تي هو.
(6) **بکرائين واري مسجد:** هن جو باني يارمحمد ولد عبدالله بکرائي آهي.
(7) **مغلن جي پاڙي واري مسجد:** هيءَ مسجد حاجي الله بچايو شيخ ٺهرائي.
(8) **مدينہ مسجد:** هيءَ مسجد، ماستر ڪيولرام ۽ سندس پائرن جي هندستان لڏي وڃڻ بعد، سندن گهرن مٿان ورهاڱي کان پوءِ لڏي آيل مهاجرن ٺهرائي.

(9) مسجد اقصيٰ: هن مسجد جو پلاٽ، سائين روشن علي شاهه رضوي جن ڏنو ۽ حاجي پيربخش پلاٽ ٺهرائي.

(10) نور مسجد: هيءَ مسجد حاجي شاهه محمد نظاماڻي سندس زمين تي ٺهرائي

(11) نوراحمد جي ڪالونيءَ واري مسجد: هيءَ مسجد ڪالونيءَ وارن پاڻ ۾ گڏجي ٺهرائي.

(12) لياقت وارن جي مسجد: هي مسجد جمن وارن جي ڪالونيءَ جي سامهون، لياقت نظاماڻي سندس گهر واريءَ کي مليل زمين تي ٺهرائي.

ٽنڊي قيصر ۾ لڏي ويل ذاتيون:

(1) پچارا، هي ٽنڊي آدم لڏي ويا (2) کٽي (3) چاڪي (4) ملاح، هنن مان ڪي رهن ٿا. (5) رنگريز (6) واڍا (7) واڻيا (8) مهاجر ـ هنن ۾ شيخ صديقي ۽ سيد ذاتيون شامل هيون. (9) حجام (عمراڻي) کهڙ جا مائٽ (ڪنڀار) هڪ گهر اچا رهي ٿو: (10) نظاماڻي ـ هي بالچاڻي موڙ تي، موجوده حاجي خان واري زمين تي ويٺل هئا، جيڪي بلوچن ۽ ڪلهوڙن جي جنگ وقت ڪنڊو ڏي لڏي ويا، اتي هن وقت صوبو نظاماڻي نالي ڳوٺ ۾ آباد آهن، ۽ نظام خان جي فرزند مبارڪ جو اولاد آهن. (11) ملان: هي نصرپور لڏي ويا هاڻي ميمڻ سڏائين ٿا. (12) ساتي: ٽنڊو محمد خان، ٽنڊوآدم ۽ ٽنڊو ولي محمد (حيدرآباد) ڏانهن لڏي ويا. هاڻي عيساڻي سڏائين ٿا. هنن ۾ سومر ساتي مشهور هو هي ڪاري ڪوهه تي پلا ڪٽي ايندو هو. 1955ع ۾ گذاري ويو، وڏا ٻڌائيندا هئا، ته سومر ساتيءَ جا پلا ڏاڍا پلا هوند اهئا. سومر ساتي چوندو هو ڪايو سومر جا پلا ڪايو پوءِ ڪونه ملندو..! سومر ساتيءَ جو تڪيو ڪلام هو:

"نظاماڻين جو قرب رڳو سومر جي پلي تي آهي..! باقي هون سڙيو مرن!" باقي هوئنئن سڙيو مرن وغيره..! سومر ساتي جو پوٽو پروفيسر نثار احمد عيساڻي، سنڌ يونيورسٽي ۾ پروفيسر آهي، ٽنڊو محمد خان ۾ رهي ٿو.

متفرق ڳالهيون / روايتون

خيراڻي محلي جو شيرعلي، سائين ڪيولرام جو تمام گهڻو عقيدت مند هوندو هو ۽ سائين ڪيولرام جو به ساڻس تمام گهڻو قرب هوندو هو. سائين ڪيولرام ان زماني ۾ اخبار وٺندو هو جيڪا هفتيوار هئي، سا شيرعليءَ کي

پڙهي ٻڌائڻ لاءِ ڪاري ڪوهہ تي هلي ايندو هو. چون ٿا تہ شيرعلي چوندو هو تہ سائين ڪيولرام منهنجو مرشد آهي. سائين ڪيولرام وارن جو گهر ان جاءِ تي هو چون ٿا جتي هن وقت مدينہ مسجد آهي.

مٺي ڪوهہ تي ڪاٺ جي نار جو رواج پوڻ: چون ٿا تہ بصرمل جو کوڪاڄ جو وڏو ويت هو ان ۾ گهڻي پاڻيءَ جي ضرورت هئي. مسلمان ڪوهہ جي پاڻيءَ واري ٻوڪي کي، ڪنهن هندو کي هٿ لاهڻ نہ ڏيندا هئا. بصرمل چيو تہ مون کي ڪوهہ نار هڻڻ ڏيو پوءِ ڪاڄ کان پوءِ لاهي ڇڏيندس. هنن بصر مل کي اهڙي اجازت ڏئي ڇڏي اهڙيءَ طرح مٺي ڪوهہ تي نار جو رواج پئجي ويو.(بصرمل جي گهر واري جاءِ اڃا بہ ان حالت ۾ موجود آهي. جنهن جاءِ ۾ غلام رسول خان هن وقت رهي ٿو سا جاءِ چون ٿا تہ "بصرمل جي ماڙي" سڏبي هئي) اهڙيءَ طرح هيءَ ڪاٺ جو نار هلندو رهيو. آخري دفعو راقم جي پڙ ڏاڏي، حاجي غلام محمد ڪاٺ جو نار ٺهرايو 1948ع ۾ اهو سائين علي محمد شيخ جي ڏاڏي، علي محمد واڍي ۽ سندس شاگرد ٻچي شيدي ٺاهيو هو. ان ۾ ٻارن جي ويهڻ لاءِ ڪرسيءَ نما جاءِ بہ ٺهرائي هئائين. هاڻي جڏهن نار جو ذڪر ٿيو آهي، تہ اهو بہ ٻڌائيندو هلان، تہ هي ڪيئن ٺهيل هو. ڪاٺ جو نار راقم ڪونہ ڏٺو پر چون ٿا تہ ان جي بناوت هي هئي. مٿي مهرو ۽ چڪر ۽ هيٺ هڪ پاڻوبيا ڍينگهو هوندو هو. چڪر ۾ هيٺان آرا هوندا هئا، جيڪي ڍينگهي کي ڦيرائيندا هئا. چڪر ۾ مٿان ڏکهي ڪاٺ جي ڳاڌي هوندي هئي، جيڪا پڙ ۾ ساڄي ڦيري سان ڦرندي آهي. ۽ چڪر کي ڦيرائي ٿي. نار ۾ بہ چڪرون ۽ هڪ وڏو ڍينگو جنهن جي مالھ ۾ ٺڪر جون ڪنگريون يا لوٽا، جيڪي هيٺيان پاڻي سان ڀرجي مٿي ايندا ۽ پارڇي ۾ هارجي، نئيسر جي ذريعي ٻاهر ايندو. راقم کي سندس ڏاڏو عبدالواحد ٻڌائيندو هو تہ مالھ ۾ ارڙيون ۽مٿان لوٽا يا ڪنگريون ٻڌبيون هيون، جنهن کي ڍين مان ٺاهيندا هئا. راقم جو ڏاڏو ۽مولوي عبدالرحمن اها مالھ ٻڌنداهئا.ان بعد لوهي نار جو رواج اچي ويو هن وقت لوهي نار لڳل آهي. البتہ ڳاڌي اڃا بہ ڪاٺ جي آهي.

هڪ دلچسپ واقعو

ٽنڊي قيصر ۾ ڪاري ڪوهه واري اڳي مسجد جي ڇت تي، مدرسي جي ڪتابين ۾ خيراڻي ڇوڪرن گڏجي اُٽ کي چاڙهيو: ڇوں ته ته انگريزن جو دؤر هو سردار احمد خان ڏي ڪو مهمان آيل هو. سو رات جو اوطاق تي ستو پيو هو صبح جو اٿي ته اُٺ آهي ئي ڪونه..! ان دؤران رئيس احمد خان به اچي ويو. جنهن يڪدم پيريءَ کي گهرايو. پيري گهڻي ڪوشش ڪئي پر اُٺ جو پير، خيراڻي پاڙي کان ٻاهر نڪري نه نيٺ پيري رئيس کي چيو ته هاڻي ڪتابين کان معلوم ڪريو، ته اُٺ ڪٿي آهي ان تي رئيس ڪتابين کان پڇيو ته اُٺ جي اوهان کي خبر آهي ڪتابين..؟ چيو ته ها...! رئيس چيو ته ڪٿي آهي..؟ ڪتابين چيو ته مٺائي کاراءِ ته ٻڌايون..! ان تي رئيس چيو ته مٺائي جيڪا چوندو ملندي پر اُٺ ڪٿي آهي..؟ ڪتابين چيو ته اُٺ مسجد جي ڇت تي ويٺو آهي..! ڪنهن کي اعتبار نه آيو نيٺ رئيس پنهنجي ڪنهن ماڻهوءَ کي چيو ته نم تي چڙهي ڏس..! اهو ماڻهو چڙهي ڏسي ته برابر اُٺ ڇت تي ويٺو آهي، ۽ اڳيان گوڏا ٻڌا پيا آهن. (ان زماني ۾ چوں ٿا ته مسجد جي ڇت 16 فوٽ مٽي هئي) ان همراهه رئيس کي چيو ته اُٺ برابر ويٺو آهي. تنهن تي رئيس ڇوڪرن کي چيو ته اٺ جيئن چاڙهيو اٿو تيئن لاهي ڏيو توهان کي ٻيڻي مٺائي ڏيندس.

ڇوڪرن دير ئي ڪانه ڪئي، ڪڙيئي ملهه جي واري زمين تان ٻاجهريءَ جا سڪل ڪانا پيا هئا ڪٺي مسجد جي اولهه واري طرف کان اهڙ ي طر حر ڪيائون جو جهڙي طرح ماڙيءَ جا ڏاڪا ناهيا آهن (ان زماني ۾ مسجد کان اولهه خالي ميدان هو. جايون ڪونه هيون) ۽ مسجد جي ڇت برابر اهي ڪاني، رکي، اُٺ کي ائين لاٿائون، جيئن ڏاڪن تان لهبو آهي.
(قصه مختصر ٻڌل روايت آهي)

ٽنڊو قيصر جي پر مان درياهه ۾ وهندو هو

وڏا ٻڌائيندا هئا ته هتان درياهه وهندو هو ۽ ان جي تصديق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي هن بيان مان ٿئي ٿي. ڊاڪٽر بلوچ " رهاڻ هيرن ڪاڻ " جي جلد "چوٿين " ص 98,97 تي لکي ٿو ته. قديم اگهم شهر . ان وقت جي

درياهہ جي ڪنڌي تي آباد ٿيو. جنهن جو ڏورو شهر لڳ موجود آهي. اڳتي لڪي ٿو تہ تحقيق ڪنڌيءَ معلوم ٿيو تہ ڪنهن وقت وڏو درياءَ" ڦٽو" اتر طرفان ايندو هو ۽ نصير واهہ جي گيساني واري ريگيولٽر ڪان ڏکڻ طرف ٿي ساخون ٿيندو هو.

(1) اپرنديں شاخ..! ٽنڊوالهيار ڪان ڏکڻان. گولي هاليپوٽي جي ڳوٺ ڪان، شفيع محمد اوٺي جي ڳوٺ ڪان، ماٽڪ لنجواڻيءَ ڪان، گُجر ڪوٽ ڪان، اچي وچين شاخ سِڪٽي سان ملي.

(2) وچين شاخ..! سڪٽي اتران آبڙي، کوکر، داد جروار، ۽ زنئورن ڪان، اگهاماڻيءَ جي اوير ڪان، ۽ پوءِ گلاب لغاري ۽ پير حسين شاهہ ڪان، صابن دستيءَ وٽ اپرندي شاخ سان ملي.

(3) الهندي شاخ سُتياري! ٽنڊي قيصر ڪان حسين خان ٽالپر (چُڪي) ڪان ڏئونرا هنگورا، ٽنڊي فضل، راڃي جو ڳوٺ، باقر جو ڳوٺ، سُتياري، ڪچر، مانباڻ، ۽ پوءِ هيٺ درڙي ڪان هي سُتياري شاخ وچي سِڪٽيءَ سان ملي. اتان هيٺ ٽيئي شاخون گڏ يڪو درياءَ تي ڳوٺ آرائين، ڳوٺ ڇتو مادلاڻي ۽ پوءِ هاشماڻين ڪان وچي ٿو پراڻ ۾ پوي. اتي ٽي ڳنڍيا هئا، تہ جيئن پراڻ جو پاڻي وري پوئتي ڦٽي درياءَ ۾ نہ چڙهي.

هڪ ٻيو واقعو

انگريزن جڏهن سنڌ ۾ ريلوي نظام ٺاهيو پئي تہ ڪراچي ۽ حيدرآباد تائين ريل جي لائين پهتي. تہ انگريزن چاهيو تہ ٽنڊي قيصر مان پراڻي رستي سان لڳ ريل جي لائين حيدرآباد ڪان بمبئي تائين وڇايون. پر ان تي نظاماڻين اعتراض ڪيو تہ ريل اسان جي ننڊ ڦٽائيندي. اسان نہ ٺاهڻ ڏينداسين مجبوراً انگريزن ڪم بند ڪري ڇڏيو. گهڻي عرصي ڪان پوءِ اها لائين ٽنڊو ڄام ڪان وچائي وئي.

حاجي ڪريم بخش نظاماڻي (بقاملون) چوندو هو تہ انگريزن پراڻي رستي (حيدرآباد بمبئي) واري ڪي پڪپ ڪيو ٿي. پٿر بہ لٿا هئا پر انهن ڏينهن ۾ ٻي عالمگير جنگ شروع ٿي وئي. پوءِ ان ڪري هي روڊ نہ ٺهي سگهيو.

ٽنڊو قيصر ۾ اريگشن جي کاتي وارن جون آفيسون ۽ ريسٽ هائوس ٻه هو جيڪو هن وقت ٻه زبون حالت ۾ موجود آهي. هن جي پهرين عمارت 1916ع ۾ ٺهي هئي. هتي ايس ڊي او- داروغو سب انجنيئر ۽ انجنيئر جون آفيسون هيون. بعد ۾ هن نصير ڊويزن جون آفيسون ٽنڊو محمد خان منتقل ٿي ويون. چون ٿا ته اصل ۾ هي زمينون ۽ سر سائين عبدالحق وارن جون زمينون رئيس احمد خان الوداڻيءَ جون هيون. راقم کي سندس ناني ٻڌايو ته سر عبدالحق وارن جون زمينون، جيڪي سرڪاري بنگلي جي پويان آهن. سي رئيس احمد خان، قاضي سيف الله راڄپر وارن کي ڏنيون، جيڪي بعد ۾ سندس پونئيرن وڪڻي ڇڏيون. جتي هن وقت اسٽاپ تي ٻڙ واري ڪڏ آهي. اها اجاءِ رئيس سردار احمد خان الوداڻي جي هوند ي هئي. موجوده حاجي غلام رسول خان (ٻچل خان) جي اوطاق جي ڏاکڻي دنگ کان وٺي، سائين روشن علي شاهه جي بنگلي تائين، سموري ايراضي رئيس جي ملڪيت هئي. (ڪڏ ته بعد ۾ ٿي آهي، جو اتان ماڻهو واري کڻندا هئا. خود راقم به اتان واري کڻي هئي)

ناناسائين مرحوم ٻڌائيندو هو ته ڏاڏا احمد خان اتي هڪ ٻڙ جو وڻ، ۽ هڪ نم جو وڻ پوکيو هو ۽ انهيءَ ٻنهيءَ جي وچ ۾ هڪ کوهه کوٽايو جتان ماڻهو پاڻي پريندا هئا. شروع واري زماني ۾ اُٺن جي قافلي وارا هن جاءِ ۾ آرام ڪري پوءِ اڳتي روانا ٿيندا هئا، ۽ انهن جي طعام قيام جو بندوبست، سردار احمد خان ڪندو هو. (قصه مختصر)

هڪ دفعي راقم کي چاچي ميرمحمد صاحب ٻڌايو ته موجوده يونين ڪائونسل واري جاءِ ۽ پاسي واريون ٻيون جايون، اها سموري ايراضي رئيس وڏي قيصر خان جي اوطاق هئي. جڏهن رئيس قيصر خان گذاري ويو ته سندس تڏو به اتي ٿيو هو ۽ ڇهن مهينن تائين ماڻهو فاتح خوانيءَ لاءِ ايند ارهيا.

(والله اعلم با الصواب)

ٺٽو قيصر ۾ رهندڙ ذاتيون

سنڌ جي ٻين شهرن جيئان ٺٽو قيصر ۾ پڻ ڪيترين ذاتين جا ماڻهو رهن ٿا، جن مان ڪي ذاتين جا ماڻهو ٻوءِ آيا، ته ڪي وري ڳوٺ قائم ٿيڻ سان گڏ.

(1) <u>نظاماڻي:</u> نظاماڻي اصل ۾ رند قبيلي جو هڪ پاڙو آهن. هي پنهنجي مؤرث اعليٰ نظام خان جي پٺيان پاڻ کي نظاماڻي سڏائين ٿا. اصل ۾ نظاماڻي بلوچ آهن. بلوچن جو اصل وطن بلوچستان آهي. ڪتاب" بلوچ اور ان ڪا وطن" ۾ مصنف فاروق بلوچ لکي ٿو ته بلوچ ڪرمان ۽ مڪران کان ٻاهر جا ڪين آهن. فاروق بلوچ مولانا عبدالله درماني ۽ قاضي عبدالصمد سربازي جي حوالي سان لکي ٿو ته بلوچ مڪران جا قديم رهواسي آهن. ۽ اهي حضرت نوح جو اولاد آهن. هڪ ڀاءُ جو نالو مڪران بن سنڌ بن سام بن نوح هو ۽ ٻيو ڀاءُ ڪرمان بن سنڌ بن سام بن نوح هو. بابل ۾ جڏهن ٻوليون ورهائجي ويون، ته حضرت ڪرمان، ڪرمان ۾ ۽ حضرت مڪران، مڪران ۾ آباد ٿيا. ۽حضرت مڪران بلوچي ٻوليءَ کي متعارف ڪرايو جيڪا اڄ تائين مڪران ۾ رائج آهي.

بهرحال جيڪي لکن ٿا ته بلوچ، شام کان آيا حلب کان آيا، انهن کي گهرجي ته فاروق بلوچ مولانا عبدالله دهرماني ۽ مولانا عبدالصمد سربازي کي پڙهن، ٻوءِ ڪا راءِ ڏين. هن وقت جديد دؤر آهي، طوطي وانگر رٽايل تاريخ پڙهڻ جو دؤر ناهي. مولانا عبدالله دهرماني ۽ مولانا عبدالصمد سربازي بلوچن متعلق ڪيترائي مضمون، "ماهوار بلوچي دنيا" ۾ لکيا آهن. جيڪو ملتان مان "چاڪر خان بلوچ جي نگرانيءَ ۾ نڪرندو هو". راقم ڏي بلوچي دنيا جا ڪجهه پرچا موجود آهن. (هي تصواتي ٿي ختم ڪريون ٿا)

هاڻي اچون ٿا اصل موضوع تي، ٽنڊو قيصر ۾ رهندڙ سمورا نظاماڻي نظام خان جو اولاد آهن. هنن مان نظراڻي ، قيصراڻي، الوداڻي، بڪراڻي، زدراڻي نظام خان جي فرزند، شاهه علي فقير جي فرزند، حسين خان جو اولاد آهن. البته حمزاڻي پاڙي وارا شايد مبارڪ جو اولاد آهن. ان کان علاوه نظراڻي پاڙي ۾ رهندڙ ڏنو بخش مرحوم ۽ ان جي ڀاءُ جو اولاد، هي نم جي ڳوٺ جا لشڪراڻي آهن. يعني شادن جو اولاد، ان کان سواءِ فاروق وڏي هوٽل وارا به نم جي ڳوٺ جا آهن. ۽حاجي اميد علي وارا ڳوٺ باگو وداداڻي جا آهن باقي ٻيا نظراڻي پاڙي ۾ رهندڙ سڀ شاهه علي فقير جو اولاد آهن.ان کان علاوه هتي هڪ ٽالپرن جو گهر به آهي، جيڪي پاڻ کي نظاماڻي سڏائين ٿا.

(2) سيد: سيدن ۾ رضوي ۽بخاري رهن ٿا. ڪاري ڪوهه وارا بخاري سيد آڳاٽا آهن. ۽ ان کان علاوه مگنهار پاڙي ۾ جيڪي بخاري سيد آهن، سائين علي شير شاهه وارا، انهن جو والد صاحب سائين محمدشاهه درويش، اڏيري لال طرف جو هو. پاڻ پير سائين سورهيه بادشاهه جي بيعت ٿيل هئا.(روايتن مطابق سائين محمد شاهه درويش جا ناناڻا هتي جا هئا، پاڻ انهن جي ئي حويلي ۾ رهيا. رضوي سيد: هي شاهه پوٽا سيد سڏبا آهن. هي ميرن جي ٻي چوياريءَ جي دؤران شايد هتي آيا آهن، ڪين احمد خان نظاماڻي وٺي آيو. (روايت مطابق) هتي مينگهواڙ ۽برهمڻ به رهن ٿا.

(3) ٽيبا: هي ميان سڏبا آهن ۽ ٽيٽائي صاحب رح جي خليفي مولوي ميون محمد صلاح جواولاد آهي، هنن ۾پهريون ميون محمد صلاح(اول) هتي آيو هو.

(4) راڄپر: هي پاڻ کي ڪوري به سڏائين ٿا. هي مير مراد عليءَ جي دؤر ۾ هتي آيا.

(5) مگنهار: بقول فقيرمحمد جي ته اسين اصل ۾ پٺاڻ آهيون، هي شايد ڪرم جي ڳوٺان آيا، البته هڪ گهر ڳوٺ ٿائم ڀيرمان آيو.

(6)ڪنڀر: هي پاڻ کي چنا سڏائين ٿا ۽ بعد جا آيل آهن.

(7) لوهار: هي پاڻ کي سما سڏائين ٿا، چون ٿا ته خيري خان جا ويهاريل آهن.

(8) خاصخيلي: ٽنڊو قيصر جي خاصخيلين ۾ مختلف ذاتين جا ماڻهو شامل آهن، هتي اها وضاحت ڪرڻ نه ٿا ڪريون.

البته هنن ۾ ٻائي جي پاڙي وارا نظاماڻين سان گڏ ئي آيا هئا. هنن ۾

هاڻي هڪڙو خاندان ويءِ واري خاصخيلين مان بہ رهي ٿو ۽ هڪ خاندان ڳوٺ باقر نظامائيءَ جو بہ آهي، ٻائي هڪ عورت جو نالوهو جيڪا تمام نيڪ عورت هئي ۽ ٻرادريءَ جا فيصلا ڪندي هئي. چاچي ابراهيم ٻڌايو تہ اسين اصل ڏيٿ (عمرڪوٽ) طرف جا آهيون. ڏاڏي آهيون ۽ اڳي نقير سڏبا هئاسين ۽ چاچي برادي وارا " خليفا" سڏبا هئا.

بقائي پاڙي وارا بہ پاڻ کي خاصخيلي سڏائين ٿا، پر اصل ۾ بقائي پاڙي ۾ ٻن ذاتين وارا رهن ٿا. هن وقت سڀ پاڻ ۾ مائيٽيون ڪن ٿا.

(9) پنيرا: هتي هڪ گهر پنيرن جو بہ رهي ٿو پر هاڻي پنيرا کونہ سڏائين

(10) ڏيشڪ: گل بهار وارا اصل ڏيشڪ آهن. هي بلوچ آهن. اڳي بکراڻي پاڙي ۾ رهند اهئا هاڻي روجاڻي پاڙي ۾

(11) پنهور: هنن جو بہ هڪ خاندان هتي رهي ٿو ۽ پاڻ کي "ڪنير" بہ سڏائين ٿا.

(12) روجاڻي: هي خود هڪ الڳ ذات آهي هالا طرف ديهہ روجاڻي بہ آهي

(13) ڪور: هنن جا ڪجهہ گهر ٽنڊو قيصر ۾ رهن ٿا پر اصل کان مرحوم سائين محمد بچل ڪور جو خاندان هتي رهندڙهو.

(14) شيخ : هن جا بہ گهر آهن. مغلن واري مسجد شيخن جي ٺهرايل آهي. ڪي شيخ هتان لڏي ٽنڊو سومرو وڃي رهيا.

(15) دايا: هنن جي اصل ذات ٻي آهي، ۽ ڏنڌي ڀويان دايا سڏيا آهن.

(16) مغل: هي اصل ۾ پٺاڻ آهن. هنن جا بہ ڪجهہ گهر آهن.

(17) ملاح : هي ملاح پهرين ڪڙيو محمود تي ويٺل هئا، 1943ع ۾ ٽنڊو قيصر آيا. هنن ملاحن ۾ مرحوم چاچي محمد صديق جو والد اصل ضلع بدين جي ڏندو لڳ "نونار" ڳوٺ جو هو.

(18) ڪوڪر : (19) ڪلهوڙا (20) ڳاها: (هي پاڻ کي هن وقت شيدي سڏائين ٿا) (21) سنڌي پٺاڻ: هي 1900ع کان پوءِ آيا. هنن ۾ عارو ۽ ڪرم خان آيا. (22) قريشي هڪ گهر آهي.(23) شيدي: شيدين ۾ سڀ کان پهرين چاچي ڏاڏي بچي وارن جو وڏو آيو جنهن کي ٽالپر دؤر ۾ سردار احمد خان وٺي آيو هو ان جو نالو سومر هو. شيدين متعلق ڪجهہ معلومات جو ذڪر ڪجي ٿو رچرڊ برٽن لکي ٿو تہ سنڌ ۾ شيدين جون مکيہ ذاتيون هي آهن.

ڊنگريڪو، ڊونايوري، ڳاڙو، ڪمٽڪ، مڪوئاڊي، مڪوٽا، مريما، مريما ٿاٿي، ٽو وٽر، مياس، مياسيناڊا، مزگرا، متوئبي، مڪامي، مساگر، مدوئي، مڪوڊونگو نزيزميزا، ٺيامٿيزي، ظالما، زنزيگري.

سنڌي ۽ شيدي، جي اولاد ڪي ڳاڙو ۽ ٻي پيڙهيءَ ۾ قمبراڻي چوندا آهن. سنڌ ۾ گهڻن شيدين کي پنهنجي زبان ڪانہ اچي، ڪي ٿورا لفظ ايندا آهن. جي هنن پيءُ ماءُ کان ٻڌا هئا. هو اهڙا وڏڙهو آهن جو ميرن جي ڏينهن ۾ اهڙو ڪو جمعو ورلي گذرندو هو جنهن تي هو پاڻ ۾ تلوارن سان نہ اٽڪندا هئا. شيدين جا اباڻا لفظ ڪجهہ لکجن ٿا: شيدين جا انگ هن طرح آهن.

شيدڪا لفظ	سنڌي لفظ	شيدڪا انگ	سنڌي انگ	
اڪاجي	اڄ		هڪ	1
اڪانيڊا	هليو وڃ	موبا	ٻہ	2
اڪافيناڊا	وٺ	پير هي	ٽي	3
اڪجوڪولا	ڪٺي وڃ	تاهتو	چار	4
اڪوناهہ	ڪجهہ ڪونہ آهي	ممي	پنج	5
لمبانگو	پيٽ	ٽانو	ڇهہ	6
ماميا	ماءُ	ٽنداتو	ست	7
مارومي	ماڻهو	مفونگت	اٺ	8
مارمئي	منهنجو	منائي	نو	9
مرياڪو	تنهنجو	مپيا	ڏهہ	10
مريوري	هن جو	ڪمي	سئو	100
مسڪيرو	ڳن	ڪرش	هڪ هزار	1000
مزيوا	ڇاتي	ڪمي ڪرش	هڪ لک	10000
مگرو	پير			
اوڪاري	ويهہ			
سونبا	ميڇي			
اسامي	بيهڻ			

شيدڪي زبان هاڻي ڪالعدم ٿي وئي آهي. هاڻي اهو ممڪن ناهي تہ ڪو اهو لهجو وري اڀري ۽ رائج ٿئي. سنڌ ۾ مڙيمان شيدي اوچي ذات ليکي وڃي.

هتي شيدڪي زبان جا چند مڪالما درج ڪجن ٿا. فرض ڪريو هڪ شيدي ٻئي وٽ اچي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ ۾	شيدڪي ٻوليءَ ۾
اسلام عليڪم	هڪ- سين بہ سيتي
وعيلڪم اسلام	ٻيو- مالڪ سيتي
خوش آهين..؟	هڪ- بانبو بانبو..؟
هائو هائو..!	ٻيو- سئنا سئنا..!
ٻيو تہ خير آهي...؟	هڪ- منگ لو لو..؟
مرحبا مرحبا..!	ٻيو- مرابا مرابا..!
شيدي ڪيڏانهن ٿو وڃين..؟	هڪ- مڙيمان ٿوانڊي تيزاما..؟
هتي آيو آهيان..!	هڪ- هئڊ وڪي تيزاما..؟
شيدي ماني ڪائيندين ماني آڻيان..!؟	ٻيو- مڙيمان مڪاڊي بڪوٽي مڪاڊي بانتا..!؟
هائو..!	هڪ- سئنا..!
ماني ڪائبي يا پت؟ ٻوڙ آهي ڪونہ!	ٻيو- مڪاڊي بڪوديباڦونگاپوگ اڪونا گيما..!؟
شيدي ڏُڌ ڪٽي اچ..!؟	هڪ- مڙيمان سموڙي بانتا..!
مڇي آڻيا..؟	ٻيو- سماڪي بانتا..؟
ها!	هڪ- سئنا..!

شيدين جو ذڪر ٿئي ٿو ۽ "مغر مان" جو نہ ٿئي، تہ اها شيدين سان نا انصافي آهي. "مغر مان" ناچ جا شيدي سدا ملوڪ آهن. ڇاڪندا آهن جو دمر کي واس ڏوپ ڏئي، آڻي ميدان ۾ رکندا، پوءِ دمر کي پهرين ٻري لئي ۾ وڄائين، ان سان پهلو داري بہ رکن. پوءِ شيدي چوڌاري دمر کي ڦري ويندا، ۽

ڏانهين وانگر هڪ دائري ۾ نچندا به پيا ۽ ڏمر کي ڦرندا به پيا. پوءِ ڏمر جي لئي وڄندي تکي ٿيندي ۽ شيدي وڄندا ناچ ۾ مچندا. انهن چوٽ لئي هي اختتام لئي، ڏمر جا هي ٻول هوندا آهن:

ڏا،ڏا ڏٽ ، گڏ ٽ

اهي ٻول دهل جا نه آهن. ڏمر جي انهن ٻولن ۽ دهل جي جهمٽ جي ٻولن ۾ چال جي لحاظ سان ڪو فرق ناهي. شيدي انهي تال تي مواين (مخصوص دعايه شعر) چوندا آهن.

○

حوالا:

(1) ڪتاب: سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون

مصنف: رچرڊ برٽن

مترجم: محمد حنيف صديقي

شايع ڪندڙ: سنڌي ادبي بورڊ سال 1971ع ص 287,286,216,215

(2) ڪتاب: سنڌ جي مدنيت

مصنف: ابوالظفر سيد منظور تقوي

شايع ڪندڙ: سنڌي ادبي بورڊ 228,110,109

ٺنڊو قيصر ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ رح
جي اچڻ جو احوال

حڪايت 32[1]

”واحد ڏنو“ فقير، اسي سالن جو هو ان ڪان ميان حسين ڀڏو جنهن جي چوٿين پيڙهي ميان نور محمد وائيءَ واري (شاهه سائينءَ جو استاد) سان ملي ٿي. ميان حسين پاڻ سٺ (60) سالن جو آهي. عجب شخص آهي. اولياءَ صاحب (شاهه سائين) جو گهڻو ڪلام ياد اٿس. لطيفي سرور ۾ ٻيو ڪو به فقير سندس برابري نٿو ڪري سگهي. ان ٻڌايو ”واحد ڏني“ فقير، اولياءَ صاحب جي زيارت حاصل ڪانه ڪئي، پر چيائين ته مون ”نوڙهي“ قوم جي هڪ ماڻهوءَ کي ڏٺو هو. جيتوڻيڪ وڏي ڄمار جو هو پر طاقت وارو جوانن سان چنبي جي زور آزمائي ڪندو هو. نظر به سندس چٽي هئي. ان جا ڏند به سلامت هئا. مون کي جڏهن لطيفي لباس ۾ ڏٺائين، ته تمام محبت سان پيش آيو ۽ ٻڌايائين ته مون هنن گنهگار اکين سان حضرت اولياء صاحب کي ڏٺو هو. ديدار جي دولت حاصل ٿيم ۽ فيضياب ٿيس. ان وقت منهنجي عمر (35) پنجٽيهه سال هئي. ٺنڊو قيصر خان نظاماڻيءَ ۾ اولياء صاحب جماعت سان آيا هئا. سندس اچڻ جي خبر آسپاس پکڙجي وئي. جيئن ته آئون مسڪين ماڻهو هوس، گهڻو قرضي به هوس. گهريم ته رزق جي ڪشادگيءَ واسطي دعا لاءِ عرض ڪيان. سندن خدمت ۾ ويس ، آداب بجا آڻي ويٺس. ڏٺم ته نوراني جسم آهي. فقير نيرن جي ماني کائڻ ۾ مصروف هئا. پاڻ نظارو پئي ڏٺائون، جڏهن فقير کائڻ پيئڻ کان واندا ٿيا.

حضرت اولياءِ صاحب ڪمال ڪرم سان انهن کان پڇيو تہ مانيءَ جي ضرورت آهي يا بس؟ سيني چيو تہ ڍؤ آهي. ان کان پوءِ حضرت اولياءِ صاحب پنهنجي اڳيان ماني رکي هٿ ڌوئي مون کي سڏيو ۽ پاڻ سان ماني کائڻ جو حڪم فرمايائون. ادب کان گهڻو انڪار ڪيم، پر قبول نہ ڪيائون ۽ فرمايائون:

ننگا آهيون نڱا، اسين مارو لوڪ،
ٽر ڪي پانيون ٽوڪ، جو ولهہ ڍڪ ڍاٽيئڙن جو[1]

مطلب تہ اسان ننگ ناموس ڇڏيوسين، "مارو" ۽ "ڍاٽيڙا" جيڪي ٽرجا رهاڪو آهن، پاڻ کي انهن سان ڳڏيو اٿئون، ۽ چون ٿا تہ ٽر کي گهر تي ڇاتوسين، جو ماڪ ان ۾ داخل نہ ٿي ٿئي.

پوءِ "الامر فوق الادب" امر ادب کان وڏو آهي، ياد ڪري ساڻن گڏ ماني کائڻ ويٺس، پاڻ پورا ٽي ڪاڏائون، مون کي ماني کائڻ جو چوندا رهيا، جڏهن ڍؤ ڪيم تہ ڀهريان منهنجا هٿ ڌئارياؤن، ان کانپوءِ پنهنجن هٿن تي پاڻي هارياؤن. ان وقت پنهنجو غريباڻو حال ساڻن اوريم، ۽ خير جي دعا لاءِ عرض ڪيم. پاڻ فرمايائون تہ الله تعاليٰ مون کان وڌيڪ طاقت وارو ۽ مهربان آهي، ان ڏينهن کان وٺي خوشحال ۽ خوش گذارڻ لڳس. ڪڏهن بہ منهنجي طبيعت کي تڪليف نہ پهتي، ۽ هن پيرسنيءَ ۾ بہ جوانن جهڙو ڪم ڪريان ٿو،هن پيريءَ ۾ بہ جوانن جهڙي طاقت رکان ٿو. هن مان معلوم ٿيو تہ صاحب اولياءِ ڀهريان ماني فقيرن کي کارائيندا هئا. ان کان پوءِ پاڻ کائيندا هئا، جيڪو بہ عمدو سادو ڪاڌو ملندو هو تہ کائيندا هئا ۽ اعتراض نہ ڪندا هئا ڇو تہ ان کي الله تعاليٰ جي مدد تصور ڪندا هئا ۽ تڪليف نہ ڪندا هئا ۽ تڪليف جا گهوراب نہ هوندا هئا.(12)

سيد حسام الدين راشدي "لطائف" لطيفي" جي 32 حڪايت جي حوالي سان "حديقة الاولياءَ جي "مهاڳ" جي صفحہ 35 تي هن طرح لکي ٿو.

ٽوڙهي قوم جي شخص کان واحد ڏني فقير جي روايت ميان حسين جي زباني، جنهن شاہ صاحب کي ٽنڊي قيصر خان نظاماڻيءَ ۾ ڏٺو(2)

[1] هي بيت سرمارئيءَ جي ڀهرين داستان جو ڇهون نمبر بيت آهي "شاہ جو رسالو" 2009ع

حوالا:

(1) ڪتاب "لطائف لطيفي"

مصنف: مير عبدالحسين خان سانگي

مترجم: عبدالرسول قادري بلوچ

ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

ڇپائيندڙ: عبدالعزيز عقيلي سيڪريٽري ثقافت کاتو حڪومت سنڌ (سال 2012ع)

حڪايت 32

ص. 118،119

(ٻ) ٽه ماهي "الرحيم" ڀٽائي نمبر

سال: مارچ 1972ع

ايڊيٽر: علامه غلام مصطفيٰ قاسمي شاه ولي الله اڪيڊمي صدر حيدرآباد ص 11، 12.

(2) ڪتاب "حديقة اولياء"

تاليف: سيد عبدالقادر ٺٽوي / نصرپوري

تصحيح: سيد حسام الدين راشدي

ترجمو: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري

ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ سال 2007ع

ڪتاب جو مهاڳ

ص 35

حضرت سخي نظام رح

حضرت سخي رح، جو جنم ڪڏهن ٿيو؟ ان بابت پڪي طرح ڪنهن کي بہ معلوم نہ آهي، پر پاڻ مشهور بزرگ حضرت ميان مير رحہ جا همعصر ۽ دوست هئا. حضرت ميان ميررحہ 60_959 هہ ۾ ڄاوا ۽ 1046هہ ۾ وفات ڪئي. البتہ حضرت سخي نظام رحہ حضرت ميان مير رحہ کان عمر ۾ ڪجھ ننڍا هئا. پاڻ حضرت ميان مير رحہ، کان ڪجھ سال بعد ۾ وفات ڪئي اٿن. (خير قصئہ مختصر) سخي نظام رحہ شاهجهان بادشاهہ جي دؤر ۾ هفتہ هزاري امير هئا(ڏسو تعليقاتِ ڪتان فتح نامہ عظيم ٺٽوي ص 195 مضمون قيصر فقير نظاماڻي، ازحاجي شيرمحمد نظاماڻي سال 1967ع) ان کان علاوه ساڳئي ص 195تي حاجي شيرمحمد نظاماڻي لکي ٿو تہ "درملفوظات مصري شاهہ سڪنہ نصرپور نوشتہ ست ڪہ ميران شاهہ (ميان مير) و امير نظام باهم يڪجهتي و دوستي بود يڪ بار شاهجهان بر ميران شاهہ غصور ڪرديد و لشڪر ڪشي نمود نظام را خبر شد بافوج خويش مقابلہ نمود لشڪر شاهجهان رخ فرار نمود شاهجهان را خبرشد:

بسيار رنجيده خواست ڪہ دوباره لشڪر ڪش
نمايد ولي نديمان خاص ازين حرڪت باز آوردند [1]

هن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ميران شاهہ(ميان مير) ۽ نظام خان پاڻ ۾ هڪ ٻئي ۽ دوست هئا. وري جڏهن شاهجهان ڪنهن سبب ناراض ٿئي ٿو ميران شاهہ (ميان ميررحہ) تي، هن تي لشڪر ڪشي ڪري ٿو. پر جڏهن نظام خان کي اها خبر پوي ٿي، هو پنهنجي عزيزن ۽فوج سان شاهجهان جي لشڪر جو مقابلو ڪري ٿو ۽شاهجهان جي فوج فرار تي وڃي ٿي ۽ جڏهن شاهجهان کي اها خبر پوي ٿي، تہ ناراضگيءَ جو اظهار ڪري ٿو ۽ ٻيهر فوج ڪشيءَ جو چوي ٿو پر شاهجهان جي خاص صلاحڪارن ڪيس اهڙي

حرڪت ڪان منع ڪئي، هن بيان مان معلوم ٿئي ٿو تہ نظام خان پنهنجي دؤر جو هڪ بهادر ۽ دوستيءَ ۾ وفادار ڪردار ٿي گذريو آهي، جو هڪ دوست خاطر وقت جي بادشاهہ ۽عهدن جي پرواهہ نہ ڪيائين.

تنبڙي قيصر ۾ هڪ چوٽي مشهور آهي تہ "جاڳ سخي نظام تيڏا دلي تا دکن نام"ڪنهن نظاماڻيءَ جي ٻار جي اڳي جڏهن ڇوڪرن جي طهر ٿيندي هئي تہ ان جا مائٽ بسريون پچائي مائٽن ۽ پاڙي وارن کي کارائيندا هئا، انهن بسرين کي "سخي نظام جون بسريون چئبو آهي"سخي نظام کي پنج فرزندهئا.شاهہ علي فقير، مبارڪ فقير، شادن فقير، شادمان فقير ۽ غلام حيدر فقير- مبارڪ فقير، ميان يار محمد ڪلهوڙي جو وزيرماليات هو. هنن سيني ڀائرن جو اولاد پاڻ کي نظاماڻي سڏائي ٿو. ان ڪان علاوه سخي نظام جي ڀاءُ گاگن جي پٽ، بهليل جو اولاد پڻ پاڻ کي نظاماڻي سڏائي ٿو.

سخي نظام رح کي چوٽي بالا واري علائقي ۾ (عبدالشڪور نظاماڻيءَ جي روايت مطابق) شاهجهان بادشاهہ ڪرمان ڪان ايندڙ قافلن جي تحفظ لاءِ ويهاريو هن ڪان پهرين سندن رهائش اتي نہ هئي.

سردار عبدالمالڪ نظاماڻي، رهندڙ بستي شاهہ علي نظاماڻي، ضلع ديره غازي خان جي چوڻ مطابق، سخي نظام رحہ جو جنم "ڍاڍر" جي علائقي ۾ ٿيو. هت ياد رهي تہ سخي نظام رحہ مشهور بلوچ سردار، مير جلال خان جي نائين پيڙهيءَ مان آهي.

ميرجلال خان هن مڪران ۾ وفات ڪئي، هي ٻئي مڪران مان بينمپور ايران ويا رند ۽ ميرحسن بينمپور ايران ۾ گذريا، پهلوان بينمپور مان ٻين بلوچ سردارن سان گڏ هجرت ڪري ڪيچ ۾ آيا، ڪجهہ عرصو اتي رهيا، ڪافي عرصو ڪيچي ۽ ڪاڇي ۾ رهيا، ڪجهہ عرصو سبي ۽ ڍاڍر ۾ پڻ، سخي نظام چوٽي بالا ۾ رهيو ڪانئس پوءِ سندس فرزندن سنڌ ۾ هجرت ڪئي.

رند ← رند ۽ مير حسن مڪران مان نيهه (ايران ويا) انهن ٻنهي بيينمپور ۾ وفات ڪئي

↓

مير حسن

↓

پهلوان ← پهلوان بيينمپور مان ٻين بلوچ سردارن سان گڏ هجرت ڪري ڪڇيءَ ۾ آيا. ڪجهه عرصو اتي رهيا. ڪافي عرصو ڪاڇي ۾ به رهيا ۽ ڪجهه عرصو سِبي ۽ ڍاڍر ۾ پڻ!

↓

نوتڪ

↓

سهاڳ

↓

اسماعيل

↓

بهليل

↓

محمد

سخي نظام چوٽي بالا ۾ رهيو ڪانئس پوءِ سنلن فرزند سنڌ ڏانهن هجرت ڪئي

↓

مير گاگن نظام خان: ↕ پديو خان تنگو خان ۽ جاڙو خان

سخي نظام رحه جو سنڌ سان پڻ تعلق هو. سنڌ ۾ ڪيس ڪافي علائقن ۾ جاگيرون هيون. رحيمداد خان مولائي شيدائي ڪتاب "سنڌ ۾ رهندڙ بلوچ قبيلا" ۾ لکي ٿو ته نظاماڻين جي مورث اعليٰ "نظام خان" ڪي گوني، ديره محبت، عمرڪوٽ، بدين، گهوڙاٻاڙي، شهدادپور ۽ موري تعلقن ۾ جاگيرون هيون. مولائي شيدائيءَ جي هن حوالي مان ظاهر ٿئي ٿو ته نظام خان جو ذاتي طور سڌو سنئون سنڌ سان تعلق هو. نظام خان کي سنڌ ۾ جاگيرون آهن. ته لازمي آهي پاڻ به هنن جاگيرن تي ايندو هوندو.

نظام خان ڪان بعد ۾ جڏهن سندس پٽن جي وچ ۾ مذڪوره جاگيرن جي ورهاست ٿي هوندي، ته ان ئي دؤر ۾ هي سنڌ ۾ آيا هوندا. نظام خان جا فرزند جڏهن سنڌ ۾ آيا ته انهن ڏينهن اورنگزيب عالمگير هندستان جو حڪمران هو. سندس حڪمرانيءَ جي اوائلي سالن ۾ هنن سنڌ ۾ آمد اختيار ڪئي هوندي.

نظاماڻي سنڌ ۾

اهي بهادر ۽ شجاع قبيلا، جڏهن ڪنهن تنگ خطي ۾ گذران جي محدود وسيلن ۾ رهندي وڏي ويندا آهن، تڏهن ڪين فتوحات جو شوق ٿيندو آهي. اها هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ نظاماڻين جي مؤرث اعليٰ نظام خان کي سنڌ ۾ جاگيرون هيون. مغلن سنڌ ۾ پنهنجا قدم مضبوط ڪرڻ لاءِ بلوچ قبيلن کي سنڌ ۾ جاگيرون ڏنيون هيون، ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ مغلن جي فوجي طاقت جو دارومدار بلوچ افرادي قوت تي هو. همايون کي تخت تي ويهارڻ وارا بہ بلوچ ئي هئا، جن ۾ نظام خان جا وڏا بہ شامل هئا.ان ڪري همايون کان وٺي شاهجهان تائين مغل حڪمرانن بلوچن سان سٺي هلت ڪئي، جڏهن اورنگزيب دارا سان وڙهيو تہ ان خانداني ويڙهہ ۾ هن جي گرفت سنڌ تي ڪجهہ ڪمزور ٿي، ۽ ڪلهوڙن زور وٺڻ شروع ڪيو. ڪلهوڙن جي بہ اهائي مرضي هئي تہ بلوچ سنڌ ۾ زياده تعداد ۾ اچن، تہ جيئن سنڌن فوجي طاقت ۾ اضافو ٿئي، اهڙيءَ ريت جڏهن ميان نصيرمحمد ڪلهوڙو مسند نشين ٿيو تہ هن سنڌ کان سواءِ پنجاب جو پڻ دورو ڪيو هو. هن جي ئي دؤر ۾ نظاماڻي ڪلهوڙن جا مريد ٿيا، ميان نصيرمحمد ڪلهوڙي جي زماني ۾ هڪ شاهہ علي فقير جو نالو ملي ٿو پر حافظ عبدالستار ڪوريجو صاحب لکي ٿو هن جي ذات متعلق ڪجهہ بہ معلوم ناهي.

بهرحال هي پهرين سنڌ ۾ آيا، ساڻن گڏ ٽالپر بہ آيا هئا، ڇاڪاڻ تہ مير ماڻڪ خان جي پيڻ، ميرسليمان جي ڏيءَ نظام خان جي پوٽي حسين خان جي گهر واري هئي. هن مائيءَ جو نانو رئيس حاجي خان مري، پنهنجي راڄ سميت ڪاڇي ۾ رهندو هو ۽ وفات بہ اتي ئي ڪيائين، حسين خان، شاهہ علي فقير جو فرزند هو. ٽالپ ن ۽ نظاماڻين جي اها مائٽي ديره غازي خان جي علائقي ۾ ٿي.

اج بہ ڪاڇي جي تعلقہ جوهيءَ ۾ ديهہ شادن. ديهہ شادمان ۽ ٽپو شادمان آهن ۽ ان کان علاوه تعلقي جوهيءَ ۾ "شادن ڪوٽ" نالي سان هڪ ڪوٽ بہ آهي

حوالا:

(1) تعليقات ڪتاب "فتح نامہ" عظيم ٺٽوي
تصحيح: حاجي شير محمد نظاماڻي، مضمون قيصر فقير نظاماڻيءَ ص 195
سال 1967ع ڇپائيندڙ سنڌي ادبي بورڊ

(2) ڪتاب "سنڌ ۾ رهندڙ بلوچ قبيلا"
مصنف: رحيم داد خان مولائي شيدائي، سال 2012ع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ص 137

سخي نظام جو فرزند مبارڪ خان، ميان يار محمد ڪلهوڙو (1701 کان 1718ع تائين سنڌ جي حڪمران) جو وزير ماليات هو.

نظاماڻي ڪاڇي کان علاوه شهدادپور جي علائقي ۾ بہ ڪجھ وقت رهيا. ٽنڊو قيصر ۾ هڪ بزرگ، شاهہ علي فقير جي آخري آرامگاهہ آهي. هن بزرگ جي هر سال ذوالحج جي مهيني ۾، آڳاٽي دور ۾ چوڏهين لڳندي هئي، جيڪا پهڻ وارا پير هٽائيندا هئا. هن بزرگ جي آخري آرامگاهہ جي پر ۾ هڪ ميدان هو جتي چوڏهين لڳندي هئي تاريخ 25،6،2015 بروز خميس تي مون عبدالشڪور ولد حاجي عبدالغفور نظاماڻيءَ سان مختلف موضوعن تي ڪچهري ڪئي، ان دوران عبدالشڪور نظاماڻي ٻڌايو تہ نظام خان جو فرزند شاهہ علي فقير، ديري غازي خان مان لڏي اچي، هتي دڙي تي جهوپڙي اڏي ويٺو ۽ هتي ئي گذاري ويو. اتي ئي رکيو ويو (هي صرف روايت پر حقيقت جي خبر الله پاڪ کي آهي ـ ايترو ڪافي آهي)

سردار قيصر خان نظاماڻي

سردار قيصر خان ولد ڳاڙهو خان عرف محمد فقير نظاماڻي، جنهن جو سلسلہ نسب اميرنظام رحہ سان ملي ٿو امير نظام شاهجهان بادشاهہ جي دؤر ۾ هفت هزاري عهدي تي مامور هو.

تاريخ ولادت قيصر خان جي پڪي طرح معلوم نہ آهي، پر غالبًا پاڻ 1130هہ کان 1135هہ جي وچ ۾ ڄايا آهن.

شروع ۾ نظاماڻي ڪلهوڙن جي حڪومت ۾ اعليٰ عهدن تي رهندا تي آيا. روايت آهي تہ مبارڪ خان(اميرنظام رحہ جو فرزند) ميان يارمحمد ڪلهوڙي جي دور حڪومت ۾ وزير ماليات جي عهدي تي فائز هو.(1)

سردار قيصرخان، نظاماڻي قبيلي جو سربراهہ هو. سردار قيصرخان ٽالپرن سان گڏ ٻين بلوچ قبائلين کي متحد ڪري، پنهنجي بلوچي حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ ڪلهوڙن سان جنگيون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون. چون ٿا تہ ان باري ۾ عالم شاهہ ثانيءَ سان بہ دهليءَ ۾ وڃي ملاقات ڪيائين. (2)

قيصر خان نظاماڻي صوم صلواة جو پابند هو. جنهن جي باري ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رح جو پوٽو مخدوم ابراهيم مڏئي وارو پنهنجي تصنيف، "قسطاس المستقيم" ۾ سندس ذڪر هن طرح ڪري ٿو:

"وايضا افتوالواحدمن امرائہ اسمهہ قيصرخان نظاماني انهہ اذا اد رمضان في موسم حاربجوز تاخيرالصيام الي ايا ,البردالي قصرالايام" ترجمو: امير قيصرخان نظاماڻي جي باري ۾ علمائن اها فتويٰ ڏني آهي، تہ جيڪڏهن رمضان، گرميءَ جي مهيني ۾ اچي، تہ هو بہ سرديءَ جي موسم ۾ پنهنجا روزا رکي پورا ڪري ڏي

حيدرآباد ۾ سندس رهائشگاهہ هوم اسٽيڊ هال واري ايراضيءَ ۾ هئي، ويندي ڪليڪٽر (ڊي-سي هائوس) جي بنگلي تائين، جيڪا شاهي بازار

جي قلعي واري دروازي کان الهندي طرف آهي. اتي هڪ مسجد سندس نالي تي هئي، جنهن کي هينئر اهلحديث وارا "جامع محمدي مسجد" جي نالي سان سڏين ٿا.اتي پاڻ ۽ سندس قبيلي جا سردار نماز پڙهندا هئا.(3)

ميرن جي بادشاهيءَ ۾ حڪومت طرفان جن ماڻهن کي خط يا فرمان لکيا ويندا هئاتن جون عبارتون سيڪنهن قبيلي ۽ ماڻهن لاءِ درجي وار عزت موجب، جدا جدا مخصوص ٿيل هيون. جڏهن مير صاحب پاڻ ڪابل جي بادشاهہ ڏي عريضہ موڪليندا هئا. تہ هميشہ پاڻ کي گهٽ ۽ غلام ڪري لکندا هئا. جيئن تہ اول مٿان عنوان ۾ ڪمترين، غلام خاڪ برداشتہ شاهہ وردي خان ٽالپر، لکي پوءِ آداب نياز سان مضمون شروع ڪندا هئا. جيڪڏهن وچ ۾ بادشاهہ جو تذڪرو ايندو هو تہ اعليٰ حضرت قضا ظل سبحانيءَ جا لفظ استعمال ڪندا هئا. ۽ جيڪڏهن مضمون ۾ وزيرن ۽ جنگي سالارن يا ٻين سردارن جو ذڪر ايندو هو تہ انهن جي نالن اڳيان عاليجاہ، رفيع جائگاهہ جو لقب ڏيئي، پوءِ ان جو نالو لکندا هئا ۽ شاهي خاندان جا ٽالپر پاڻ ۾ "برادر مهربان عطوفت ورافت نشان" جي عبارت سان هڪ ٻئي کي خط لکندا هئا. ۽ ڪابل ۾ سندن پاران جيڪي مسلمان وڪيل رهندا هئا. تن کي "شيخت و رفعت پناهہ صداقت دستگاهہ" ڪري لکندا هئا. ۽ هندو وڪيل کي "و ڪالت پناهہ صداقت دستگاهہ" ڪري لکندا هئا. وري جيڪي غير بلوچ ڪاردار يا نوڪر هوندا هئا. تن کي بہ درجي وار " عقيدت ماب" يا "معتمد قديم الخدمت" جي عبارت سان فرمان لکندا هئا. ۽ هندو ڪاردار يا نوڪر هوندو هو تہ ان کي "عزت دستگاهہ" جي عبارت لکي، ان جي نالي اڳيان لفظ "مهتو" ضرور لکندا هئا. تن کي ديوان يا عامل لفظ سندن نالي اڳيان لکندا هئا. جهڙي طرح ديوان گدومل، اهڙيءَ طرح بلوچ قوم جي ماڻهن کي خصوصًا ،نظاماڻي، لغاري، پرهڙي، مري، نوحاڻي، جمالي وغيره، پوءِ ڀلي ڪٿي سندن ڪاردار يا نوڪر هجن، تہ بہ انهن کي جڏهن خط يا فرمان لکندا هئا. تہ "اخوت پناهہ" يا "اخوي اعزي" جي عبارت سندن لاءِ مخصوص هوندي هئي.

مثال طور نواب لي محمد لغاريءَ کي، سندس ڪارداريءَ جي ايامڪاريءَ ۾ هيٺيون خط لکيون اٿن، جيڪو انشاءَ حسام الدين ۾ لکيل

آهي، جنهن ۾ ڪيس لکيو اٿن تہ اها ديهہ ٽالپر، جيڪا دربيلي پرڳڻي ۾ آهي،
مان اسان شهڪ فقير نوحاڻيءَ کي ڏني آهي، تنهنڪري انهي ديهہ جو
قبضو ڪيس ڏيئي ڇڏيندا.

خط جو نمونو: اخوت پناهہ ولي محمد فقير لغاري، ڪاردار پرڳنہ دربيلہ
مسرور باشد. درين وقت از روئي شفقت و مرحمت ديره داري ده ٽالپر عملہ
پرڳنہ دربيلہ من ابتداءِ فصل ربيع سنہ 1230بنام اخوي اعزي شهڪ
فقيرنوحاني مقرر فرموده شد لهذا قلمي يافت ڪہ ديره داري ده مذڪور من
فصل مذڪور باسم اخوي رافع مقرر و بحال دانستہ ابواب فروعي وغيره وجوه
ديره داري بتصرف موفي اليہ و اگذار ندڪ بران قابض بوده تقديم خدمات
سرڪار ساعي باشد

(نهم (9) شوال المعظم سنہ 1207هہ)

اهڙيءَ طرح مير صاحب سيني بلوچن کي "اخوت پناه "ڪري خطاب
ڪندا هئا. باقي سردار قيصر خان نظاماڻي، جيڪو سندن خاص
صلاحڪار مدارالمهام ۽ مشير خاص هو تنهن کي هو ٻين کان وڌيڪ عزت
ڏيندا هئا. ۽ ڪين خط لکندا هئا تہ " اخوت پناهہ " کان پوءِ " برادر عزيز
القدر" گرامي جا لفظ وڌائي پوءِ سندس نالو لکندا هئا: ۽ جنهن بہ خط ۾
سندس نالو لکندا هئا، ۽ جنهن بہ خط ۾ سندس تذڪرو ايندو هو تہ سندس
نالي جي اڳيان "برادر عزيزالقدر گرامي" جي عبارت لکي، پوءِ سندس نالو
لکندا هئا. انشاءِ حسام الدين مان هڪ خط جو نمونو ڏجي ٿو:

"اخوت پناه برادر عزيز القدر گرامي قيصرخان فقير نظاماني مسرور
باشد. درين وقت مشاده ابلاغ وانفاذ ماليات ديواني سنوات سابقہ و فصل حال
درحضور درپيش وهم عاليجاه رفيع پائگاه بهرام خان از عاليجاه اميرمحمد
نصير خان مخفي طور بلارخصت گريختہ درين جا وارد. و استدعائي امداد
ڪومڪ دارد و نوشتجاب مرهتہ محتوي بر بعضي خيالات خام درحضور
رسيده بنا بران نگارش يافتہ ڪہ شما زود خود را در حضور رسائيد ڪہ
بحسب مشوره ...... جملگي محاڪات بخديڪ شايان باشد بعمل آيدو
درآمدن خودفرصت نورزيد"

(نهم شوال المڪرم (9 شوال)

ترجمو مٿين خط جو:

ڀائپيءَ جي پناهه پيارا ڀاءُ قيصر خان فقير نظاماڻي، سدا سلامت رهو. شال حال سال ۾ گذريل سال جي ماليات جو نقشو پيش آهي ان بابت ڪجهه سوچڻو آهي، ۽ جيڪا ضروري ڳالهه آهي، سا هيءَ آهي ته بهرام خان بروهي، اميرمحمد نصيرخان (والي قلات) ڪان لکي پڄي آيو آهي، ۽ وٽس ڪا مرهٽن جي لکپڙهه به آهي، جنهن ڪي مير صاحب اگرچه خام خيال ٿو سمجهي، مگر تنهن هوندي به ڪيس تاڪيد طور لکي ٿو ته جلد پهچي وڃو ته انهن ڳالهين جو مشورو ڪري، ڪومناسب حل ڳولي ڪڍون، ۽ ان موجب هلت ڪريون، پنهنجي فرصت جو لکندا، ته حاضر ٿي سگهجي.

ڏسجي ٿو ته مير صاحبن جو سردار قيصر خان نظاماڻي، خاص رازدار ۽ دست راست هو ۽ حڪومتي ڪمن ۾ هميشه سندس صلاح مشوري تي هلندا هئا. خاص ڪري ڪو مشڪل مسئلو حل ڪرڻو هوندو هو ته اتي هن کي (قيصر خان) موڪليندا هئا. جيئن جڏهن ميان عبدالنبي هالاڻيءَ جي جنگ هارائي، ۽ تيمور شاهه وٽ مدد لاءِ پهتو تڏهن بلوچن جي برخلاف شاهه کي اهڙو پڙڪايائين، جو شاهه اڇي بلوچن تي ڪاوڙيو جنهن تي ديوان گدومل ميرن کي صلاح ڏني، ته اوهان به پنهنجا وڪيل تيمور شاهه وٽ موڪليو جي اڇي شاهه کي سمجهائين. تنهن بابت سيد عظيم ٺٽوي ”فتح نامه“ ۾ سردار قيصر خان جي دانشمنديءَ جو هن طرح اعتراف ڪري ٿو:

بهرحال ان مختلف معاملات جي حل ڪرڻ لاءِ، هڪ بيشمار خوبين جي ڌڻيءَ جو انتخاب ٿيو. شال ملڪ ۽ قوم ۾ سندس فرزند لائق فائق رهن. ڪٽي دير پريو همت وارو جوان شاهي تدابير جو مالڪ. ”قيصر فقير“ ميدان ۾ آيو. جو هن جي همت ۽ هراس جي ڪري دشمن لاجواب ٿي ويندو هو بهرحال عبدالنبي هارجي پيو ۽ لاجواب رهيو. (4)

هالاڻيءَ جي جنگ ۽ ان کان بعد واري صورتحال ۽ قيصر خان نظاماڻيءَ جو ڪردار

مدد خان جي موٽي وڃڻ کان پوءِ، ميان عبدالنبي خان اڳتي لاءِ وفادار تي رهڻ لاءِ، قرآن شريف تي قسم لکي مير عبدالله خان ڏانهن موڪليو. بلوچي رواداريءَ لحاظ موجب، مير صاحب ميان سان صلح ڪيو. عبدالنبي خان ٻيهر گاديءَ تي ويٺو مگر ڪلهوڙن جي صاحبيءَ جو زوال شروع ٿي چڪو هو. فقط ڪوڙن انجامن ۽ اقرارن تي مسند جي بقا جو دارومدار هو. ميان عبدالنبي دل جو ڪمزور هو سندس دل ۾ اڃا به دغا هئي. هڪڙي ڏينهن دستور موجب، مير عبدالله خان ۽ فتح خان ميان صاحب کي ڪچهريءَ ۾ گڏجڻ ويا.

ميان صاحب اڳيئي منصوبو سٽي رکيو هو جڏهن ٻئي سردار دربار جي در تي پهتا، ته ميان جي چوبدارن کين هٿيار رکي وڃڻ جي هدايت ڪئي، ۽جيئن اندرگهڙيا ته ميان جا چوبدار جيڪي اڳ تيار ٿيا بيٺا هئا، تن هڪدم ٻنهي سردارن کي گرفتار ڪيو مير سمجهي ويا ته اهي گهڙي پل لاءِ مهمان آهن، هنن قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ لاءِ اجازت گهري، اهي ڪنڌ نمائي تلاوت جي حالت ۾ هئا، ته جلادن اشاري ملڻ سان سندن سسيون ڌار ڪري ڇڏيون. هي واقعو سنه 1783ع ۾ ٿيو ڪلهوڙن جي صاحبيءَ جو چوٽون دؤر هو جڏهن سندن حڪومت جو سنڌ ۾ خاتمو ٿيو. هن واقعي کان پوءِ بلوچي غيرت اهڙو جوش کاڌو جو سيئي امير بهرام خان جي پوٽي، مير فتح خان جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿيا. بلوچن جي ضبط ۽ صبر جو پيمانو خون

سان لبريز ٿي چڪو هو. چاڪاڻ جو انجامن ۽ اقرارن جي انتها ٿي چڪي هئي. نضابطائي رهي هئي ته انتقام جي گهڙي ويجهي آهي. جنگ کان اڳ مير مهراب خان جي صلاح سان. ٽالپرن پنهنجا ديرا دين ڳڙهه ڏانهن روانا ڪري ڇڏيا هئا. ميان عبدالنبي خان جو سپهه سالار ڏڳاڻو جتوئي 11هزار لشڪر سان روانو ٿيو. ميان خداآباد ۾ رهجي پيو. بلوچي لشڪر سنڌن مقابلي ۾ ڏهين پتي جيترو مس هو. مگر نوجوانن جي جوش ۽ غيرت ڪري سنڌن استقلال ڪلهوڙن جي قوت کان سؤ ڀيرا سرس هو.

سنڌن لشڪر ۾ اسماعيل خان ڪتياڻ، هيڙوڪوکر، فقيرو طاهر، عرضي سلطان وفادار خدمتگار هئا. ڪلهوڙن جي فوج ۾ ڏڳاڻو جتوئي، آڏو ٻڍو، فيروز ڪليري، محمد حسن ڪهاوڙ جنگ آزما سپاهي هئا. جنگ لڳڻ سان سرائي جي فوجن جو بي انداز نقصان ڏسي، ڏڳاڻي جتوئي سرائي ڪي ميرن سان صلح ڪرڻ لاءِ صلح ڏني. پاڻ مير صاحبن کي منٿون ڪرڻ لڳو پر ميرن ڳالهه نه ٻڌس. آخر هن پاڇ ڪاڍي سندس پاڇ جو ٻڌي ميان باهه ٿي ويو. هن هڪڙو ڌمڪين ڀريل خط مير صاحب ڏي لکيو جنهن جو کيس دندان شڪن جواب مليو. پوءِ محمد حسن ڪهاوڙ کي منٿون ميڙون ڪري پاڻ سان شامل ڪيائين. پوءِ ٽيهه (30) هزار لشڪر سان هن ڪاهه ڪئي. کيس باقر خان ڪهاوڙ سلطان خان ڪهاوڙ بلاول ليکي، غلام حسين جنجهڻ، عزت خان نومڙيو، تاجو سامتيو روحل خان ڪوسي، مراد ڪليري ۽ ڏڳاڻي جتوئيءَ جي ٻانهن تي ڀروسو هو.

محمد حسن ڪهاوڙ جي زهد ۽ تقوي جو هي حال هو جو هڪڙي هٿ ۾ تسبيح ۽ ٻي ۾ ترار هيس. ٽالپري لشڪر ۾ قيصر خان نظاماڻي، نواب ولي محمد لغاري، زنگي خان مريءِ ۽ خيرو خان جمالي بهادر سپاهي هئا. جن جو اباڻو پيشو سپهه گري هو. نواب برخوردار خان ڪوسو ديره جات کان ميان جي مدد ڪرڻ آيو هو. سنه 1783ع ۾ هالاڻي وٽ ٻيو جنگ لڳي. محمد حسن ڪهاوڙ جگر ٽوڙ حملا ڪيا. پر سرائين جا سمورا پهلوان مارجي ويا. سردار برخوردار ڪوسو زخمي ٿي پڇي ويو. (5)

نوٽ: روايت آهي ته هالاڻيءَ جي جنگ ۾ سردار برخوردار ڪوسو کي قيصر خان نظاماڻي زخمي ڪري وڌو هو. زخمي ٿيڻ کان پوءِ سردار برخوردار

ڪوسو جنگ جي ميدان مان ڀڄي ويو. اهڙيءَ طرح ڪلهوڙن جي فوج ۾ ڀاڄ شروع ٿي وئي، ۽ هي جنگ بلوچن کٽي.

سردار برخوردار ڪوسو جو تعلق، ديره غازي خان سان هو. پاڻ ڪوسن جي بليلاڻي پاڙي مان هو. پنجاب جا سابقه وزيراعليٰ، سردار ذوالفقار علي ڪوسو ۽ دوست محمد ڪوسو سردار برخوردار ڪوسو جي خاندان سان تعلق رکن ٿا.

ڏسو شجره نسب، سردار برخوردار ڪوسو (6)

هيدا خان
↓
بليل خان
↓
باتيل خان
↓
سعيد خان
↓
يوسف خان
↓
جوازڪ خان
↓
غلام حيدر خان
↓
برخوردار خان
↓
ڪوڙا خان
↓
احمد خان
↓
دوست محمد خان
↓
غلام حيدر خان
↓
غلام حيدر خان
↓
سردار دوست محمد خان
↓
سردار ذوالفقار علي خان
(سابقه وزير اعليٰ پنجاب)

جنگ ۾ شڪست کائڻ کان پوءِ، عبدالنبي ڪلهوڙو سِڌو قلات پهتو ۽ خان آف قلات، مير نصير خان کي مدد جون منٿون ڪيائين. هي سنڌ تي نئين مصيبت نازل ڪري قلات پهتو هو سندس اهل و عيال حيدرآباد ۾ هو. عمرڪوٽ جوڌپور جي راجا حوالي ڪري چڪو هو. ڪراچي بندر ۽ ڪوهن تي آباد ٿيندڙ علائقا خان آف قلات، مير نصير خان کي ڏيئي چڪو هو. خان آف قلات مير نصير خان مدد جي سوال تي هن کي چيو ته اسين پهرين به تنهنجي مدد ڪري چڪا آهيون پر توڪان ڪجهه به ڪونه ٿيو. جوڌپور جي والي به تنهنجي مدد ڪئي، پوءِ به تون ڪجهه به نه ڪري سگهئين. مدد خان توکي گاديءَ تي ويهاريو پر تون پنهنجي واعدي تي قائم نه رهين، ۽ خانه بدوش ٿي وئين. هاڻي مونکي بار بار پريشان ڇوٿو ڪرين!؟ پر پوءِ به ميان عبدالنبي زور ڀريندو رهيو. آخرڪار مجبور ٿي خان آف قلات، مير نصير خان کي ڪجهه نه ڪجهه مدد ڏيڻي پئي.(7)

مير عظيم ٺٽوي "فتحنامه" ۾ مير نصير خان (قلات) جو خط نقل ڪيو آهي، جيڪو هن مير فتح علي خان ڏي بطور نشانيءَ جي لکيو آهي.

يعني اچانڪ هڪ خط جلدي مير صاحب ڏي لکي، روانو ڪيائين ته اي جڳ مشهور ملڪ جا مير، تدبير ڪندڙ هڪ سمجهدار بلوچ موڪليو جلدي!

تنهن تي مهرباني ڪئي مير صاحب، جو هڪ صاحب داناءَ "قيصر فقير" کي موڪليائين، ته جلدي وڃو جو خان صاحب هي حڪم فرمايو آهي، منهنجي نظر ۾ توهان کان وڌيڪ ڪو لائق فائق ڪونهي. بهرحال قيصر خان نظاماڻي جڏهن قلات پهتو ته خان آف قلات مير نصير خان، کيس خلوت گاهه ۾، قيصر خان نظاماڻيءَ کي چيو ته مون کي ميان عبدالنبيءَ جي مدد ڪرڻ سان ڪا به دلچسپي نه آهي. پر هن بي حيا کي ذرو شرم نه آيو. هاڻي هي ٽيون دفعو مون کي ڪنڌي جيان چنبڙي پيو آهي. مون ساڻس نهايت سخت گفتگو ڪئي، پر پوءِ به هو منٿون ڪندو رهيو. پنهنجي مدد لاءِ التجائون ڪندو رهيو جڏهن هو روئڻهارڪو ٿي ويو ته آئون مجبور ٿي پيس، ۽ مون کيس چيو ته آئون تنهنجي مدد هن شرط تي ڪندس، ته

منهنجي فوج توکي خداآباد جي آس پاس ڇڏي ايندي، اڳتي تون ڄاڻين تنهنجو ڪم ڄاڻي. هاڻي توهان (قيصر خان) منهنجي طرف کان مير فتح علي خان کي چئجو ته اسان جي فوج سان جنگ نه ڪري، ان ڪري جو اها لڙائي جي ارادي سان نه ايندي. جڏهن اها فوج اتي پهچي ته توهان شڪار ۾ وقت گذارجو.“ قيصر فقير” اهو پيغام کڻي رخصت ٿيو ۽ مير فتح علي خان کي سڄي صورتحال کان آگاهه ڪيائين. ٻنهي جو ان تي اتفاق ٿيو. ان بعد مير فتح علي خان والي قلات کي خط لکيو ته توهان جيڪو پيغام مونکي ڏنو آهي، اهو مونکي قبول آهي، آئون پنهنجو لشڪر وٺي ” ونگي“ وڃان ٿو ۽ دشمن جي لاءِ جاءِ خالي ڪريان ٿو. توهان جي فوج ڀلي هن کي ڇڏڻ اچي ۽ دريا تائين ان کي ڇڏي واپس هلي وڃي. ليڪن جيڪڏهن توهان جي لشڪر درياءَ کي پار ڪيو ته اسان کي پاڻ کان پري نه سمجهن. اگر هڪ به درياءَ جي هن طرف قدم وڌايو ته ان جو سر سلامت نه رهندو.(9)

مير فتح علي خان جيتوڻيڪ سنڌ جو حڪمران بڻجي چڪو هو پر اڃاتائين ڪيس دربار افغانستان جي منظوري حاصل ڪانه هئي، ۽ بغير افغانستان جي منظوريءَ جي، هن جي حڪومت تسليم نٿي ٿي سگهي.

ديوان گدومل، جو دربار افغانستان ۾ سنڌ جو وڪيل هو ان کي معلوم ٿيو ته عنقريب بحيثيت هڪ فريادي جي، ميان عبدالنبي تيمور شاهه جي دربار ۾ اچڻ وارو آهي، ته گدومل فوراً مير فتح علي خان کي چورائي موڪليو ته پنهنجا نمائندا جيڪي هوشمند صاحب تدبير هجن، انهن کي دربار افغانستان ۾ موڪليو وڃي. مير فتح علي خان قيصر خان نظاماڻي، ابراهيم شاهه ۽ مير غلام علي خان، جنهن جي عمر ان وقت 14,15 سال کن هئي، کي پنهنجو نمائندو ڪري موڪليو.

ميان عبدالنبي دربار ۾ پهچي چڪو هو ۽ هو هر هڪ کي پنهنجي مظلوميت جو داستان ٻڌائيندو رهيو. محفوظ خان سندس حمايت ۾ هو ۽ اهو هر هڪ کي پنهنجو همدرد بڻائڻ جي چڪر ۾ هو. ان دوران مير جا نمائيندا (قيصر خان وارا) دربار شاهي ۾ پهچي ويا. مير جي نمائندن (قيصر

خان) تيمورشاهہ جي درٻار ۾ عرض ڪيو تہ : مير فتح علي خان معروضي ۾ لکيو هو تہ اي شاهہ نامدار سردارن کي اوهان جي غلاميءَ تي فخر آهي. ميان عبدالنبي منهنجي شڪايت توهان جي درٻار ۾ پهچائي هوندي پر بادشاهہ کان ڪابہ حقيقت لڪيل ناهي. ظلم ايتري قدر تہ واضح آهن، جو انهن جي وضاحت جي ضرورت نہ آهي. هن جي ظلم سبب مير عبدالله ۽ مير فتح خان شهادت ماڻي. هن (عبدالنبي) قرآن مجيد تي معاهدو لکي، ان جي خلاف ورزي ڪئي آهي. هن قرآن مجيد جو بہ احترام نہ ڪيو شروع ۾ هن پنهنجن پائرن سان جيڪو ڪجهہ ڪيو سو بہ حضور کان ڳجهو ناهي.

اهي سڀ هن جي (عبدالنبي) ظلم و ستم جو شڪار ٿيا.

تيمور شاهہ بغير ڪنهن غور و فڪر جي فيصلو ڪيو تہ سنڌ کي ٻن حصن ۾ ورهايو وڃي. هڪ حصي تي ٽالپر حڪومت ڪن ۽ ٻئي حصي تي ميان عبدالنبي حڪمران هجي. ميان عبدالنبي عرض ڪيو تہ مير فتح علي خان ڏي ڪافي فوج آهي، مون کي اڌ حصي تي ڪيئن قبضو ملندو! مون سان گڏ شاهي فوج هلي. ان تي تيمورشاهہ " بوستان خان " ۽ اخلاص خان ٻن افغان سردارن کي فوج ڏئي، عبدالنبيءَ سان گڏ روانو ڪيو. مير جي نمائندن (قيصر خان) هي سارو واقعو لکي مير ڏي موڪليو.

جڏهن مير فتح عليءَ کي درٻار افغانستان جي ان فيصلي جي خبر پئي، تہ ان طئي ڪيو تہ اهو فيصلو قبول نہ ڪبو. مير فوراً چاليهہ (40) هزار بهادر بلوچن سان گڏ روهڙي طرف روانو ٿيو تہ جيئن عبدالنبي ۽ ان فوج کي جيڪا هو وٺي اچي پيو تنهن کي سنڌ جي اترين سرحدن تي روڪي وٺي. هوڏانهن مير جا نمائندا درٻار افغانستان ۾ ان ڪوشش ۾ لڳاپيا هئا، تہ سنڌ جي ورهاست جو فرمان ڪهڙيءَ طرح منسوخ ٿئي. ان دؤران مير جا نمائندا، درٻار شاهيءَ ۾ اثررسوخ حاصل ڪري چڪا هئا.

مير جي نمائندن (قيصر خان) بوستان خان ۽ اخلاص خان جي نالي فرمان حاصل ڪري ورتو تہ سنڌ جي ورهاست منسوخ ڪجي ٿي. ان ڪري اسان جي فوج واپس پهچي وڃي، ان سان گڏ مير جي نمائندن کي،

درٻار شاهيءَ مان مير جي لاءِ سنڌ جي حڪومت جو پروانو ۽ خلعت پڻ مليا.
اهڙيءَ طرح سنڌ ٻن حصن ۾ تقسيم ڪان بچي وئي. مير عظيم الدين ان واقعي جي تاريخ "زدل خلعت ملڪي آمدندا" مان ڪڍي آهي.(10)
1199هه

حاجي شير محمد نظاماڻي لکي ٿو ته پراڻن ۽ اڳين نظاماڻين مان هڪ ڳالهه نقل ٿيندي پئي اچي، ته هي وڪيلن جو قافلو جڏهن ڪابل پهتو ۽ شاهي درٻار ۾ اچڻ جي اجازت گهريائون، ۽ تيمور شاهه تنهن وقت پنهنجي اصلي قيام گاهه تي ملاقات نه ڪندو هو تنهن ڪري هو قافلي وارا ڇهه(6) مهينا اتي ترسيا، ۽ ڪوشش بيفائده وئي. ڇو ته بادشاه سلامت جي همنشينن ۽ ڪورٽ وارن جو عبدالنبي ڪلهوڙي سان رابطو ۽ تعلق هو.

آخرڪار قيصر خان نظاماڻي جڏهن انهن حالات جو جائزو ورتو ته انهن ڪي ڇڏي، خواجه صفي الدين رح سان تعلق رکيو. ڀاڻ تيمور شاهه جو مرشد هو (خواجه صفي الدين سنڌ ۾ ايندو هو ۽ مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي سندس مريد هو) هن سان رابطو ڪري خواجه صاحب کي ڪجهه عرض ڪيائون، ته جڏهن اوهين حرمين شريفين (حج جي زيارت لاءِ) وڃو ته اوهان جي پوري حج قافلي جو خرچ اسان برداشت ڪنداسين. خرچ تقريباً ٻه لک روپيه هو. بهرحال خواجه صفي الدين رح جي توسط سان درٻار شاهي ۾ حاضري ٿي، ۽ تيمورشاهه عبدالنبي ڪلهوڙي کي روبرو گهرايو ۽ بحث مباحثو ٿيو ۽ فيصلو ڀاڻ تيمور شاهه ڪيو ۽ عبدالنبي ڪلهوڙي کي مجرم ثابت ڪيائون، ۽ تيمور شاهه قيصر خان جي سوال جواب ڪان ايترو متاثر ٿيو جو تيمور شاهه ڪابل ۾ قيصر خان ڪان سواءِ دسترخوان تي ماني ڪائيندو ئي نه هو! ۽ ٻال آخر سنڌ جي سَنَد به عطا ڪيائين، ۽ سَنَدَ ۾ قيصر خان جو نالو به لکرائڻ چاهيائين، پر قيصر خان پنهنجي شهرت پسند نه ڪئي، ڇو ته اهو معاملو بلوچن سان گڏ هيو آئون اڪيلو ڇو چمڪان!؟ تنهن تي قيصر خان کي ڪافي سوکڙيون پاکڙيون ۽ هڪ سوني تلوار به ڏنائين. سَنَد به مير فتح علي خان جي نالي تي لکائي هن کان

موڪلايائون.(11) ٻاڻ وڏي عمر ۾ سنه 1222 هجري ۾ وفات ڪئي ائين. ۽ شيخ وجهه الدين رح جي مقام ۾، پنهنجي پٽ نواب غلام علي خان سان لڳ مدفون آهن.

عربيءَ ۾ ڪنهن سندس تاريخ وفات هن مقولي مان ڪڍي آهي:

قد " دخل الجنة "سنه 1222هه ايضاً

فارسيءَ ۾ سندس هي تاريخ وفات چئي ائين:

"کرد رحلت زعالم معزول

قيصر خان چنان بود معمول گفت تاريخ هاتف مسئول

اي بہ جنت رسيد شد مقبول"

سنه 1222 هجري.(12)

[افغانستان جي بادشاھ تيمور شاھ کان قيصر خان نظاماڻي کي مليل حڪمرانيءَ جي سَنَد - مير فتح علي خان ٽالپر لاءِ]

پروانہ ايالت (سَنَد)
بنام مير فتح علي خان

چون ناظم رفيع الشان ممالک غيب وشهود و حاڪم نافذ الفرمان جهان هستي و بود بفحواي منشور لازم النشور فرمان روائي و دستور و افي السرور حڪمراني ممالک فسيح المسالک محروسہ را بنام نامي ما موشح ومزين فرموده اعناق قافيہ اقطار ممالک و قاطبہ احصار وامصار سالک را بمؤداي تعزمن تشاء بر چنبر اطاعت وانقياد مانهاد وصيت مڪارم واقتدار وصلايءِ مراحم واختيارمارا بگوش و هوش عيان وملاک وطول عرض بلدان و املاک در داده اذمہ مهام انام بڪف ڪفايت و حمايت تام ما گذاشتہ لوايہ سرو ري سرو ران مالک رقاب وصاحب افسري صاحب اقران جلالت انتساب را بدستياري . ڪمال قدرت لايزال بمقالات حذاقت آيات بہ اسم سامي ما افراشتہ اعلام سطوت و قدرت مارا در معارک ثبات واستقلال درشڪست جنود معاندان نڪوهيده خصال و رهنوردان طرف گمراهي و اصلال بر افراختہ خلاف انديشان و متمردان اين دود مان خلافت مڪان از عنايات بي غايات مورد و ارادت ساختہ بشڪر گذاري اين آلاي والا قادر يڪتا بر ذمہ همت والا لازم بل جازم فرموديم ڪہ هريڪ از فديان ارادت توامان و خدمت گذاران صداقت تلبيان اين خاندان رفيع الشان ڪہ زر خالص اخلاص شان بمحڪ امتحان رسيده تمام عيار بر آمده قرعہ اختصاص و نقش خاص الطاف و اعطاف سلطان بنام عقيدت نظام شان

براستي و درستي مسندنشين پا بہ قدر شان بمرقات عنايات شاملہ از همگنان بالا و برتر از اكفا و اقران اعلا و ابهر فرمائيم تا باعث اميدواري خير انديشان ارادت كيش و دولت خواهان صداقت انديش دور و نزديك از ترك و تاجيك گردد ازانجا كہ مرآت جقيقت نمايۓ حسن خدمات عاليجاه رفيع جائگاه عمدة الخوانين العظام اخلاص و عقيدت فرجام امير فتح علي خان تالپر بہ عكس افگن صور اين مقالات ست كہ از راه صداقت و يقين دست توسل بحبل المتين اين دولت ديرين زده درين وقت بارق از بوارق خورشيد شارق الطاف و احسان خسرواني سنا پيرايۓ و ضيا افزاديۓ ساخت تمنايۓ او شده از ابتدايۓ هاذاالسنہ يلائيل والا بہ القاب حشمت و شوكت دستگاه اميرالامرايۓ العظام اسوة الكبراء الفخام اخلاص كيش آستان معدلت نشان و خير انديش خاندان عاليشان معتمدالدولہ معين الملك ملقب باين القاب مزبوره معزز و مباهي فرموديم و بعزل ناظم سابق برتبۂ نظامت و صوبداري و صاحب اختياري صوبہ سندھ و تهتا سر افراز و ممتاز بين الا كفايۓ والا قران رتبہ امتياز و درجہ اختصاص بخشيديم كہ چنانچہ بايد و شايد ازجوهر كار داني او سزد و آيد در بندوبست مهمات نظام و انجام امورات و جمع آ وري متفرقين رعاياو غمخواري و سرپرستي و دلالت و استمالت برايا و سكنا آنجا و ايلات و احشامات و كو تاه كردن ابادي و تسلط اقويا و سكنا از گريبان ضعفا و دفع و رفع اشرار و مفسدين و قلع قمع قطاع الطريق و سارقين تنبيہ و تاديب اجاره اوباش و معاندين و قطع و فيصل دعاوي خلق الله و غور يسي غموم مردمان و خبرداري از احوال و كردار مردم دور و نزديك و رتق و فتق بلدان و قراء و مزارع و كثرت زراعات وحفاظت وحراست محالات و ضبط و ربط وصول وايصال ماليات و وجوهات و مستقلات بهر اسم ورسم كہ باشد و دفع شراريات غوايت و ضلالت و رفع جو رو ظلم اصحاب بغي وجهالت و عائد ساختن زر ماليات متعهدي بسركار انجام فرمائشات ديواني نموده بہ هيچ وجہ در هيچ كار واجرايۓ لوازم و معلقات امر نظامت و صوبہ داري اهمال و مسامحہ ننمايد و تمام امورات ملكي و مالي را از روي و فور شعور و كارداني انجام بدهد و دعاوي و مقدمات كہ درميان مردم آ نجا اتفاق افتد

از رویء وقت بحقیقت آن رسیده هرچہ عرفي باشد خود از قرار قانون حقانیت انفصال نموده احقاق حق بعمل آرد و هرچہ ازا نجملہ شرعي باشد در نزد اهالي شرع انور رجوع نموده بموجب کتاب الهيٰ انفصال داده حق بحقدر رساندو در هر باب نحوي نماید کہ درباره احدي خلاف حق واقع نگردد و هر سالہ وجوه مالیات دیواني را از قرار رقم مبارک اجاره کہ اوسرکار استعفا صادر شد و حجت بمهر وکیل او کہ بدفتر خانہ همایون سپرده ست رسید هر سال تا آخر سال تمام و کمال بحیطہ وصول رسانیده عائد سرکار سازد و سال دیگر نگذارد و آخر سال محاسبہ داد ستد خود را بدفتر خانہ همایون در دفتر مستوفیان عظام بفرستند درین باب تاکید تمام دانستہ حسب الحکم اشرف عمل نموده تخلف نہ ورزند.

○

صوبہ سنڌ جو پروانو

[مير فتح علي خان جي نالي]

جڏهن ڳجهي ۽ پڌري حڪومتن جي بلند شان واري انتظام هلائيندڙ (مالڪ) ۽ هن هستيءَ واري جهان ۾ جنهن جو حڪم هلي ٿو تنهن (حقيقي) حاڪم حڪومت هلائڻ واري لازم اشاعت منشور ۽ ڀرپور خوشي واري دستور مطابق (هن) محفوظ وسيع رستن واري ملڪ جي حڪومت هلائڻ کي اسان جي بلند نالي سان سينگاريو ۽سنواريو آهي، (۽) حڪومتن جي مڙني طرفن جي گردنن، ۽ ملڪن جي جملہ شهرن ۽ قلعن کي آيت وتعزمن تشاءِ (جنهن کي تون گهرين، تنهن کي تون عزت ڏين ٿو) جي مضمون موافق، اسان جي فرمانبرداري هيٺ رکيو آهي، ۽ اسان جي بزرگين ۽ اقتدار جي شهرت ۽ اسان جي عنايتن ۽ اختيار جو آواز شهرن ۽ ملڪن جي ڪنڊ ڪڙڇ ۽چوندا انسانن جي ڪنن ۽ هوش تي پهچايو آهي، ماڻهن جي وڏن ڪمن جون واڳون اسان جي ڪفايت واري تري، ۽ اسان جي پوري جماعت تي ڇڏيون آهن. (ان مالڪ) ماڻهن جي گردنن جي مالڪ سردارن جي سرداري، ۽ بزرگيءَ وارن بخت ياور ماڻهن جي افسريءَ جو جهنڊو، پنهنجي لاثاني قدرت جي مدد سان، سمجهہ وارن اهيڃاڻن واري گفتارن جي موافق، اسان جي نالي بلند ڪيو آهي. اسان جي غلبي ۽ قدرت جا جهنڊا مضبوطي ۽استقلال جي جنگ وارن ميدانن ۾ اهڙن مخالفن جي لشڪرن کي شڪست ڏيڻ ۾ بلند ڪيا آهن، جن جا لڇڻ خراب آهن، ۽ جيڪي پنهنجي گمراهي ۽ ٻين کي گمراهہ ڪرڻ وارن رستن تي هلندڙ آهن. خلافت جهڙي هن حڪومت جي خلاف سوچيندڙ ۽ سرڪش ماڻهو بہ

حڪومت جي بي پناهہ مهربانين کان متاثر ٿي ان جا فرمانبردار ٿيا آهن.
قادر يڪتا جي هنن مهربانين جو شڪريو ادا ڪرڻ, همت, والا جي ذمي تي
ضروري ڄاڻي, اسان اهو حڪم ڪيو آهي, تہ هن حڪومت سان عقيدت ۽
ارادو رکندڙ فدوي ۽ هن بلند شان واري خاندان جا سچا خدمتگذار جن جي
اخلاص ۽ سچائي وارو سچو سون امتحان جي ڪسوٽيءَ سان پرکي کرو
ثابت ٿيو آهي, تن لاءِ خاص درباري هجڻ جو ڪٽو ۽ بادشاهہ جي مهربانين
۽عنايتن جو خاص نقش, انهن جي مسند تي ويهندڙ سان عقيدت جي انتظام
جي نالي ۾, انهن جي عزت ۽ آبرو عام عنايتن جي ڏاڪڻ سان هين سينيءَ
کان بالا ۽ بلند, ۽ انهن جي سيني همعصرن کان نهايت بلند ۽ روشن
فرمايوسين, تہ جيئن جڏهن بلند مقام وڏن خانن ۽سردارن جي چونڊ سردار
اخلاص ۽ عقيدت جي مجسمي, امير فتح علي خان ٽالپر جي چڱين خدمتن
جي صحيح تصوير ڏيکاريندڙ آئينو هن مقالي جي صورتن جو عڪس ۽
اولڙو ڇتيندڙ آهي, جو يقين ۽ صداقت جي واٽ تي هلي, هن قديم
حڪومت (افغانستان) جي مضبوط رسيءَ سان توسل جو هٿ ڊگهو ڪيو
آهي.(تنهنڪري) بادشاهي مهربانين ۽ احسان جي روشن سج مان هڪ
روشني ۽ چمڪ, ان (ٽالپر امير) جي خواهش واري ميدان ۾ روشني ڦهلائي
ڇڏي آهي. هن سال جي شروع کان اسان کيس هيٺين لقبن سان نوازيو آهي:
حشمت و شوڪت, دستگاهہ اميرالامراء العظام, اخلاص ڪيش آستان
معدلت نشان خير انديش, خاندان عاليشان, معتمدالدولہ معين الملڪ-

اڳئين ناظم کي لاهي, هاڻي صوبہ سنڌ ۽ ٺٽي جي نظامت صوبيداري ۽
صاحب اختيار سان کيس سرافراز ۽ پاڻ جهڙن ۾هڪ جيڏن ۾ کيس ممتاز
ڪيو آهي, ۽ کيس اختصاص (۽ امتياز) جو درجو بخشيو آهي, تہ جيئن
(انتظامي) ڪم ڄاڻڻ واري جوهر مان مناسب طور مکيہ انتظامي ڳالهين,
متفرق رعيت کي گڏ ڪرڻ ۽انهن جي مسئلن کي منهن ڏيڻ, ۽ اتي جي
مخلوق ۽ رهواسين جي دل وٺڻ ۽ انهن جي غمخواري ۽ سرپرستي ڪرڻ لاءِ
پاڻ پتوڙي, ۽اتي جي ڪمزور ماڻهن تي ڏاڍن جو جيڪو زور زبردستي هلي
ٿو تنهن کي گهٽ ڪري شريرن ۽ فسادين کي دفع ڪري, ۽ ڦورن ۽ چورن
جي پاڙ پٽي ڇڏي اوباش ۽ ضدي ماڻهن کي سمجهائي ۽سيکت ڏئي, الله

جي مخلوق جون دعوائون نبيري، ڏکويل ماڻهن جي غم رسي ڪري، پري ۽ ويجهي وارن ماڻهن جي احوال ۽ ڪردار جي خبر رکي، شهرن ۽ ڳوٺن ۽ پوڪجي سنڀال ڪري، گهٽي اپت لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي. محلن جي پوري سنڀال ڪئي وڃي. ماليات جي سلسلي ۾ (سرڪاري) وصولي يا ٻين جي حقن ادا ڪرڻ ۾ پوري ضبط ۽ ربط کان ڪم وٺي، جيئن اڳ دستو هليو اچي . ان پٽاندر مستقل آمدني جنهن جي نالي ٻه هجي، ان جي سنڀال رکي، گمراهين کي دفع ڪري، ظالمن ۽جاهلن جي ظلم زبردستيءَ جي پاڙ پٽي ڇڏي سرڪار جي مقرر ڪيل رقم ۽ ديواني حڪمن کي پوري ڪرڻ ۾ ڪنهن به طرح ڪنهن به ڪم ۾، ۽انتظامي ۽ صوبي جي سنڀال واري ڪنهن به ڪم ۾، ڪنهن به طرح ڍر نه ڪري ۽ نڪي چشم پوشي ڪري.ملڪي ۽ مالي سمورا ڪم گهٽي سمجهه ۽ تجربي سان پورا ڪندو رهي. اتي (سنڌ)جي ماڻهن جا جيڪي باهمي مقدما ۽ دعوائون هجن، وقت آهر تن جي تهه ۾ پهچي، جيئن دستور هجي، حقاني قانون سان انهن کي نبيري،حق کي حق ثابت ڪن ۽انهن مان جيڪي فيصلا شريعت سان لاڳاپو رکن ٿا، تن ۾ شريعت روشن جي ڄاڻن ڏانهن رجوع ڪري، ڪتاب الاهيءَ جي حڪم مطابق جهڳڙو نبيري حقدار کي حق پهچائي، هن بابت اهو خيال رهي ته ڪنهن سان به ناحق نه ٿئي.ماليات بابت اهو خيال رهي ته سال جو سال ۾ جيڪا اڳئين سرڪار جي ساليانه مقرر ڪيل رقم آهي، جنهن جي ثابتي لاءِ ان جي وڪيل جي مهر سان هن حڪومت عاليه جي دفتر ۾ اها لکپڙهه موجود آهي، ان مطابق هر سال ۽ سال جي پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي ڏي وٺ جو حساب، حڪومت عاليه جي وڏن خزانچين کي موڪلي ڏين. هن باري ۾ پورو تاڪيد ڄاڻي، حڪم موافق چڱي طرح عمل پيرا ٿي مخالفت کان بچندا.

ان بعد قيصر خان وارا ڪابل کان واپس اچي، سنڌ ۾ فتح جشن منائي سنڌ جي آبدڪاري کي لڳي ويا.جيئن ته ٺٽي جي نوابي لاءِ قيصر خان پنهنجي صاحبزادي، نواب غلام علي خان نظاماڻيءَ کي نواب مقرر ڪرايو ۽ پوءِ اندريون ملڪي نظام درست ڪرڻ لڳا. مخالفن ۽چورن بدمعاش باغين جا اڏا پيچي انهن کي نهوڙي نابود ڪيائون، ۽ پاڙاريون ختم ڪيائون،

۽ جيئن تہ ڪڪرالہ ۾ هڪ قوم پنياڻي ڊاڪو هئي، يڪدم غلام علي خان ان تي فوج ڪشي ڪئي، جيئن عظيم ٺٽوي فتحنامہ ۾ ان جو احوال ڏئي ٿو.

اهڙيءَ طرح انهن کي ماري ميڄائي، سنڌ جي آبادڪاريءَ کي لڳي ويا. پوءِ جن ماڻهن پنهنجي ڪارداني جا جوهر ڏيکاريا يا بهادريون ڪيائون، انهن کي انعام اڪرام ڏيڻ جو سلسلو شروع ٿيو. ان زماني ۾ مير فتح علي خان ڪنهن سبب ڪري نواب ولي محمد خان تي ناراض ٿيو هو جنهنڪري نواب صاحب هي معافي نامہ غزل جي صورت ۾ لکي پيش ڪيو:

ازديوان ولي شاها بہ عاصيان زره لطف شاد باش برم جرم ما مبين بره عدل و داد باش من بنده قديم تو ام اي خديو دهر ڪيخسروا بمعدلت ڪيقباد باش چون آفتاب تاب ميفگن بذره بابيڪسان چو صبحدم بامداد باش بخت - سڪندري ست فروزانت از جبين بيوستہ ڪامگار بہ تخت و مهاد باش عمر ترا بقابود از خضر بيشتر - افزون زهر فزوني و در ازدياد باش باطالبان ز فيض خود اي شاه اوليا - شاهانہ رهنمائي طريق رشاد باش فتح علي بہ تست هم آغوش هم قرين در حضرت علي بره- انقياد باش بيچاره " ولي " زدل وجان غلام تست - باوي ز فرط فضل و ڪرم خوش نهاد باش.

پوءِ سندس قابليت تي رحم کائي سندس مدايون معاف ٿيون. ڪيس دربيلہ پرڳڻي جو ڪاردار مقرر ڪيو ويو.(13)

حوالا:

(1) ڏسو فتح نامہ سنڌ (از مير عظيم ٺٽوي)
سال 1967ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد
تعليقات ص 195 بقلم حاجي شير محمد نظاماڻي
(2) سہ ماهي الرحيم (مئي جون 1988) شاهہ ولي الله اڪيڊمي صدر حيدرآباد ص 42 از
حاجي شير محمد نظاماڻي.(سردار قيصر خان نظاماڻي)
(نوٽ) هن کان پهرين مذڪوره مضمون سہ ماهي ال حيم جي مشاهير نمبر 1967ع جي
ص 188_189 تي پڻ ڇپيو.
(3) ساڳيو سہ ماهي الرحيم ص 42,43ع
(4) رسالو مهراڻ سنڌي ادبي بورڊ ص 165,164,163 سال 1962ع شمارو ٻيو
مضمون: ٽالپر جي عهد حڪومت ۾ سندن آداب نويسي "لکندڙ" " شائق قيصري" (حاجي
شير محمد نظاماڻي)
(5) ڏسو ڪتاب سنڌ ۾ رهندڙ بلوچ قبيلا
مصنف رحيم داد خان "مولائي شيدائي"
سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ سال 2012ع ڇاپو پهريون ص 182,181,180
(6) ڏسو ڪتاب: يادن جا ديرا ڪوسن جا پيرا سهيڙيندڙ: نظام الدين ڪوسو بلوچ سال 1974ع
(7) "فتح نامہ " عظيم ٺٽوي ص 114 سنڌي ادبي بورڊ
(8) تاريخ سنڌ (اردو) جلد دوم اعجازالحق قدوسي مرڪزي اردو بورڊ ص 539 ,540ع
ڏسو فتح نامہ سنڌ (از مير عظيم ٺٽوي)
تعليقات (حاجي شير محمد نظاماڻي) سال 1967ع سنڌي ادبي بورڊ ص 196
(9) ڏسو فتح نامہ سنڌ (مير عظيم ٺٽوي) ص 116
تاريخ سنڌ (اردو) جلد دوم اعجاز الحق قدوسي مرڪزي اردو بورڊ ص 541,540
(10) ساڳيو ڪتاب فتح نامہ ص ,126,125,124,123
ساڳيو ڪتاب تاريخ سنڌ(اردو) ص 542,543,544,545
(11) ڪتاب فتح نامہ (عظيم ٺٽوي)(فارسي)
تعليقات (حاشيہ) مضمون (قيصر خان نظاماڻي) از حاجي شير محمد نظاماڻي
ص 196 مترجم : محترم قاري حافظ عبدالباسط آرائين
(12) سہ ماهي الرحيم (مئي، جون 1988ع)
شاهہ ولي الله اڪيڊمي صدر حيدرآباد ص 43 (از حاجي شير محمد نظاماڻي)
نوٽ: هن کان پهرين ساڳيو سہ ماهي الرحيم جي مشاهير نمبر 1967ع جي
ص 189,188 تي شايع ٿي چڪو آهي.
(13) سہ ماهي الرحيم (سال 1966ع ٻيو شمارو)
شاهہ ولي الله اڪيڊمي صدر حيدرآباد
ص ,77,68,67,66,65,64 (از حاجي شير محمد نظاماڻي)

حضرت شاھ عبداللطيف رح جو ساٿياري محمد صلاح رح

محمد صلاح بن محمد عارف، شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو همعصر هو. سندس مستقل سڪونت ٽنڊي قيصر (ضلعي حيدرآباد) ۾ هئي، جتي اڄ تائين سندس اولاد رهي ٿو. (1) ميون محمد صلاح بن ميون محمد عارف فارسيءَ جو عالم ۽ مولانا روميءَ جي مثنويءَ جو وڏو ڄاڻو هو. شاھ صاحب جو معتقد ۽ مريد ٿيو ۽ ٻاهر سفر ۾ هميشہ ساڻس گڏ هوندو هو ۽ روزانو مثنويءَ جو وعظ ڪندو هو. شاھ صاحب وٽ سندس وڏي عزت هئي، ۽ کيس "خليفو محمد صلاح" سڏيندا هئا.

سنڌيءَ ۾ "بزغل جا ڪلما" جوڙيائين، جيڪي "محمد صلاح جي سنڌي" جي نالي سان مشهور ٿيا. پاڻ شاھ صاحب جو "سفر نامو" بہ جوڙيائين، جنڪو افسوس! پوئين ويجهي دؤر ۾ ضايع ٿي ويو. (2) ڊاڪٽر بلوچ هڪ جاءِ تي لکي ٿو تہ:

شاھ لطيف جي ذوقِ ڪمال، کيس حق ۽ حقيقت جي اعليٰ مقامن جو متلاشي ڪيو. سلوڪ ۽ معرفت جا اهڃاڻ، توڙي ديني تعليم جي رسمي ڄاڻ کان اڳتي اسلامي تعليم جي 'روح' تائين پهچڻ جا راز کيس ميين شاھ ڪريم رح جي 'بيان العارفين' ۽ مولانا جلال الدين روميءَ جي مثنوي ۾ نظر آيا. پنهنجي پاڻ تربيت واري هن دور ۾ شاھ لطيف خاص طرح مثنويءَ کيس سمجهڻ طرف گهڻو ڌيان ڏنو. ڇٽي ننڍو سگهجي تہ شاھ صاحب کي مثنويءَ جي باڪ ڪتان پڙهي ۽ ڪيئن پڙهي، پر غالباً ميين شاھ ڪريم جي

سوانح ۽ تلقين طرف توجهه ڪندي، ڪيس مثنوي جي اهميت ۽ عظمت جو پتو پيو. ڇاڪاڻ جو ميين شاهه ڪريم کي مولانا روميءَ جي مثنوي توڙي سندس ديوان مان بيت ياد هئا. البت شاهه صاحب کي مثنويءَ سان هن دور ۾ ڪنهن روشناس ڪرايو؟ سو خاطريءَ سان چئي نٿو سگهجي، تي سگهي ٿو تہ نئين جي عالمن جي صحبتن ۾ شاهه صاحب کي مثنويءَ بابت وڌيڪ واقفيت حاصل ٿي، ۽ مثنويءَ پاڻ وٽ رکيائين.

ان دؤر ۾ ٺٽه قيصرَ ڍاسوڙيءَ طرف جي عالم ۽ درويش، محمد عارف جو فرزند محمد صلاح، جنهن کي فارسيءَ تي دسترس هئي، ۽ پڻ مثنويءَ جو ڄاڻو هو سو شاهه صاحب جو معتقد ٿيو ۽ جيئن ئي هو شاهه صاحب جو ارادتمند ٿيو ۽ سندس خدمت ۾ اچڻ لڳو تہ شاهه صاحب کانئس مثنويءَ پڙهائڻ ۽ ٻڌڻ جو سلسلو شروع ڪيو جيڪو پوءِ زندگيءَ جي پوئين دؤر تائين جاري رهيو. مثنويءَ سان شاهه صاحب جي شغف جي ايتريءَ تہ مشهوري ٿي، جو وقت جي حاڪم ميان نور محمد ڪلهوڙي، مثنويءَ جو هڪ خوشخط نسخو شاهه صاحب ڏانهن تحفي طور موڪليو. (3) ڀٽائي صاحب جي خليفي ميان محمد صلاح سڀ کان اول ڀٽائي صاحب جو "سفر نامو" جوڙيو جنهن ۾ ڀٽائي صاحب جي جدا جدا جاين تي منزلن بابت عمدو مواد جمع ڪيو هئائين. (4) مولوي ميون محمد صلاح بن محمد عارف هڪ وڏو جيد عالم هو ، ۽ اڪثر مثنويءَ تي وعظ ڪندو هو. جنهن ڪري ڪيس "محمد صلاح مثنويءَ خوان" سڏيندا هئا. ڀٽائي صاحب جي حاضريءَ ۾ هوندو هو ۽ ڀٽائي صاحب ڪيس "خليفو محمد صلاح" ڪري سڏيندو هو. خليفو محمد صلاح ڀٽائي صاحب جي آڏو مثنوي پڙهندو هو. هڪ ڀيري ڪيبرن ۾ ڀٽائي صاحب جي منزل هئي، اتان جي ڪڪائين مسجد ۾ وينا هئا، تہ ڀٽائي صاحب ميين محمد صلاح کي چيو تہ "خليفا مثنوي پڙهه..!" جنهن تي ميين محمد صلاح اهو داستانو پڙهڻ شروع ڪيو تہ:

"گوش خربگذار ديگر گوش خر ــ الخ"

ميون محمد صلاح وڏي عمر جو هو، مثنوي پڙهيائين تہ مسجد جي ڪڪائين ڇت مان مٿس تڙڪا پئي پيا، ڀٽائي صاحب اٿي بيٺو ۽ پنهنجي جبي يا چادر سان، تڙڪن واري پاسي کان ڇانو ڪيائين. پوءِ خليفي هڪ

بيت تي ٻيهي ان جو تفسير ڪيو. جو ڀٽائي صاحب ڪي ڏاڍو وڻيو. ڇپائين ته خليفا، جيئن مون کي خوش ڪيو آهي، تيئن ڌڻي توکي خوش ڪري"

ميون محمد صلاح ڀٽائي صاحب سان گڏ رهيو هو هليو هو سائس صحبتون ڪيون هئائين. اهو ڪيبرن جي مسجد وارو واقعو هن "سفر نامي" ۾ بيان ڪيو هو ۽ اهو ڀٽائي صاحب جو "سفر نامو" پاڻ لکيو هئائين.(5) جڏهن شاهه صاحب سفر تي ويندو هو ته ميون گهڻو ڪري سائس گڏ هوندو هو ۽ روزانو اڳين ۽ نماز بعد مثنويءَ جو وعظ ڪندو هو جيڪو شاهه صاحب ۽ ٻيا حاضرين ٻڌندا هئا. (6) ميون محمد صلاح سنڌيءَ جو شاعر هو هن منظومين ۾ پنهنجو نالو"صلاح" آندو آهي. هن "بزغل جا ڪلما" جوڙيا، جيڪي " محمد صلاح جي سنڌي" جي نالي سان مشهور ٿيا. اهو سنڌي نظم، شاهه عبداللطيف رح جي وقت جو يعني ٻارهين صدي هجريءَ جو آهي، جنهن ڪري سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي تاريخ ۾ اهميت وارو آهي. هن نظم ۾ سنڌي ٻوليءَ جا اهي الفاظ ۽ اصطلاح استعمال ٿيل آهن، ۽ اهي مثال ۽ مشابهتون آندل آهن، جيڪي شاهه صاحب جي بيتن ۾ ملن ٿيون. انهيءَ ڪري هيءَ نظم نه فقط سنڌي اساسي شاعريءَ جو هڪ قيمتي سرمايو آهي، پر ان ۾ سنڌي لغات جو پڻ وڏو اهم ذخيرو سمايل آهي. ترتيب ۽ تاليف جي لحاظ سان هيءَ نظم "الف اشباع" وارن سولن سنڌي قافين سان ڊگهن بندن ۾ سِٽيل آهي. سنڌي نظم جو اهو نوع ۽ نمونو ان وقت عام مقبول هو.

هنن منظوم بندن جو خاص موضوع، نبي صلعم جي صفت ۽ ساراهه آهي. جيڪا خالص تاريخي واقعن جي بيان بدران، نبي ڪريم صه سان شاعر جي ذاتي عقيدت جو اظهار ۽ سندس دلي عشق ۽ محبت وارو اندر جو آواز آهي. هن منظوميي جي آخري بند مان ظاهر ٿئي ٿو ته هڪ تاريخي واقعي، ميين محمد صلاح جي دل ۾ اهو جذبو جاڳايو ته هيءَ مدح منظوم ڪري. اهو تاريخي واقعو هيءَ هو جو اڪبر بادشاهه جي آزاد مذهبي فڪر، ۽ مصلحت آميز مذهبي پاليسيءَ سان وقت جي وڏن عالمن جو اختلاف ٿيو. شيخ الاسلام عبدالنبي گنگوهي ان اختلاف تي قائم رهيو حالانڪ بادشاهه طرفان ڪيس 972هه (1564ع) 'صدر الصدور' جي عهدي تي فائز

ڪيو ويو هو ۽ پوءِ بہ بادشاهہ طرفان رعايت جو سلسلو هلندو آيو پر جيئن تہ اختلاف اصولي هو انهيءَ ڪري شيخ الاسلام پنهنجي ايمان ۽ عقيدي موجب، بادشاهہ جي مذهبي رجحانن تي تنقيد ڪندو آيو. ڪيس حج تي موڪليو ويو تہ اتي بہ بادشاهہ خلاف پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيائين. انهيءَ ڪري واپسيءَ تي مٿس ڪارروائيءَ جو فيصلو ٿيو ۽ رقم جي خرد برد جو مقدمو داخل ڪري نظربند ڪيو ويو. سنہ 992هہ (1584ع) ۾ ان نظربنديءَ واري حالت ۾ ڪيس گهٽا ڏيئي ماريو ويو.

هن واقعي جي خبر جيتوڻيڪ ان ئي وقت سڄي هندستان ۾ هلي وئي، پر اهي ڳالهيون ڍڪيل رهيون، تہ شيخ الاسلام عبدالنبي ڇا ڪيو ۽ اڪبر بادشاهہ ڇو ڪاوڙيو ۽ شيخ الاسلام جو موت ڪيئن ٿيو. سنڌ ۾ بہ انهن حقيقتن کان عام توڙي خاص بيخبر رهيا. ۽ وقت گذرڻ سان هيءَ واقعو ويتر حڪايت طور ياد رهيو. مثلاً ميين محمد صلاح هن منظوميي ۾ ڄاڻايو آهي، تہ بادشاهہ، علامہ عبدالنبيءَ کي حڪم ڏنو تہ هو بادشاهہ کي ۽ بادشاهہ جي حڪمن کي مڃي، ۽ ان لاءِ مقرر ڪيل ڏينهن تي دربار ۾ حاضر ٿي، سيني جي آڏو علي الاعلان بادشاهہ جي صفت ۽ ساراهہ ڪري، پوءِ ان ڏينهن شيخ الاسلام دربار ۾ بيهي، بادشاهہ جي ساراهہ بدران نبي صلعم جي صفت ساراهہ ڪئي، جنهن صحيح اسلام سيڪاريو هو. ان تي بادشاهہ مٿس بڇ ڪئي، جنهن تي شيخ بہ رُڪ واري جُتي، جيڪا سندس جُبي ۾ هئي، سا بادشاهہ کي اڇلي هنئي، پوءِ مٿس تراريون وسي ويون ۽ سندس جسم ذرا ذرا ٿي ويو جيڪي پرسان مسجد جي ڇت کي وڃي لڳا. هيءَ سڄو بيان روايتي آهي، پر شايد سنڌ ۾ هن واقعي جي خبر انهيءَ طرح پهتل هئي. هيٺ "بزغل جا ڪلما" جو متن ڏجي ٿو جيڪو ادبي لحاظ سان معياري آهي، عربيءَ ۾ لکيل بيت، غالباً شيخ الاسلام عبدالنبيءَ جي قصيدي جا آهن، جيڪو هن نبي سڳوري جي شان ۾ چيو. ميين محمد صلاح هر بيت کانپوءِ سنڌيءَ ۾ ان مدح کي وڏائي وڏو ڪيو. (7) "بزغل جا ڪلما "جو قلمي نسخو ڊاڪٽر بلوچ کي ميين عبدالله مرحوم کان مليو جيڪو آڳاٽو قلمي نسخو هو.(8)

○

شاهه عبداللطيف رح جي معتقد ۽ ساٿياري، ميين محمد صلاح جي سنڌي:

”بزغل جا ڪلمات“ يا محمد صلاح جي سنڌي

بَزَغَ الحَبِيبُ المَجتبَيٰ! فِي سُحمَتِ اليَلِ الدُّجيٰ
كالشمس تَطلُعُ فِي الضُّحيٰ صَلوا عَلَيہِ وَسَلِمُوا

نِڱئو نُور نَبِيَّ جو مُحَمَّدَ مُجتَبيٰ
حُسنَ ڪِئو حبيب جي جلوو جمالا
ظاهر ٿئو ظلمتَ ۾ ڪُفر ڪانيارا
منجهه انڌاري رَينَ رسئو گوهر گُمراهنڪا
هَرِي اَچِي هَرائِيُو ويڳه وريااما[1]
تاريڪيءَ ۾ طُلُوعُ ڪِئو لالڻ لمغانا[2]
جئن سُورج اُيري صاف ٿئي ظاهر وقت ضُحيٰ
چڙهي چِٽائي ڪري اچو اُهاسا
چوڏَسِ چُٽو چِمَڪِئو هادي هدايتا
مشرقُ مغربُ سوجهرو ڪِئو رهبرَ رَسُولا
سَيَتِ سُهائو ٿئو نَبيَّ جي نُورا
لٿِي اُنڌائِي ڪُفرَ جِي شَمسَ ڪِئو شُعاع
دريا گَجِي گوڙَ ڪِي اُڌَ مِئو اوڙاها
واهُڙَ مِڙئِي وحدتَ ۾ هَلِي هيڪُ ٿئا
سائِرَ سَويلو ٿئو پِرجِي بَرهَرا
ڏيئِي تِڪُون تارِ وَهيو منجهہ مظهر محمدا

---

[1] اصل ايئن

[2] اصل ايئن

لَٽي لُڙ لَلال ڪِئو وَرنهَ وَجُودا
وڃِي نوبتَ نَبيانَ ڄامَ جِي آيو احمدا
لڳي نوبت مُحمدي منجهه فَتحَ فِي الحالا
پَيَڪِي پيرِ بهادري خاتَمَ خَيرَوَرَي
تِهاميَ سڀ تهَ ڪِئا اڳيان اوتارا[3]
رِسالتَ پاڪَ رسولَ جي پَرا سَيَتِ پِئا
ڳُهڙُ ڳَيَڙين ڳائِيو چوڏس چڱايا[4]
قُريشيَ جِي ڱڇِهَريين پيئي پَچارا
راهوءَ جي رهاٽين وَرَتي وِرُوها[5]
هاشِميَ جو هُلُ ٿئو منجهه مُلڪَ مشهورا
تہ ٿئو وارث دِينَ جو پَيغمبرُ پيدا
ڪوٺي تو الله ڏُونهَ مِڙنِي مُحمّدا
چئو صَلوات حضرت اُتي دائِمُ دُرودا
وَهُوَ الرسُولُ المُقتَدي مِنهُ الشفٰاعَتُ تُرتَجيٰ
بِجَمَالِهِ خَمِدَ اللَظيٰ صَلُوا عَليهِ وَ سَلِمُوا
اِيُ آهي رَحمَتِي رسولُ سو مُحمَدُ مُقتدا
اِمام جُملي اَنبيائُنِ پيشوا پِريا[6]
مهندارُ سَڀ خَلق جو سرخَلُ سردارا
پُٺيَ اِنهَن پاڪ جي مِڙئي موجودا
دامن لڳي دوسِ جِيَ ٿِئا عالَمَ اِنعاما
سندي احمدَ آسِري تَڳِنِ تارِي ٿا

[3] تهامي: تهامه جو يعني نبي صلعم

[4] شاهه جي بيت ۾ ساڳي تمثيل

[5] اصل. رهاٽن ۾ ورتي

[6] پريا: پرين، محبوب

جُونرِيَ مٿي جَنِ داغ ٿُنهنجو داسڙا[7]
ٿُن تان ٿکِيَ ٿنِ کو وارو ڏج ولها[7]
سَيَنِبِنِ شفاعت جي آهي اميدا
آهکِي ويرَ عاصينِ تي ڏيندو پيڙُ پيرا
لَنگهائِيندو لطف سِين نِندَرَ نِماڻا
تان نہ ڇڏِيندو ڇوهَ ۾ آسَنَهَ آسارا[8]
کندو شفاعت کارڻي مِڙني مُحَمّدا
سنديَ جوتِ جمالَ جِنه مُنکر ماتَ ٿِيا
هُوا مَجُوسِين مَعُبُودَ جي ڇيرا گهٽي ڇيِيا[9]
پيئا پرندا هميشہ جي ورهين وَرهَہ سچا
ڇاپڙَ راتِ رسولَ جي اجهاڻا آڙاها
پُڙ ڏِسي نُورُ نبيَّ جو قِيامَتَ ڏينهان
ڇڏي جوشُ جهَکو ٿيندو دوزخُ دَهشتا
مومن لنگهيندا مِهرَ سِين سَهکي صِراطا
حُرمتَ ساڻُ حبيبَ جِيَ مُرسَلَ مُحمَّدا
وَهُوَ الضياءُ المستضي و بِنُورِهِ نار الهُدي
فِي صُبحِ لَيلِ اليلاَ صلّوا عَليهِ وَسَلِمُوا[10]
ايءُ آهي روشنِي رسولُ سو مشعَلُ مُحمّدا
ڏِيا جنُ ڏاتارَ کا ٻريا ٻهون ٻيئا
انبيا ۽ اوليائنِ مِڙني مُورُ اِتا[11]

---

[7] شاه جي رسالي جو بيت

[8] اسنه: اڻ سونهان. اسارا: بنا سار جي، بي خيالا

[9] مجيوسين (زرتشتين) جا معبود جيڪي وڏي ڇيري ڇپي وارا هئا: يعني سندن پوڄا واريون باهيون، جيڪي وڏي لاٽ سان پئي ٻريون.

[10] اصل: في صبح اليلا

سَبِ مَلابِسَ مُحمَّدِيَ مَظهرَ مَعصَوما[12]
سَببَ نُورَ نَبيَّ جي روشَنُ رَندَ ٹِئا[13]
واٹُون سَبِ وَڈکارَ جِيون پُنهوءَ ڪِيُو پيدا
هوتَ ساماٽي هَبَ ۾ گُنگَنِ گَسَ ٹئا
ليڙَنِ لَسُون لائيون گرهَنِ قطارا
وِجِنِ ساٹَ سمگٹا هاڙِهي هزارا[14]
منجهه ڪارِيَ رات ڪُفرَ جي ٹئو سوجهرو صبحا
مُوڙهَنِ واٹُون لَڌِيُون جي تِرڪِٹا طَرِيقا[15]
پِٹا هِدايَتَ هُوءِ ۾ آٽي اِيمانا
راهه سوٹائُون ربَّ جي مُحمَّدَ مِيرَ مُلا[16]
چٹو صَلوات حضرتَ اُتي دائمُ دُرودا
ايُ آهي معشُوقُ مِڙَني مو اطنين مُحمَّدُ محبوبا[17]
عَرشا ٹي فَرشَ سِئَن تاٹُون تحتَ ٹُرِيَ[18]
سَيَنين سِڳَ رسولَ جي مُحبتَ مَجازا
پَهٽِنِ پِرتِ پِرينءَ جي پِيِئي وَٽت وٽا[19]
حَجَرَنِ ڳالائيُو حَبيبَ سين ڪوڏا ڳلاما

[11] مُور: مُنڍ، سرچشمو. اتا: اتان.

[12] ملابس: وڳا

[13] اصل: رند

[14] اصل: هاري هزارا

[15] جي ترڪٹا طريقا جيڪي طريق (نئين واٹ) کان ترڪي اوجهڙ ۾ پيا.

[16] سوٹائون: ورتائون

[17] مواطنين: مواطنن ۾

[18] اصل: سي تان او. ٹي: وٹان. سيئي: سيئن، سينءَ: سوڌو. تانئون، تائون: اتان کان. تحت: هيٺ، هيٹان. ٹري: زمين، مٹي.

[19] اصل: پري جي، وٽت: وٽند. محبت.

ڏيندا هُوا پاڪَ پيغمبر کي صَحِيُ سَلاما
"اَلسَّلامُ عَلَيۡڪَ يا رَسُولَ اللهؐ" انهين آوازا
پُٽِ داهون دَرَختَنِ ڪِيون لئِ ۾ لطيفا
آهُون عشق اُڳندَ ۾ وايون ڪِيون وَٽا
پڙهندا هئا حضرت جِيو پَرَ جَهين خُطبو خليلا[20]
سا ڪاٺِي هُئي ٺار جِي مَنجهه مسجدِ مَدِينا[21]
مُشرَّفَ هُئِي محبوبِ جي قِرائت قِيَاما
نُخلِ نِيُهُ نَبيَّ جو جاڳيو هو جوشا
سَيڪنَهِ جُمعين سُپرِينِ سين سِڪَ سانيپڙيو ساءِ
اچِي صلاح صحابَنَ کي پيو پرياٺا
تہ ڪرسي گهُرجي گهوٺَ کي مِنبرَ مُحَمَّدا
جَڏهِن جُڙي آئي سا ڪرسي ڪريما
چَڙهي اُيا انَ تي پِرينَ بي پروا
تڏهِن ڪاٺي ڦاٽِي فِراقَ ۾ چِڏي ٺوبَ ٺَنيا[22]
گري ٻاڪارُون ٻارَ جِئَن گريو گُدازا
سُٺُونَ ڪِيون سُپرينِ کي داهون درد مُهَا
تان پيئي مهرَ محبوبَ کي رحمتَ رَحيما
حضرتُ اُلهِي آئيو چلي ڏُونهُ چوبا[23]
اچِي رکيائون مٿي تي مُبارڪَ هٿڙا
غمگسارِي غريب جي ڪِي سجڻَ سنيارا
تان ڪِيائين ماتِ مُهتَ سِين پرينِ جي پُڇڙا

[20] اصل: حضرت جيءُ، حضرت جيو: حضرت جن، حضرت سائين
[21] اصل: تار جي. ٺار: ڪجي.
[22] ٺوبِ ٺنيا: زور سَٽ
[23] چوب: ڪاٺي

ڏُسکا ڪري ڏک سين، ويجهي تي وَصَلا
ڪنهِ راضَ سين راضي ٿي مِلِي معشوقا
اهڙو آهي ڪارڻي مُحمَّدُ مختارا
سائينءَ سُهاڻو سپرين، ڏُئل دوستُ خدا
ذڪر جِنه جي ذاتِ جو اُنچو آهِ اَعليٰ
اونهين عِزتَ احمَدَ جِي وَڏِي وَڏايا
چئو صلواتَ حضرت اُتي دائمُ دُرُودا.*

**

اصلِ عشقُ عَرَبيءَ جود ڪئو آهِ ڏرا
آڳي اِنِ لاءِ پاهنجو ڪِيو جُلوو جهانا
ڪارَڻِ پيدائِشِ پرينءَ جِيءَ هَستِي ڪِئو هُڳاءِ
منجهان اَهَ عشقَ جِي ٿِئو عالَمُ آبادا
اللهُ عاشقُ آزلان، مُحمدُ معشوقا
عِلمَ اقدَس عَيَن ۾ ڪِئو ظاهرُ ظُهورا
سَمي سَرو چِمڪائِيو مارَڻَ مَلُوڪاءَ[4]
سِرِ جَني جا سَٿَ ۾ پِيتيُون تَنِ پڪا
سُرڪَ اِنَ شرابَ جِي گهائي گهوٽَ وِڏا
ڪِنه ڳري ڪيپَ خُمارِئا صُوفِي پِي سَرا
مَزي ميتَ مَندَ جي ماريا مَتارا
وَتيون ويرَنِ واتِ ۾ صَدِقو ساه ڏِنا[4-5]
"ڪُنتُ ڪنزاً مخفِياً" پَڌرِ پيرَ رکيا
آهي رمزَ اِنَ ۾ پَري پَرُوڙا

[4-5] شاه جي بيتن ۽ انهن سٽن ۾ آندل تمثيل ۾ مشابهت.

* هت ۽ هيٺ انهن جاين تي ڪاتب خال ڇڏيا. انهيءَ لاءِ ته عربي تصيدي جا شعر پوءِ لکندو پر اهي رهجي ويا.

ڳالھِ نہ ڳالھِين جِھڙِي، ڪرڻُ تا نہ جُڳاء
عَقلُ وِيو اوچؤن تي اِني انديشا[6]
رِيتِ اِنھِين رازَ جي لَڪِي ڪِنه لَڪَنِئا
ڪوڙين منجهان ڪِنِ تي ايَ حل تِي حقيقتا
عقل ٻُڙي ڪُلَ جِي هاتِڪَ حيرانا
ڪِينَ پروڙيو پِرينءَ کي مُورَهِين مخلوُقا
چئو صلوات حضرتَ اُتي دائِمِ درودا

**

حيرانُ ڇُندَڙ (ڇُپ) ٿِئا منجهہ مدحَ محبوبا
ماندا مُدَاحَ ٿِئا ماڳهين، واڪاڻي وَصفا
ڇَئِي ڇُڪا چاڳلي مَناقِبِ مَدحا
ڳري رَهِئا ڪريمَ جِي ثنا ساراها
تا مُورِ نہ مٿو آئيو خوبينِ خليلا
ٻرو پاندُ پِرينءَ جي خصلتُنِ خُلقَا
اونھين ڪُنَ عَميقَ جي پيئي ڪِنهِ نہ ڪرا
تانگهہ نہ لَڌِي تارُوئين گھوري گھاتوُئن ڪا
ٻَسِي اُڇلَ آبَ جِي دهَلِئا دِليرا
ليڪو ناهِ ڪو جي اڇنِ اوپارا
موڙي مَلاحَ مَڪرِيون جان نِڱِئا گِردابا
تان پاڻيءَ نِئا پاتارَ ۾ وَرِيَن وِيرَ مٿا
نيڊُوءَ نھوڙي ناهِ ڪِئا اُهرِئا اوڙاھا[6]
نَڪو سَڏُ نہ مَڏُ ڪو لُڙهِئا لاهُئارا
اَچِي اُتان آئيو ڪو ڇِٽرو ڇُڳيرا[7]

---

[6] اوچون يا اوچون، اصل. ننڊُ وويءَ، نينڊوءَ جي ناز.

شوقَ منجهه شَفيعَ جي ٿِئا هَمَه حيرانا
ماتِ مَداحَنِ ڪِي، شاعِرَ شرمايا
اچي سَڀِ ساراهَ ۾ عاجِزَ تِي اُيا
اَچاڻُنِ عَميق جَنِ حَدُ نه حِسابا
چئو صلَوات حضرتَ اُتي دائم درَودا

**

آڳي اُتاهُون ڪِئو باريءَ بُلندا
مَرتبو مُحمدَ مِيرَ جو رُتبو رَفِيعا
اُنچو اندازو اُنَ جو مٿاهون ماڳا
نوازشون نبيَ ڪي ڏنيُون ڏاتارا
تَسليون ٿهامِيءَ ڪي آيون تي آينئِا
خبرون خوش خليل کي اَکِهين اِشارا
مَلَڪَن هَٿِ مُحمَّد ڪي تَعظيمُون توڙا
وَحيَ آنديون وَرنَهَ ڪي سَراهِيُون سِهرا
سُورَن منجهه قُرآنَ جي وڏيون وڏايا
"اِنّا فَتحنا" "وَالضُحيٰ" ڪِئو سَرهَو سالارا
آيَتنُ ڪِ احمد ڪي آپَرَ آڏارا
چئو صلوات حَضرت اُتي دائمُ دُرودا.

**

تحقيقُ گهڻا آهِينِ اُنَ تي حُجتُون هزارا
مٿو مُعجِزنِ ناهه ڪو سِهِسين سُهڃاڻا *
تعاليٰ شانُ نَبيَّ جو نرمل نِنڊارا[8]

---

[7] اصل. چِٽُو چُڪيرا. مٿين نون سٽن ۾ ساڳي رسالي جي ءِ سر راڳ ۾ سر ساموندي واري تمثيل.

[8] اصل. ايئن سهُجارا

سچو صادقُ سُپُرين رهبرُ رَهنُما
عَارِفُ اڪمَلُ الله جو هادِي حق ـ رَسا
جي هٿان مُبارڪَ حضرت جي ٿيا اُهيَ اظهارا
تاڻي ٿنِي سلِيم ڪِيا سائُو سردارا[9]
مانجهي سڀ منقادَ ٿيا مُعجِزَنِ مددا
پِرتا پَسي پِرينءَ جا نَمِيا نِيازاءَ
ميڇائون مُطِيعَ ٿيا ادبَ اخلاصا
جَنِي عَقلُ نصيبُ هو فِراسَتَ فهما
آيا سي اِطاعَتَ ۾ پَسندهِ پيڪاٽا[10]
داناءَ سَيپئي دَهلئا مهندا مُحمَّدا
نازَ نظآري نيهِ جي پِياري پُر ڪيا
تہ بعَيّتَ ڏني ٿَنِ کي ويئي سڀ وڃئا[11]
چئو صلوات حضرتَ اُتي دائمُ درودا

**

ڦاٽِي چَندُر ڦاريون ٿئو سِين آڱر اِشارتا
جَڏهِن مُشرڪَ مِڙِي آئِيا پَهِي پَليِتا
خذمتَ منجهہ خليل جي حاضِرُ هيڪاندا
تہ جان آهين سَچو نبِي تون صادقِ منجهہ دعوِيٰ
تہ ڦاڙي چَندُر ڦاريُون ڪُر اي ميان آڱرِ سا
تڏهن سَڃِي سبابَۃَ سَماءَ ڏُونهُ احمد اعجازا[12]
هو چوڏِهِي ماهَ چِمَڪِئو ڪامِلُ ڪمالا

---

[9] اصل، تانري تن،

[10] پسنده: پسندي ئي، اصل پيڪانرا. پيڪاٽا.

[11] اصل، تبعيت زئي،

[12] سبابت سجي: شهد آڱر اشاري لاءِ ڪنئي،

تا ٿانيِ چنڊرُ ٿاريون ٿِئو قَمَرُ قُدرتا
قَمَرُ ٻِجي ڀ آڏَ ٿِئو پرتِ ۾ پِريا
سي ٻئي آڏ آرضا ٿِي موتي ماڳِ وئا
"اِقتَرَبَتِ السَّاعَته وَ اَنشَقَ القَمَرّ" انهين اهڃاڻا
معجزن ڪِئو مومنِن کي ويتر ويساها
اياڳِيَنِ کي اُتهِين سَمُهُون ٿئو سِحرا
"وَيَقُولُونَ هذا سِحرنمُشتمِرّ" ڪُوڙا ڪذابا
پُڻ آيا مَلَڪ سلامتي اُلهِيو آيِنِيئا
ڪُرنَش لاءِ ڪريمَ جي اُڱنڊ اُداسا
پُڻ ڪرڻ صلوات سَروَر جي آڳي ڪِئو آمرا
تہ گھُرو رحمت رسول اُتي مومِنَ مُداما
تُحفو تَحِيّته ٻِي چئو ساري سلاما
چئو صلوات حضرت اُتي دائِم دُرودا.

❊❊

پُر ڪيائين پِرت سين دليون دوسَنِئا
چاڙهي چڏيائين چيئن تي عاشق اُداسا
واڍوڙِئا ورُونهہ ۾ گھٽيئي گھايا
ڪِنارَن تي ڪيترا اُلٽيا عُشاقا[13]
مُحبت جي ميدان ۾ جڏهن جي آيا
تڏهن سي تمام ٿِئا اُسَهي اوڃاهَا[14]
ويئي وڃا وِسَري سارَ نہ سُڌيرا
وحدت وَڍي وَرَنهَہ سي اُڱنڊ آڏ ڪِئا

---

[13] اصل ايئن

[14] اصل ايئن

ڳُڌِئا کھوٽ ڪسن تي لُڇِن لالَ ٻِئا
نَوڪَنِ لڳي نيہَ جن پانڊِپا پٽِ وِڏا[15]
مٿا وَڏِي مانجھيين آڙين تي اُڇلِئا
سِبسيون ڏِٺو شُنتون وهسَنِ ويچارا
سُورِي اُتي سنيرا مَردَ مِصرا جا[16]
سُور چڙهئو سانڱِين تي مَرڪَن منصورا[17]
ڦِيمون اچي ڪَمر ماهَ جو مُحَبتيا[18]
ڪوئِٺو ڪوڏِ ڪبابَ جي ڪُسَنِ قريبا
ڇَڪِئو اهڙيون چاشِنيون سُرڪيون ساٽُورا
وَٺن ٿيون وِصال ۾ کِيرون ڪاهوڙِياءَ
پُرِ سببَ هوتَ حَبيب جي هِمت حضرتا
ماءِ مُرادون. پُنيون مهنجا مقصُودا[19]
ڏِيئي دُنياوي جون آسُون اُميدا[20]
سي سِيئِي سَرنجام ٿيون هاشِمي هَٿا
فيضَ اِنَ فَياضَ جي ڪِئا مُلڪَ معمُورا
جَڳ ساماٽي جَڪَري لَٿو ڏُرتُ ڏيها
ويله ويئِي وِسري ڏُليَنِ ڏُڪارا
سَمي جِي سَخاءَ جو پِئو سُڪارا
ڳُهَرَ سنڌِي ڳَنجَڙي ويروتارَ ويهاءَ

---

[15] اصل ايئن، پٽ وڏا: پٽ جي پر ڪا ۾ وڏا

[16] اصل ايئن.

[17] اصل شور چرؤيو ساڱين: ترارين

[18] اصل ايئن

[19] ماءِ: جاءِ، يعني هٿيڪيون، ماڳائتيون، مقصد واريون.

[20] اصل ايئن.

حاتمَ ڏيئي هَٿ سين پُرڪِئا پينارا
ماڻڪَ ٻڌِي مُوڙيين اَڇلِئا ايمانا
ٻُڪين ٻَرادُون پَريون، اوڊِئا اُگهاڙا
جُودَ سين جَواد جي سَڀ ٿِئا سوڀارا
جي سُتيءَ سَندا سيڪڙُو سي پِيَنِ پيالا
"وَسَقھمَ رَبھُم شراباً طَھُورا" حُرمت حَبيبا
چئو صلوات حَضرت اُتي دائمُ دُرودا[21]

**

مِيرُ مُحَمَّدُ آئِيو اُلهِي اَمِينا
جَبرئِيلُ جَسولُ تي (چيو) مَلڪ معراجا:
تہ چڙھ بهادر بُراق تي آپَر احمدا
اقصيٰ تي آيَن ڏُونهُص، تانئون عرش عُلا
خَلوت - سَرا خاوند جي جهوڪَ جِمعَا1
ء الِڪَ سَير في الله ۾ پيهِي ڏي پارا
لڏڻ لامڪان ۾ ڪَڙا ڪَر خِيما
جتي ناءُ نہ ساءُ ڪو اُهيج نہ اشارتا2
جهنگلُ جُھنُ "جَمعَ" جو فرقُ نہ فِصارا
"اسمُ" نہ "رَسمَ" جِتھين "عَقلُ نہ "عِبارتا"
اُتي مرڪزَ مَحوو تِي ديرو ڏي دوسا
هاڻي مشاهدي مقدسُ کي وري اڄ وَطنا
حضرتَ هلئو هيجَ سين اِتهين اَفضَلا
وٺا ناسُوتا نِسرِي هَن مُلڪَ مَلڪُوتا3

[21] هن سڄي منظوم بند ۾ اهي تشبيهون ۽ تمثيلون جيڪي شاهه جي رسالي جي ڪن سرن ۾ بہ موجود آهن.

پُوري وَڃي پهتا جاتي جبرُوتا
لَڙي وِئا لاهوتَ ۾ آقدَسَ اوطاقا
مِلِي مُطلِقَ مَحوُ ٿِي وَحدَتَ وِلاتا
ديکِيندهين ديدارَ کي موٽيا مکي ڏاهه
اِنهان مَهنَدِ ماهِيَتَ جي کانِه کِنه گرا
پاڻو چاٽي (پاڻ) ڏٺي سي حقيقتَ حالا
آهي حَقُ حَديثَ ۾ بهتر بيانا
حاصِلُ تنهن جو هِهڙو خُلاصو خَبرا
آچي وِئو اِنهيئين هِن ناقِصَ نادانا
پَسو پيغمبر پاڪَ جِي وِڏي وَڏايا
کونهِ کو جَهانَ ۾ اِنَ سَپِڙَ جو سياءِ
چاڙِهئو جنهِ کي چئوڏولَ ۾ خاوَندَ مُلڪَ خدا
وَڃِي قَابَ قوسَينِ ٿِئو اوڏو احمدا
شانَ منجهه شفيع جِي "والقَدَرَ" آ
چئو صلواتَ حضرتَ اُتي دائمُ دُرودا.

**

نَيو آبُ نئين کري وُضوءَ جي وقتا[22]
چاگِرِ منجا چُڳيرَ جِي حُدَبي ڏِيها[23]
جَڏهِن رَسي اُجَ صَحابَنِ کي پَٽَ ۾ پِياسا
هُئو هزارُ ۽ پنج سئو جي مانجهي ميرانا
رِڪابَ منجهه رَسُولَ جي . لشڪرُ لاکيرا
کري رِءَ نہ قطرو اُت پاڻي هو پيدا

---

[22] نئين کري ۽ نيو کري

[23] اصل ائين.

نڪو ٻيرُ ٻَڙُ ۾ نهرَ نہ نندِي ڪا
تڏهن مِڙنِئي اَچِي محبُوبَ وَٽِ ڪِئو اُساتِجي عَرضا
تہ پاڻي ناهِ پِيئَڻَ ڪي نَڪِين وُضُوءَ لاءِ
تان حَضرت هَٿُ مُبارڪُ رکِئو ڪُوزي تي ڪَرما
نيو آبُ نِئِين ڳري اَچو آڱُرنِئا
دَريا اچِي دُوس ڪِي ڪِنه مَخفِي مِهراٽَاء
پِي سيئي پُر ٿِئا سي صحابي سَيرا
وُضو ساري وَرَنهَہَ سي خوشُ ٿِئا خِيارا
راوِيَ روايت ڪي هِنَ پَر حدِيثا
تہ جي لک صحابين جو هو تِنهَ ويرا ظَينارا
تہ ڪِي ڪِفايت تنِ ڪي هندَ پاڻي پُرمُلا
پَر ڏيڍُ هزارُ حضورَ ۾ هُئاسون هَمراها
سي سيئي سيرابَ ٿِئا مِعجزي مِهرا
پُڻ گهڻو طعام تيارُ ٿِئو برڪَتَ ٻِلي چاما
حَضرتَ جابِرَ ڪِي حَبيبَ ڪي جنهِ ڏِينه دعوت دليرا
پُورو هزارُ صحابنَ جو تِنهَ ڏِينهِ هو حاضرُ حُضورا
ڪاهو ڪنيائون خوشيءَ سين ٿي خندقَ خَلِيلا
پهڻَ ٻڌئو پيٽَ سين صَحابِين صِدقا
مَدِيني مُنورَ ڪي چيئِئون چوڌارا[24]
هَنيون پهلوانَنِ پَهڻَ ۾ ٿي ڪوڏارِيون ڪوڏا
پَر هُئي ٻُک بهادرَن تي ٿَن ڪي طَعاماَ
تڏهِن جابَر وِيي گهر ۾ ڪِئو صَحابِي سَعيا
تا ٻہ ٿويا سڄا جَوَنِ جا آهينِ اَنَ پارا

---

[24] اصل – چيءَ رٿئو چوڌارا رٿئو

سي پيهائي تيارُ ڪِئا آئو انصاريا
پڻ ٻڪري هئي هيڪڙي ڳُني ڪاملَ سا
اچي عَرضُ ڪيائِين حَضورَ ۾ حَقِيقتَ حالا
تہ قَدرُ آهي قَليلُ ڪِينَ سِيڏو سڀاجها
سوحضرتَ هَلي پنجن ڪرڇهن صحابن سين ڪر احمدِ افطارا
تہ راضي ٿيان رسولَ ڏٽيءَ جا آءُ سرَهو سَريرا
تڏهن حضرت اُسهِيو هاشمي جابر جي گهر ڏاها
وِڃي وڏائون هٿا مُبارڪ پانهجِي اٽي منجهہ ماها[25]
تان اٽو ڳوهيندڙ کُهيا رَنڌي رَهيا
پيئي ويجهہ طعامَ ۾ بَرڪت ٻِسيارا
تڏهن حضرت ڪوٺئو وِهاريا ڏهہ ڏهہ صحابي سهجا
سي کايو سيئِي خوشيَ سِين رُخصتَ ٿئو رَميا
اِنهِين پَر هزار کي حبيبَ ڏٽي جي کارايو کاڄا
تا کُٽو ڪِين ڪِيَڻَ کان برڪتَ يلنئا
پاٽا اٽو پئو ابري، ۽ باقي ٿئو لحما
مُعجِزي مُحمدَ مِيرَ جي پسو پيڪارا
پُڻ ٽَري منجهہ تهامِي جي حمدُ ڪِئو حَجرا
سنگريزَمن ثَناءَ کي هٿَ ۾ حَضرتا
جنگَ منجهہ حُنينِ جي ڳرهَ وير ڪِلئا
جڏهن حضرتَ ڏٺا يَهودَن جا گهوڙا گهٽيرا
تڏهن ٽَرِي ٻَري پهٽِين جي ڪنئي دوس خُدا
چيون تسبيحُون تنِ تي هٿَ ۾ حبيبا
کِي پڙهي الفاظَ اُن تي ويرين ڏُونهہ وِڌا
تان مُفسِدَ مِڙيئي مَغلُوب تي ٻڳا ٻِئي ٻَڄا

[25] پنهنجي هٿ سان اٽي ۾ پاٽي (ماء، ماها) وڌائون

پُٽيون ڏيئي پليدَ سي مُرتِيا مُنهَ ڪارا
اِئِيَ پسِي پِرتو پِرينءَ جو ٿئا صَحابِي سَرَها
چئو صلوات حضرتَ اُتي دائم دُرُودا.

**

رَتو روئي رَتِيُون اکيون اصحابا
گري چُٽاڪا چُڪيون آتجِي آرتِئا
وَهي وَنيون وِساٽيون جِيءَ ۾ جالارا
لوڙهي لُڙڪَ لوتيون ڪامي خمارا
هاري جَرُ هيٺيون ٽيون هنجون هيجَ منجها
وعظَ وقت وَريامَ جي پاپوهَڻَ پِريا
پُڻ قائي هِنيا قارين ٿئا نصيحت نبيا
ڏِجي ڏپ خدا جي آتُرَ آندوها
ورچئو وِئا وِرهَ ۾ جِگرَ جوشِينَ جا
گرميءَ سين گُداز ٿئا حضرت حَدِيثا
سُڻِي پندِ پرينءَ جي حَقائِقَ حُڪما
رقتَ رَسي دِليين نرمي نيازا
وِئا وِگھرئو وَحدتَ ۾ فاني فِي الحالا
صُحبتَ ۾ سردارَ جي جَڏهن وَرنهہ هُئا
تڏهن ڪر سِرَنِ تي صَحابِين جي آهين پکيڙا پئا[26]
نَڪو چُرڻُ هو تَنِ چاڱلين مَجلِس ۾ مورا
ويٺا هميشہ ڳَڻُ ڏِئو سُڻَنِ سَنيها
عاشقَ هئا آواز جا ڪوڙ ڪلاما
پيو جام جوان سي تِڳون ڏِيو تِڪيا

[26] اصل. پکيرا

لُڙهئو وِٺا لاهوتَ
۾ پيهو پاتارا
نُوري نظارنِ نيس ڪِئا مَحُوُ مشهُودا
ڳريان کهڙِي ٿِنِ جي آءُ وائي واڪاڻا
جي ساراهيلَ سُبحانَ جا مرڳِنِ موچارا
نِسوهروئي نُورُ ٿِئا نَبِيءَ جِي نَظَرا
پُڻ دُعا سان دلبر جي انڌن ٿِئا اُها
جِي اَعميٰ هئا مُلڪَ ۾ سچا سي ٿِئا
مُوڙهنِ واٺُون لَڌِيُون مَعذُورنِ مِهرا
بَرڪتَ مُحمَّد مِيرَ جي ٿِئا سُواٿا
چئو صَلوات حَضرت اُتي دائمُ دُرودا.

**

پُڻ ڪِئن مدحَ ڳريان آءُ ٿَنهن جي ٿَعرِيفا
جو واڪاڻِئَلُ واحدَ جو حَمدَنِ هزارا
اِسمُ اقدَسُ جِنهِ جو مُحَمّدُ عَربي نالو نِرملا
مُهرُ مِڙنِي مُرسَلين خاصو خيروري
پلو سَڀ خلقَ جو نبي نورُ هُديٰ
سَرَوَرُ سَندو عالمين موليٰ مَحبُوبا
صَدرُ سدائين سَٿَ جو مَحِفلُ مهندارا
دِيوانُ دولتِ درگاهه ۾ مَرڳُڻُ مُختارا
سخا منجهه سَمُندر ڳرَ اَبرُ آهه عَطا
وَسي واسِيَ مِينهَ جئن بَحرُ دَر بخشاء
اوٺُون ڏِيئي عميق جئن ريلي رَحمتا

لهي سالَ سَيڪهين ڏُرئين تو دَريا[27]
وَهَڻُ وَرَنهُ تو وهي آتِئو اِستعدادا[28]
مِڙئي موجِب نصيب جي جامَ گڻِ جُرعَا[29]
مدحَ تِنه مَحبُوبَ جِي ثَنا ساراها
ڪِنه پِرِ ڪندو ڪهڙي ماڙُهو مخلوقا
اهڙو ڪڏهين ڪونہ هو ڏيهَہ ۾ ڏاتارا
حاتِمُ هِمّتَ اڳرو سائُو منجهہ سخا
ڏِيَڻُ ڏِئارَڻُ ڏاتِيوُن وڏا وظيفا
وَنڻُ وراهڻُ وِچَ ۾ ڪم هو ڪريما
”ڪِينَ“ ڪڏهين ڪِنه نہ سُئِي مُحمدّ مِير مُلا[30]
خاندانَ خَلِيلَ جِي بُڻُ آهي نَجابَتَ نِشانِيا
جيئن هُون پِئنِئُون سَخي گهڻُو سَيّد سردارا
چڱائيءَ ۾ چاڱلا اڱڻِ اُمتِينِئا[31]
شهزادا شرافت ۾ وِتّرا ولايتا
جاسينءَ اَهلُ بَيتَ زمينَ تي آهِ باقِي يَلايا
تاسينءَ گذري خيرُ تو دارَ منجهہ دنيا
ڪِهَڙِ سندي ڪوڙي ۾ آهي خلقَ خوش بالا
قُطبَ آهينِ قَيوُمِ جا مَدارُالمُلڪا
اجها سندا عاجزين غوثَ غمخارا

[27] اصل. ڏُور. اهڙو درياء جيڪو هر سال منڍ کان پريو تو اچي (ڪنهن بہ سال ان ۾ لاٽ ڪانهي)

[28] اتئو استعدادا: گهٽي پاڻيءَ سان، پرپور وهڪري سان.

[29] اصل. مڙني.

[30] ڪين: نہ هئڻ، ناڪار

[31] اصل. اگر (: اگڻِ؟)

وارثَ ڪامِلَ مُحمّدِي واصِلَ وِصالا
چئو صلوات حضرتَ اُتي دائمُ دُرودا.

**

آهِمِ سُنه الله جو سَوڳندُ سُبحانا
تہ ناهِمِ سَگهِ ثناءَ جي تِرُ نہ طاقتَ ڪا
لِکَڻُ لِياقت ناهِ ڪا مُنهنجي مَجالا
جئن ڳَڻيان ڳُڻَ حبيبَ جا عادت اَخلاقا
ڏِني ڏاتَ نَبِيَّن کي مَولي مَرتبا
ناهِ نهايتَ تَن جِي حَدُ نہ حِسابا
مَثو مَحاسنن ناهِ ڪو اَپرَ اَوصافا
جيڪو ڪمالُ جِتهِين آهي اظهارا
سي مِڙئِي مَراتَبَ مُحمّدِي خوبي خَلِيلا
سُو ڏاتُورا سُنهارا سُپِرين سِيرَتَ سَکاڄا
صورتَ سَرورُ سُهِڻو جامِعُ جَمالا
راضي رَکَڻُ رَحمٰنَ جو خاوند خُشنُودا
پِرين پيغمبرُ پاڪُ سو اَطهَرُ احمدا
چئو صلوات حضرتَ اُتي دائِمُ دُرودا.

**

تحقيقُ ڪريان دانهون دردَ سين اُدِمِئو آوازا
اُتِئو ڪريان آهَ تو مُنادِي مَرڻا
تہ قاتِي هِيَان قارِيين تيو وِڄِي وِساما
ڇِڄِي چوهَ پِرِينءَ جي ڪاتِجي قَطرا
فڪرَ مَنجهہ فراق جي اَکنڊَ احمدا
محبتَ ۾ ماتِ تِيءِ ساري سُپيريا
جوڙِي هِنَ جِسمَ کي ڀِڃي ڪرِ ڀورا

ڪوٺي ڦالبُ ڇڏ تون نڪرُ اِن نجهرئا
تنه روحاني راڄَ ۾ جو پُهتِه پانڌيڙا
تہ وڃي مڙين ماڙهوئين جتي ٿاڪُ ٿرا
آدسئو اُنِ اوطاقن ڪي هينڙو هميشا
آهلُ الله جي اندر مون چُٽڪ آهِ چِتا
فِرقي ڪي فُقرائن جي سِڪان سَدَّ مَرا
گُندرَ اِنَ گِروهَ جي جهجان جانڪيتا
جهانگين رِيءَ جدائيءَ ۾ پچان پرڏيها
گهنگهرِ گهٽيِ گهاريان ڏکنِ سان ڏينهڙا
هاڻِ گرئو سگهان ڪينَ ٿي صَبرُ سانبينئا
مون جيڏيون مليرَ ۾ ڪِينِ ماڪيون معرفتا
تِڳون ڏِٺو توحيدَ جِيون وِهُسَنِ وَحدتا
ٿرَنَ اچئو طَريقت جنه هُلڳنِ حقيقتا[32]
سَنجئو سائيڳنِ تي ڪُوهي خَلوَتا
پِيو پوڄَ پُهارِيُون شريعتَ شَرَبا
وَيئو وَطنَ وَٿ ۾ ڳنِ مُنڌون مانجهاندا
گهٽو اُڳنڊِي آهيان ٿنِ سَرتِينِ سَرِيرا
چئو صَلوات حضرت اُتي دائم دُرودا

**

مَران اِنهين مامِري وِجهُلان وِڇوڙا
ڦوڙائي فِراقَ ۾ اُتان آداسَا
ڪِجئو ڪامِئو ڪُنبِ ٿِئو هَندِنَ حيرانا
لوچئو لُڇئو لُڪّ ۾ پَچان پيئي پُورا

---

[32] اصل ايئن.

تہ جي هوءِ نصيبُ مون ڏِسڻُ ڏُنگريا
وَسِ منهنجي ويجهہ ۾ پُنوءَ هو پَسڻا
تہ هوند عِوض ڪنهن ٽوڪ جي خرچن خزينا
سٽَ ۾ پَسي پِريَنِ جي ڏنمُ ساهہ پسا
فِدا مَنُ محبوب تان ڪِئمِ قُربانا
جُسو جانِ جِيرو رَڳُون رُوح ريزا
نَظُرُ ڪِئُمِ نبيءَ کي هُندُ مِڙنيِني مَهندا.
گهوري وِڏيمَ گوهر تانِ هُندَ سِسي گهٽِي سِڪا
پَرَ لوءِ گهٽي پَندُ ٽئو مارڳُ محبوبا
ڏُوري ٽئن ڏهڙو هاڙهي هوتَ ٽئا[33]
جُوءِ آڳانهين جِتہِ وَهَ وَٽِڪارا[34]
آڏا ڏونگرَ لَڪِيُون جَبلَ جوراٽا
پيرين آءٔ نہ پُڄَڻِي پَبُ پَرانهِين جاءِ
سارِيو ويٺي سَڄَڻِہِ جِهجان جانڪِيتا
حجازي حبيب لئي وِجهُلان واجهايا
آسَرَ پَري اَهِيان اَپَر اُميداءَ
مانَ موٽي مون تي ڳڏهين ڪوهيارا
پوئي ٻاجهہ ٻروچَ کي ڳمَل ڪيچَ ڏٺِيا
احمدُ ڪري عرضيءَ جي ڪا وَهرَ وَرياما
چئو صلوات حضرتَ اُتي دائمُ دُرودا.

**

سُهد منهنجِيَ سِڪَ جي جا اندر گهٽ گِريا[35]

[33] اصل ايئن

[34] اصل ايئن

[35] سهد: اوجاڳو اصل، اندر ڪَٿ ڪُرءِ آهہ

وائي وِرهَ وِندرُ جي سندِي سُور سڏا
وَڃي ڳرهو پرينءَ کي خبرَ خيروَري
نيئيءَ ڏِهو نماڻيءَ جا ساري سنيها
تہ مونِي ماتمُ آئيو آن لَئي اندوها
جهڄي جهورِيءَ جوش ۾ ڪامي خُمارا
ماري محبت ماٺُ ڪِي وَلوَلي وُوڪا
هَنجون هاري حبيب جِي اُڪندَ منجھ عِشقا
وَليون وَسائي وَهلُور ٿِي وانٽِرِين واجهاءِ
لَئي مَدِيني ماڙُهوئين ڪجهِي ڪونٽرا ڪاءِ
اُڪيرِيو عَربَ ديسَ ڏُونہُ لالايون ليلاءِ
مانَ هيڳليَ اڇي هَبَ ۾ پُهچي پُنوها
ڪري حمايت هاشِمي حامي ٿِي همراهَ
ڏي دلاسو دِلگيرَ کي اَهڪِي اَحمدا
فريادِي فقيرَ کي رَسِي رحمتا
سَهڪا ڳرين سيئئي جي مشڪل مقصودا
سَرورَ ڏي سُڏِيرَ ڪا معذور کي مِهرا
ڪانهي جِنہ کي ڪا ٻي پِر ري پچارا
ساراهَ سندِي سچٽين تَنَ کي توارا
سختِيءَ وِيرَ سنيارَ مُون وِردُ واڪاٽا
مدحِ ڪندي مُصطفيٰ ٿِيي اندر آراما
ڪِڄ ڪا وَهر ڪارٽِي خاوَندَ لَگ خدا
سائِلَ سندِي سَيڪا تون سُٽِج سباجها
ڪري ڪريان ڪيتريون آءٌ عرضَ اظهارا
پِرين آهينِ پيش تنهنجي ڳشفُ سي ڳمرّا

دانا مهنجي دِلِ ۾ جي آهڪ اَحمدا[36]
سي پورا ڪر پيغمبرَ تون صَدِقي سارا ها
چئو صلواتَ حضرت اُتي دائم دُرودا.

**

ڪِئو ياد صَلواتَ کي جوڙي جوش منجها
عبدالنبيَ اُڪنڊ جِي ڪئي فقيرَ فريادا
سَهَج شوق شفيعَ جِي حضرت حبيبا[37]
رَضا خاطِر رسولَ جِي صحابين شهدا[38]
جي خاصا يار نبيَ جا نوري نِهالا
هادِي آهينِ حَقَ ڏُونهُ مَشعلَ موچارا
مَت مهاجِرَنِ ناهِ ڪِين، اَفضل اَنصاري
بَدري بهادر يِلا اَنلَ اصحابا
آهلِ صُفي جا اُونچا گهڻو صُوفِي سونهارا[39]
چئو صلواتَ نبي ڪريم تي دائم درودا
پُٽ آلَ اَطهرَ رسولَ جي سيني سلاما
مٿي صَحابن مِڙني دائمُ مُداما
ڪندا اچنِ اِنهَئِين اَڪابر عُلما[40]
فضلُ اُن بزرگَ جو سببَ صَلواتا
تہ اڪبر چڏي دينَ کي هو وِرسئو واتا
ڪِي دعوي رِسالَتَ جي پاڻ اُتي پاڇا

---

[36] اصل. آهڪر
[37] ر. سهجئون
[38] صحابين سهدا: اصحابن کي اوسيڙو
[39] اصل. سردارا
[40] ر. ڪندا اچن هيءَ ڳالهڙي اڪابر علما 2. ڪندا هثا اما ڳالهڙي اڪابر علما.

پيو غلغلو گوڙ هو مُلڪن تي مُلڪا[41]

ڪن تي وڏي قِيامَ تي ڪارڻ اِنَ ڪُفرا

مومنن تي موتُ ٿيو سُٽي ايءُ سُخُنا[42]

تا ڪِي تڪليف تِنه شيخ کي اِهيوئي اَمُرا

تا آڻي ايمان مون مٿي چئو مُهنجِي مدحا[43]

شيخُ مُدرّسُ دِلِيَ ۾ هو اَفضَلُ عَلاما[44]

وَلي وِلايتِ آڳرو ڪامِلُ ڪمالا

مَشائخَ مُحقِقُ وڏو رَمزدارُ رَسا[45]

تِنه پَروڙي پَرِندهين مامَ معلوما

تہ سوريءَ مون کي سڌِ ٿئو مِرڙِ محمدا

ڪيائين قبولُ ظاهرَ ۾ ضرورتَ زورا

تہ جوڙي پڙهندس ٺُهنجِي موچارِي مدحا[46]

چڙهِي پڙهندس ڪرسيءَ تي صَباح سُلطانا[47]

سو وڃي منزل پانهجي جَذبَ جوشَ منجها

اُڪَندَ عِشقَ اُداسَ ۾ ڪِيائين تَصنيفا

مَدحَ مُحمد مِيرَ جِي هِيءَ سَهجان صَلواتا

سو خميس ڏينه هو ڏهہ تي ڪاڙهو قِياما

سُيان ڏِينح جُمعي جو وعدو وِصالا(48)

---

[41] اصل: ڪيو غلغلو گوڙ هو ملڪ ۾ ملڪا.

[42] اصل: ٿي سخنا

[43] ر. چئو منهنجي صلاتا

[44] افضل الفضلاء

[45] ر. رمزدان رعنا

[46] ر. تہ جوڙي صلوات تنهنجي

[47] ر. ذڪر پڙهندس تو مٿي سيا سلطانا

ڪري غسلُ خشبوءِ سين تي هَلئو هيجَ منجها
سائُو سَنّي آئيو، ڪاهي ڪِروڙا (1)
مصريون جهلڻ منهن ۾ مانجهين جو مرڪا
مصريون جلهڻ مُنهَ ۾ پائڏپ ري پڳرا(2)
قيصر ڪِلي ڪوڏِئو مُرّسُ مَردانا
او مَلهي آئِيو مجلسَ ۾ پَري پيرَ پَريا
ٺَڏهِ اُڪبر چيو عبدالنبيءَ ڪي چريي چَرايا (3)
تہ پڙهہ پَدَريءَ خلقَ ۾ مُهنجي تون مَدَحا
جا نالي جوڙيئي مهنجي صحيح ساراها(4)
تڏ نُوڏين نرمل چڙهئو، مانجهيءَ موڙ بَڏا (5)
اُيي عاشقَ اُتَهِيَن ڪِيَ شُروع شُجَاعَتا (6)
مَدَحَ نُبيان چامَ جِي خاتمِ خيرَ وريٰ
”بَرَغُ الحَبِيَبُ المُجتَبيٰ“ ڪيائين تاهئون ٺَمامَا
تڏِهِ غَضَب اچي غافِلُ تِنهَ حاڪمِ ڪيو حُڪما
هُئي پِيزارَ رُڪ جِي جُبي جوانا
تِنه هاتِڪَ اُڃلِي همت سان ڏونه سورهيہ سلطانا (7)
پييُون تراريون تيزَ سين مَٿي تنه مَردا(8)
حُسنَ اچي حَق جي ڪِئو ڪُرسيءَ تي قَهرا (9)
سَيفُنِ سَهائو ڪِئو جَمَڪو جَمالا
چمڪيون شمشيريون شَهُودَ جُون چوڏَس چوڌارا
سچي مَرَڪي جهلئائين مُنهَ ۾ جي مُڪيُون محبوبا
ماري تَنِ مَحضُ ڪِئو قِيمو قواما
نازَ نِظاري نِيهَ جي ڪُهِي ڪِيو قَتلا(10)
لڳِي وئو لطيفَ جو تنه مِهَتِ منجهہ ماها

وجي پئو وِصالَ ۾ سائو ڏيئي سِرا
قربان ڪيائين ڪريم تان صدقو ساهه پساهه
ڏئو ڪنهن نبيءَ ڪريم کي وليءَ اُن وقتا
جو حاضِرُ هو حضور ۾ شهادتِ شيرا
رِنَّ ۾ رسولُ رب جو حاضر حَبيبا
وينو چوندي هٿن مبارڪن سين تنه مُحبَ جوماها
جو ٿئو قربان ڪريمَ تان صادقُ سچايا
مِنو ڪيائين محمد کي، لاهي لاڳاپا
لِکي جن جي حقَ ۾ شهادت توڙا
سي دنيا ڇڏي دين لاءِ مري مَٺُ ٿئا
جيءَ کوڏين جي ڪربلا عادت آهه اها
رانديون ڪرن رُڪَ سين شهادَتَ شوقا[11]
عارفَ جي الله جا محبتيِ موليٰ
لَذتَ لاڳِ وصالَ جي ماڻيائون مُشاهِدا[12]
ڪِن پيتو شرابُ شمشير جو، ڪن سوريءَ جا سُرڪا[13]
ڪي آنجِي وئا آهه ۾، جَلِيِ ۾ جوشا
ڪي پي پيالو پرت جو ڦاٿا فراقا[14]
ڪي صوفي وئا سَماعَ ۾ جَذبيِ جوانا
ڪي وئا وگهرِي وحدتَ ۾ سَيِ سُرورا
ڪري ڪريان ڪيترو تن محبن مَاتامَا
جي سِسيوُن ڪٽي سُنتون پهتا پِتارا[15]
صلِقي تني صلاحَ کي ڪا سائين ڏي ساجاءِ[16]
هادِي ڪر هِدايتَ تون مُوڙهي کي مِهَرَا
ڳَڏِيَ آهِ جِههَ گُمراهيِ تي ٿُهنجيَ طريقا

سَهُجهي ڪِينَ سَفِيَهه تو طَلَبَ نہ توفِيقا
ڳَانِهُ ڪُوشِش ڳميٽينَ ڪاهَلَهينَ هِمتا
اوڪو اَٽڪيو اورهينَ وَٽي ويڳاڻا
عُمر وڃايو اڳلو پُٺيَ ٻَلڪارا
هَوَسُنِ ۾ هيڪاند تو گهُمي گُمراهَا [1]
پَڙهِي پَروڙيو ڪِينڪِيَ ناقِصَ نادانا
بي اَدَبُ بيڪَارُ تو هلي مَنجهہ هوا
اَسِڏُ اَسَارو گهٽو حادِثُ حيَرانا
ڳُٽانَ ٻُوري غافلُ تو لهي سارَ نہ سُتَئِا [2]
چُٽي چُلُر چِڪَ جِي ڳاريو ڪيَرنِئا
تِيلاهَ پُڄِيَ پِڄريَ ڪِئو پڪي ٻَارِيَرا
مارِينِ ماري ماتِ ڪِئو پِڄِي پَڪَ پَرا
نَفسَ نِهوڙيَ ناهِ ڪِئو، ٻئو شامِلُ شيطانا
ڪِئَڻ ڏارا خام ٻِي سِڪئو ڪائہ سِتَرا
ڄَڻُ نہ ڄاڻي ڪِينَ ٻيو ري، سمهڻ سفيها
لوچِي لُوٽُ لباسَ لئي موچاري مَرَڪا [3]
منجِهہ حُظُوظِن نَفسانِي هَنَڊِي حيوانا [4]
عَمَلَن پاران عَليل جِي اَٿِيَ سُڌِ سَيَڪا
ڪَرَ ڪَبِيرَن تون لَهين صَغِيرنِ سارا
ڳجها پڌارا پيش تو آڳا اظهارا
ڄَمُ ڄمارو هنَهَئِي هِنَ ڳَنرئو ڳوارا
هَارِي ني رَسين رَحيمَ تون سَڀاجها ٻاجها [5]
پربن پَسُ پاڻ ڏُونهُ مولِيٰ ڪر مِهرا
مونهان تِيون مَنڊِيُون تون ڪر پاڻ وَڙَا
مون وَڙُ پسُ مَ سُپرِين مهربانُ مَبا

عفوَ ڪَر عاصيءَ سين خاوند بخش خطا
آوَگُڻَ ڪري اَتِ تو دَر آيس داسِڙا
اِيءَ پَرِ ٿهنجي پَتِ جو تون وِلهيُون ڏِڪين وَلَها
ڏي توفيق توبهَ جي ڪا صاحبَ مون صدقا
مُشفِق ميتِ مَنائِيُون آگا احسانا
وِجهه منهنجي وُجودَ ۾ طَلبَ تارَ ٽِڳا
موت جو مُنڌاءَ ڏُونهُ پَهُ ڏِيين پَرياٽا (6)
مُقَيَّدَ کي مُطْلَق جي اُڪُنڊ وِجهه عِشقا
محبت ڏي مسڪين کي حقيقي هيجا
سائين سچِينءَ ڪِينءَ سوز مون پانهجي پارا
موليٰ مُرشد ميڙ ڪو هَادِي هَمَراهَا
جو ڪٽي هَٿُ حَيَرانگي تو سَنَگ توهينءَ ڏاهُ
سَگهَہ سِفلي سُلوڪَ جي هرگز همت ناه
جَذبي سين جُودَ موُن پِرينِ تون پُهچاءِ (7)
لَهر ليتِ لُطفَ جي واحدَ ڪا وراءِ
خَدمتِ ناهِ خبير ڪا مُونهانِ مِحنَتَا
مُفت خور مُحتاج کي عاجِزَ عَليلا
رَسَ رفيقَ رُج ۾، پَرَچَ پَارِ پِرَيَا
خِضرَ هِنَ زماني جو ڪو مردُ مون ملاءِ
خاڪُ جِنهَ جي گرَڪٽين سَرَ ۾ تِئي ساجاءِ
پَلئُ لڳي جِنهَ پارس جي نَقُدُ نِئيسِ تِيان
بيخودَ باقي بالله تي مسلمان رها
تابعُ محمَّدِي مؤمِن تِي عابدُ عِرفانا
صَدِقي سَگَ شَفيعَ جي حُرَمتَ حبِيبا
نالي نام نبيءَ جي مدد محمّدا

ڪَرِ مِڙيئي قبولُ تون جا پني پينارا
ناهِ نِهَايت جِنهِ جي مَنيين شمارا
هاڻي چئو ڳلمون قلب سين گهٽي يقينا
مانَ مُهنجِي حُجَتَ تيئي قِيامت ڏينها
ويندا سُي ايمانَ سين جي ڪلمون چون مُها

لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰه مُحَمَّدُ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّي اللّٰه عليہِ وَسَلَّمَ

پيج 29-30

(1) ر. سڻي آئيو.

(2) ر. ا مصريون جهلڻ منهن ۾ مانجهين جو مرڪا،

(3) ر. مَلِي آيو.

(4) ر. صحيح صلواتا.

(5) تڏه اچي چڙهيو نرمل سو مانجهي موڙ پڏا،

(6) ر. شجاعا.

(7) اصل. تنہ حاتم اچلي همت سان ڏونہ سلطانا،

(8) ر. مٽي تي

(9) اصل ڪر شم ڳهرا

(10) ر. ڪس ٿئو قتلا.

(11) اصل ڪربلا جي ڪُرچِي، انع

(12) اصل وصال جِيَ مزي مشاهدا

(13)، ر. سوري ڪي سونڪا

(14)، ر. ڪي پي پيالو زهر جو فاني ٿئا فقرا.

(15)، ر. جي سسيون ڏيو ست ۾ پهتا پتارا، جي سسيون ڪٺي پهتا پيارا.

(16) ر. صلقي تن جي صلاح محمد ڪي سائين ڏي سجاءِ

پيج نمبر 32- 31

(1). اصل. هوسن ۾ هيلا بد ٿئو.

(2) اصل. ڳُنتا ڪورِي

(3) اصل. لُٽُ.

(4) اصل. هَنُدِي.

(5) اصل. ائين.

(6) اصل. مون موتڻ جو مَندا ءِ ڏُوهہ پَهڏي پريواندا.

(7) اصل. جَواد مون.

[هالي ميان خاندان جو شجره نسب پڙهندڙن لاءِ لکجي ٿو جيڪو راقم کي ميان خاندان جي فرد محترم سائين "ميون قمرالدين" لکرايو]

ٽنڊو قيصر ۾ رهندڙ "ڏاسوڙي ميان خاندان" جو شجره نسب

- ميون محمد عارب رح
  - فقير محمد
    - محمد عارف
      - ميون مولوي محمد صلاح رح [شاهه ڀٽائيءَ رح جو مثنوي خوان ۽ خليفو سندن مستقل رهائش ٽنڊو قيصر ۾ هئي]
        - ميون پير محمد (اول)
          - ميون فقير محمد (پيو)
            - ميون پير محمد (ثاني)
              - ميون حاجي غلام محمد
                - ميون محمد اسماعيل
                  - امداد
                  - امجد
                  - جنيد
              - ميون عبدالله
            - ميون حافظ محمد صلاح
            - ميون محمد حنيف [شادي پلي ڍورو نارو ڏي ويو]
          - هڪ ڌيءَ
        - هڪ ڌيءَ

ميون حافظ محمد صلاح (پيو)

[هن چار شاديون ڪيون. پهرين، ٻي ۽ چوٿين مان اولاد ٿيو ۽ ٽين شاديءَ مان اولاد نه ٿيو. هتي سندس چوٿين گهر واريءَ مان جيڪي فرزند ٿيا تن جو شجره نسب لکجي ٿو]

- ميون خان
  - ميون محمد صلاح (ٽيون)
  - ميون قمر الدين
    - ميون خان محمد
- ميون يار محمد
- ميون خدابخش
- ميون فقير محمد (ٽيون)

(2) ميون يار محمد ولد ميون حافظ محمد صلاح (پيو)

(1) ميون علي نواز (2) ميون عزيز الله (3) ميون حبيب الله (4) محمد حنيف (5) حفيظ الله

(4) ميون فقير محمد (پيو) ولد ميون حافظ محمد صلاح (پيو)

(1) ميون معشوق علي (2) ميون عاشق علي (3) ميون احسان علي

بڪر فقير شهيد

بڪر فقير جي والد جو نالو حسين خان هو جيڪو ميان نور محمد ڪلهوڙي جو نديم خاص هو ان وقت نديم جو عهدو وزير اعظم ڪان وڏيڪ هو.

بڪر فقير قيصر خان ۽ الودي خان جو سڳو چاچو هو. بڪر فقير وارا پاڻ ۾ پنج ڀائر هئا جن جا نالا هي آهن.

1. فقير محمد خان (ڳاڙهو خان)
2. فتح محمد (ڦتو)
3. بڪر فقير
4. احمد خان
5. زردار خان

هي سمورا ڀائر هتي رهندا هئا. البت وڏن جي روايت مطابق ڦتو خان بعد ۾ الودي خان سان ڪن اختلافن سبب لڏي ويو. باقي ٻين ڀائرن جو اولاد هت رهيو. زردار جي اولاد مان ب ڪي بعد ۾ لاڙ لڏي ويا. بقول حاجي فتح محمد بڪراڻي ت بڪر فقير دادوءَ جي "پنهورن" مان شادي ڪئي، ۽ اهو پڻ ٻڌايائين ت بڪر فقير جي گهر واريءَ جا ڀائر هتي (ٽنڊي قيصر ۾) پاڏن تي چڙهي پنهنجي ڀيڻ ڏي گهمڻ ايندا هئا.

وڏن ڪان روايت آهي ت "بڪر فقير پنهنجي دؤر جو نالي وارو پهلوان هو قد جو هلڪو هوندو هو پر ان زماني ۾ سنڌ ۾ سندس مقابلي ۾ ٻيو ڪو ب ن هو. هيءُ تلوار بازيءَ ۾ فن جو ماهر هو.

وڏن ڪان روايت آهي ت (هيءَ روايت مون کي نانا سائين ب ٻڌائي هئي) هڪ دفعي جبل (ڪاڇي) طرف جي هڪ پهلوان (جنهن جو نالو مون کي وسري ويو آهي) سنڌ ۾ اعلان ڪرايو ت جيڪو ب پهلوان هجي ت مون سان

مقابلو ڪري. ان تي بکر فقير اهو چئلينج قبول ڪيو. مقرر ڏينهن تي مقابلي جي ميدان تي ڪيتري ئي خلق گڏ ٿي. هي ٻئي پهلوان تلوارون کڻي ميدان ۾ لٿا. آخر ڪار بکر فقير مخالف فريق کي ماري سوڀ حاصل ڪئي. چون ٿا ته هن بهادر پهلوان جي پيڻ چيو ته، "آئون ڏسان اهو ڪهڙو پهلوان آهي، جنهن منهنجي پاءُ کي ماري سوڀ حاصل ڪئي آهي..؟ چون ٿا ته اها مائي جڏهن هتي آئي، ۽ بکر فقير کي ڏٺائين ته چيائين): "هي شخص آهي!" پوءِ بکر فقير ان عورت کي پنهنجي اجرڪ پارائي چيو "اڄ کان آئون تنهنجو پاءُ آهيان، جيسين جيئرو آهيان." ان کان پوءِ بکر فقير ان عورت جي پاءُ جئان سنڀال ڪندو رهيو. ان سبب پاڻ اڪثر ڪري ڪاڇي ۾ ويندو رهندو هو. آخرڪار ڪاڇي ۾ ئي ڦورو ڪوسن هٿان شهيد ٿي ويو ۽ سندس آخري آرام گاهه به ڪاڇي ۾ آهي. (اهو دؤر ڪلهوڙن جو هو) اڄ به تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه "بکر فقير" نالي سان آهي.

وڏن کان روايت آهي ته بکر فقير کي مير ٽالپور پسند ڪونه هئا. پنهنجي پاٽن کي به چوندو هو ته ميرن سان ايترو واسطو نه رکو.

بکر فقير جا ٽالپرن سان اختلاف ڇو هئا؟ ان بابت مستند حوالو ڪو به نه آهي. ٿي سگهي ٿو ته ان جو اهو سبب به هجي، ته شاهه عنايت جهوڪ وارو جڏهن شهيد ٿيو هو ته ان واقعي ۾ مير شهداد خان ٽالپور وچ ۾ اچي، "شاهه عنايت جهوڪ" واري کي ٺٽي جي مغل نواب جي اڳيان پيش ٽيڻ ۾ مير شهداد جو ڪردار به هو. جيئن ته مير شهداد خان بکر فقير جي مامي جو فرزند هو.

هڪ دفعي محترم عبدالشڪور ولد حاجي عبدالغفور نظاماڻي راقم کي ٻڌايو ته نظاماڻين ۽ ڪلهوڙن جا اختلاف "شاه عنايت جهوڪ" واري جي شهادت کان پوءِ ٿيا، پر ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي مدبرانه پاليسين سبب هي اختلاف ڍيل رهيا. جيڪي هن جي وفات بعد آهستي آهستي ظاهر ٿيندا رهيا، تان جو غلام شاهه ڪلهوڙي جي وفات کان پوءِ هي اختلاف عروج تي پهچي ويا خير، ان احوال کي ختم ڪريون ٿا. هي سڀ ٻڌل روايتون آهن، حقيقت جي خبر خدا کي آهي.

○

بکر فقير جو شجرو

- نظام خان
  - شاهہ علي خان
    - حسين خان
      - بکر فقير
        - حسين عرف مڱيلڏو (اڪثر مڱيلڏو سڏبو هو)
          - غلام حسين
            - سهراب خان
            - مهر علي
            - سلطان علي
            - خضر خان عرف خميسو
            - بچل
              - عبدالله
                - محمد
                  - حاجي نبي بخش
                    - ڏتي بخش
                      - نواز علي
                      - غلام قادر
                      - يونس
                    - بچل
              - شاهہ علي

بکراڻين واري مسجد جو بنياد يار محمد جو رکيل آهي، جيڪا هن پنهنجي پلاٽ ۾ ٺهرائي، ان بعد حاجي مختيار پاسي واري جاءِ خريد ڪري ان ۾ اضافو ڪيو.

نوٽ: بکر خان کي هڪ فرزند مڱيلڏو (حسين) هو ڪيس باقر نالي سان ڪوبہ فرزند نہ هو بروايت حاجي فتح بکراڻي (بکر خان جو پوٽو بہ هڪ هو.)

نواب غلام علي خان ولد قيصر خان نظاماڻي

نواب غلام علي خان نظاماڻي، سردار قيصر خان نظاماڻيءَ جي ڏاڏي پوٽيءَ گهرواريءَ مان وڏو فرزند هو. رئيس قيصر خان نظاماڻيءَ کي پهرين گهر واريءَ مان هڪ ئي فرزند نواب غلام علي خان ڄائو. نواب غلام علي خان جو جنم غالباً 1152هه کان 1155هه جي وچ ۾ پنهنجي ئي ڳوٺ (ٽنڊو قيصر) ۾ ٿيو. پاڻ جيئن ته قيصرخان جو وڏو فرزند هو ان ڪري سندن والد شريف سندن تعليم جو بهترين بندوبست ڪيو. ڇاڪاڻ ته قيصر خان پاڻ به هڪ اهل علم شخص هو. انڪري ڪيس علم سان تمام گهڻي محبت هوندي هئي. اهو علم سان چاهه ئي هو جو هن پنهنجي اولاد جي بهترين تعليم واسطي، ان زماني جي سنڌ جي مشهور جيد عالمن کي پنهنجي ڳوٺ ۾ لڏائي اچي ويهاريو.

نواب غلام علي خان فارسيءَ جي تعليم (روايتن مطابق) مولوي ميون محمد صلاح کان حاصل ڪئي. انڪري پاڻ پنهنجي والد جيان فارسيءَ جا ماهر هئا.

نواب غلام علي خان پنهنجي دؤر ۾ هميشه غريبن سان همدردي ۽ خير خواهي ڪندا هئا. سندس ذڪر تاريخ جي مختلف ڪتابن ۾ پڙهڻ ملي ٿو.

حاجي شيرمحمد نظاماڻي " سه ماهي الرحيم " مشاهيرنمبر " ۾ لکي ٿو ته :

غلام علي خان نظاماڻي ٽالپري دور حڪومت ۾ نئي جو پهريون ئي گورنر ٿيو. هيءَ سردار قيصر خان جو وڏو فرزند هو. هن ڪيترين ئي بلوچي

جنگين ۾ حصو ورتو. عظيم ٺٽوي"فتحنامہ" ۾ سندس ذڪر هن طرح ڪري ٿو:

ازان بعد آن نخل باغ نظام - ڪہ درصوبہ ٺٽہ شد نيڪ نام غلام علي ابن تيصر خان فقير - دگر حاجي احمد غلام امير بہ تخريب آن بنبهاني مگان - بہ ڪڪرالہ بردند فوج شهان نمودند درمد بران قتل عام - خداڪرد باتاتلان انتقام.

چون ته ته سندس عهد امارت ۾ هڪڙي سال ٺٽي ۽ ان جي آس پاس اناج جي سخت قلت ٿي، هندن ۽ ميمڻ واپارين بليڪ مارڪيٽ ڪئي. هن انهن تي سخت قدم کنيا. انهي ئي سال آبادگارن ۽ هارين کان سرڪاري بٽائيءَ جو انَ نہ ورتائين، ۽ اهو بہ کين تقاوي ۾ ڏيئي ڇڏيائين. ان تي ڏاڍو گوڙ متو مگر هن ڪنهن جي بہ نہ ٻڌي. سندس والد شريف جڏهن بہ کيس خط لکندو هو تہ خط جي مٿان هي فارسي بيت هميشہ لکندو هو. خواهي ڪہ خدا برتو بخشايد - باخلق خدا ڪن نيڪوئي.

(تون گهرين ٿو تہ خدا توکي بخش ڪري رحم ڪري، تہ خدا جي خلق سان نيڪي ڪر!) کيس مائٽن کان ئي اهڙي تعليم ملي هئي، جنهن ڪري هو (غلام علي خان) غريبن جو ياور ۽همدرد هوندو هو. ٺٽي واري علمي سرزمين تي هميشہ سندس مجلس علمائن سان سينگاريل هوندي هئي. ان وقت ٺٽي جو قاضي القضاة محمد معين هو جنهن پنهنجي ڪتاب ۾ کيس هنن لقبن سان ياد ڪيو آهي:

- طره عمامۂ شجاعت
- زيب هامہ شهامت
- تيغہ مسلول بازوئي گردن ڪش
- رمح مقول معرڪہ دشمن ڪش
- مظهر شرائف انساني اعني غلام علي فقير نظاماني نائب مناب سلطنت مير فتح علي ٽالپر.

هي ڪتاب مجموعہ انتخاب شعرن جو آهي، جو قاضي صاحب سندس لاءِ لکيو هو.

هينئر هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد (ڄامشورو) جي ملڪيت

آهي.

(نوٽ: راقم مارچ 2005ع ۾ مذڪوره ڪتاب ڏٺو هو)

پاڻ پنهنجي جاگير سبزل ڪوٽ واري تي ويندي، واٽ تي بيمار ٿيا، اتان پنهنجي پٽ کي خط لکيائين تہ تون اچ، پوءِ اهو ڪيس ڪٽائي ڳوٺ آيو جتي جمع 11 ربيع الاول سنہ 1213هہ ۾ پنهنجي والد صاحب جي حياتيءَ ۾ داعي اجل کي لبيڪ چئي، پسماندن کي داغ مفارقت ڏنائين.

غلام علي "مائل" سندس تاريخ وفات چئي آهي:

غلام نام علي زاين جهان چوڪرده سفر

بوصل دوست ميان جنان مڪان بنمود

زبسڪ بوده غلام علي بجان سالش

چہ بہ غلام علي بوده هاتف فرمود سنہ 1213هجري (1)

جڏهن تہ حاجي شير محمد خان واضح لکي ٿو تہ ڪٽائي ڳوٺ آيو ان جو مطلب اهوئي ٿئي ٿو تہ سندن رهائش پهرين کان ئي هتي ٽنڊو قيصر ۾ هئي. جنهن جو ثبوت الودي خان جو مير فتح علي خان کي نواب غلام علي خان جي باري ۾ جواب ڏيڻ آهي. هڪ دفعي ڏاڏاسائين مرحوم عبدالواحد نظاماڻي راقم کي ٻڌايو تہ ڏاڏا سائين ۽ آئون (راقم) ٻنيءَ تان اچي رهيا هئاسون، جڏهن ڳوٺ پهتاسون تہ پاڻ ڪنيارن جي گهرن وٽ ويهي چيائون تہ غلام علي خان مسجد مان (موجوده اسٽاپ واري مسجد) نماز پڙهي گهر اچي رهيو هو تہ هن جاءِ تي سامهون (يعني اولهہ طرف کان) عيسو فقير آيو پئي. ان کي چيائين تہ " دعا ڪجو ميرن ڏي فيصلو آهي. "جنهن تي عيسو فقير چيو تہ "هوسڙيءَ ۾ هڪ مائي آهي، جنهن کان دعا ڪراءِ ..!" هن روايت مان بہ ظاهر ٿئي ٿو پاڻ هتي اصل کان رهندا هئا. (خير قصہ مختصر) ٻي هڪ روايت، جيڪا ناناسائين حاجي احمد خان ۽ ٻيا بہ ڪيترائي جهونا نظاماڻي بيان ڪندا هئا. روايت ڪجهہ هي آهي تہ هڪ دفعو سردار الودو خان (نواب غلام علي خان جو وڏو چاچو) ٻنڌ تي گهوڙي کي وهنجاري رهيو هو تہ، حيدرآباد ميرن جي دربار مان ڪي ماڻهو اچي رهيا هئا. انهن جڏهن سردار الودي خان کي ٻنڌ تي گهوڙي کي وهنجاريندي ڏٺو تہ ڪيس

چيائون، ميرين تيڏي پائيتي غلام علي خان کون سزا جنب پيوهڻ دي ٻڌائي هي..!“ اهو ٻڌي سردار الودو خان بغير ڪنهن سنج ۽ لغام جي اهو چئي ”ميرين دي ڪيا مجال جو ميڏي پائيتي غلام علي کون سزا ڏيوين..!“ گهوڙي تي چڙهي سڌو حيدرآباد روانو ٿي ويو. پڪي قلعي حيدرآباد ۾ مير صاحبن جي دربار هئي. سردار الودو خان گهوڙي سوڌو دربار هال ۾ پهچي ويو. مير فتح خان کي چيائين، ”ميڏي خبر ڪانهي تسانکون جو ميڏي پائيتي کون سزا ٻڌائي اي؟“ الودي خان جي پهچڻ سان ڳوٺان ٽنڊو قيصر مان ٻيا ٻه نظاماڻي فوراً دربار ۾ پهچي ويا جنهن تي ميرفتح عليءَ کي چيائين ته:

”مين ٻڌا هي تسان ميڏي پائيتي غلام علي خان کون جنب پيهڻ دي سزا ڏتي هي..!“ جنهن تي مير فتح علي جواب ڏنو ”مين انهين کون جنب پيهائيسان..!“ تنهن تي سردار الودي خان جواب ڏنو ته، ”جنب واقعي پيهسي، پر هڪڙا هٿ غلام علي خان دا هوسي، ٻيا هٿ تيڏي ماءُ مائي خيري دا هوسي!“

اهي لفظ چئي سردار الودو خان واپس ڳوٺ موٽي آيو. هن واقعي بابت ٽنڊي قيصر جي بهترين شاعر رحمت الله نظاماڻي تخلص ”ستايل“ آهي، هڪ بهترين واقعاتي بيت چيو آهي، جيڪو پڙهندڙن لاءِ پيش ڪجي ٿو. ياد رهي ته ”ستايل“ جو تعلق سردار الودي خان جي خاندان سان آهي، ڇهين پيڙهيءَ ۾ سندس نسب الودي خان سان ملي ٿو:

O

بيت

ساڳيون گهوڙن جو ريون، ساڳيا سنڌ پٽاڻ،
ساڳيا ريلا رت جا، ساڳيا تير ڪماڻ،
آئي ٿي جنهن ديس مان، جنت جي سرهاڻ،
اڄ اهو مهراڻ، واريءَ سان وهنجي پيو!

ساڳيون گهوڙن جو ريون، ساڳيا سي ارغون،
اڄ بہ مڪليءَ جي مٽي، باسي پئي ٿي خون!

رت جا ڳوڙها رون، ناريون نگر شهر جون،
ساڳيون گهوڙن جون ريون، ساڳيا سي چنگيز
ڪاهي نيرن ڪوٽ تي، آيا هو انگريز
تير ترارون تيز، رت مياڻي پئي روئي.

ساڳيون گهوڙن جون ريون، ساڳيا سي ترخان،
مائي خيريءَ کي ڪٽي، ڀڳو مدد خان،
ماري سو ميدان، الودي آجو ڪيو
ات الودي خان کي، پئي جا خبر،
مدد خان پٺاڻ جا، لوڙهيائين لشڪر،
اڄ انهي تاريخ جو اٿلي ٿو دفتر،
گهوٽ پڄايو گهر، مير فتح علي ماءُ کي.

ان الودي خان جو لاٿائين احسان،
فرزند قيصر خان جو خاص غلام علي خان،
قابو رکيو قيد ۾ مير فتح علي خان،
جنڊ پيهڻ جو جنهن ڪيو اوچي سر اعلان،

اڇي الودي خان کي، ڇيو ڪنهن انسان،
بنا سنج گهوڙي چڙهي، مڙس جهليو ميدان،
ڪاهي نيرن ڪوٽ تي، آيو جنگ جوان،
ڏسندي ويا سي دهلجي، در سندا دربان،
مير بہ آخر مير هو هي بہ الودو خان،
پيهندو جنبڊ جوان، پر پڌ، اهو اعلان،
هڪ هٿ تيڏي ماءُ دا، ٻيا هٿ غلام علي خان،
مائي خيريءَ جي ٻڌو اوچو هي اعلان،
ڇيائين پنهنجي پٽ کي، تيج بخشيندس ڪانہ
جيسي هن جوان کي، موٽاءِ مڪان،
مير بہ ٿي مجبور اٿ، قيد ڪيو آسان،
اگ ستايل ڪنهن نہ ڪيو قصو هي بيان،
زور يڳو زندان! سوڀ ملي سردار کي.

سوڀ ملي سردار کي، راحت بخشي روح،
ٻن باغيچن وچ ۾، خاص ڪنيائين ڪوهہ،
هيو اباڻو ڳوٺ هِت، ثابت منجھ صبوح،
شال مَ لڳي لوهہ، ويڙها شل وسندا رهن.

○

سردار احمد خان نظاماڻي

سردار احمد خان نظاماڻي،غلام محمد نظاماڻيءَ جو فرزند هو ۽ الودي خان جو پوٽو هو. سردار الودو خان پنهنجي دؤر جو هڪ بهادر ناميارو سردار ٿي گذريو آهي. سردار احمد خان جو جنم ٽنڊو قيصر ۾ غالبً 1208 هجري ڌاري ٿيو هوندو.

احمد خان، الهداد فقير جو ننڍو ڀاءُ هو. ڪئپٽن رٽبورن هن کي ”معزز شخصيت“ نظاماڻي پاڙي جو سردار ۽ اڳوڻي ٽالپر گهراڻي سان سڱاوتي جڙيل سڏيو آهي. (ياد رهي ته احمد خان جي ڏاڏي الودي خان جي ڏاڏيءَ اڳوڻي حڪمران ٽالپر گهراڻي جي مؤرث اعليٰ ۽ مير سليمان خان جي ڌيءَ هئي، ۽ ٽالپر حڪمرانن جي ڏاڏي مير شهداد خان جي ڀڻيءَ هئي. ان لحاظ کان احمد خان جي حڪمران ٽالپر گهراڻي سان مائٽي هئي)

احمد خان برطانوي سرڪار جي دؤر ۾ شهدادپور جو ڪاردار هو. هن وٽ شهدادپور ۾ 2013 بيگهه (جريب) ۽ گهوڙاباڙيءَ ۾ 1321 بيگهه (جريب) تي مشتمل ٻه جاگيرون هيون.

ميجر گولڊ سمٿ هن جاگيردار (احمد خان) بابت لکندي چيو ته. مون هن ماملي جي ڦير ڦار بابت گهڻو سوچيو ۽ وقت ڏنو آهي. مون الوداڻين کي ملندڙ جاگيرن بابت گهڻو سوچيو ۽ وقت ڏنو آهي، وڏيڪ مليل شاهدين مان پتو پيو ته الوداڻين جي نالي جاري ٿيل سڌن ۾ ڄاڻايل جاگيرون مير فتح علي ۽ غلام علي جون ڏنيون هيون، پر خاص واضح ڪيل مڪان جي برابر پيداوار ۽ ادائيگيءَ ۾ مٽا سٽا ڪندي، هڪڙي مند لاءِ اهي جاگيرون ڪانئن کسيون ويون هيون. جيڪا ڳالهه هينئر ٻه منهنجي اڳوڻي سفارش جي

پڌيرائي ڪندي، آئون هي ڳالهه شامل ڪري سگهان ٿو ته ڪوجنا يا جاچ جي آخري وقت پيش ڪيل اوائلي سندن سببان، ڪيپٽن اسٽئڪ جي رول ۾ ڦيرڦار ڪرڻي پئي هئي. جيڪا ڳالهه منهنجي ڏيان مان نڪري وئي هئي، هينئر به هن خاندان جي ڏاڍي عزت جوڳي معزز حيثيت، ۽ سندن جاگيرن جي قدامت ۽ مير غلام عليءَ جي موت کان پوءِ، هڪڙي مند لاءِ جاگيرن جي غير تسلسل کي سامهون رکندي، آئون احمد خان کان پنهنجي تجويز ڪيل نبيري ۾ ترميم ڪرڻ جي نماڻي اجازت گهرندس.

آئون هن جي مرد وارثن کي اها جاگير 3334بيگهه جي جاگير منجهان هڪ هزار (1000) بيگهه گهوڙاٻاري، ۽ شهدادپور ۾ احمد خان جي حصن مان برقرار رکڻ جي اجازت ڏيڻ، پنهنجي لاءِ عقل جوڳي ڳالهه ڀائيندس. هن جي گڏيل ڀائيواريءَ وارا حصا يا ڏهه هزار 645بيگهه ايراضي، هڪ پيرو سَند جي منظوريءَ کان پوءِ، جاگيردار جي موت کان پوءِ سرڪاري تحويل ۾ هلي ويندي.....احمد خان جي برطانوي دؤر ۾ جاري ٿيل سَند نمبر 44 ۾ اهو ڄاڻايل هو ته هن جو پيءُ مياڻيءَ جي جنگ ۾ مارجي ويو هو. (شهيد)۽ جاچ کان پوءِ پتو پيو ته هن وٽ 3334 بيگهه تي مشتمل جاگير موجود هئي. سَنَد ۾ اهو به ڄاڻايل آهي ته سرچارلس نيپئر، احمد خان جي نالي انهن جاگيرن جو تسلسل رهڻ، (پيدائش جو چوٿون حصو ڏيڻ جي شرط سان) واري ڳالهه منظور ڪئي هئي، ۽ هن جي وارثن ڏانهن هڪ هزار بيگهه دائمي طور ڪنهن مختياريءَ کان سواءِ قبولي وئي هئي، پر فارسي سَند ۾ مختياريءَ جي اجازت ڏنل آهي، ۽ جيئن دستاويز جي رمارڪس مان ڏنو ويندو ته منجهائنس فائدو ورتو ويو هو. گڏوگڏ انهيءَ سَند مان احمد خان وٽ 3334 بيگهه تي مشتمل جاگير هجڻ جو پتو پوي ٿو ۽ منجهس هن کي ٻيهر منظور ٿي ملندڙ جاگيرن ۾ پيداوار جي چوٿين پتي سرڪاري تحويل ۾ وڃڻ جي شرطن بابت هڪ اکر به نه چيل هو.[1]

سردار احمد خان صوم صلوت جو پابند ۽ غريبن جو همدرد هو. هن ڪيترين ئي ذاتين جي ماڻهن کي پنهنجي ڳوٺ ۾ لڏائي ويهاريو. ٽنڊي قيصر ۾ عربيءَ جي تعليم لاءِ قاضي سيف الله کي، وڏي آکهه سميت وٺي ڪين رهڻ لاءِ جاءِ ڏنائين. موجوده ڪورين جو پاڙو سردار احمد خان جو آباد

ڪرايل آهي، جتي قاضي سيف الله جو اولاد اڃا بہ رهي ٿو. سڀ کان پهرين شيدي بہ احمد خان ويهاريا. ان جو نالو سومر هو هن جي اولاد مان ڪي شيدي سڏائين، ڪي وري خاصخيلي. ٽنڊي قيصر لڳ جت، محراب پور مان آندائين. ڇون ته تہ جت هن ڪي ڏاج ۾ مليا هئا. چاڪاڻ تہ احمد خان محراب پور مان شادي ڪئي هئي. ويءَ وارا خاصخيلي بہ روايتن مطابق احمد خان ويهاريا هئا. ان کان علاوهہ جهونا بزرگ ٻڌائيندا هئا، تہ سيد عثمان شاهہ رضوي وارن کي بہ سردار احمد خان هتي زمين ڏني هئي، جتي اڇي رهيا.

ڏاڏو سائين عبدالواحد ٻڌائيندو هو تہ سائين سيد عثمان شاهہ تمام الله جو نيڪ ٻانهو هو. سندس دعا ۾ وڏو اثر هو. (خير قصہ مختصر)

سردار احمد خان ڪيتريون مسجدون ٺهرايون، تہ ڪن جون وري مرمتون ڪرايائين. پاڻ شهدادپور ۾ بہ مسجد ٺهرائي ۽ کوهہ کوٽايو . هي هڪ سخي مرد هو جنهن پنهنجي دؤر ۾ ڪيترائي اهڙا نيڪ ڪم ڪيا، جيڪي خلق اڳيان ظاهر ڪو نہ ٿيا. سردار احمد خان 23 نومبر 1878ع ۾ وفات ڪئي.

○

حوالا:

(1) ڪتاب : سنڌ ۾ جاگيرن جي تاريخ،
سنڌيڪار: حسين بادشاهہ
ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو
سال 2008ع
ص 464،465ع

رئيس حاجي غلام علي خان نظاماڻي (ثاني)

رئيس حاجي غلام علي خان نظاماڻيءَ، نواب خدا بخش خان نظاماڻيءَ جو فرزند هو. نواب خدا بخش خان نظاماڻيءَ ٽالپر دؤر حڪومت ۾ ڪافي عرصو گورنر رهيو. سندس والد شريف نواب غلام علي خان پڻ ٺٽي جو گورنر هو. ڪجهه سال ٺٽي جو گورنر رهيو. بعد ۾ ميرن سان اختلاف سبب استعيفا ڏيئي ڇڏي، ۽ نواب غلام علي خان سردار قيصر خان جو وڏو فرزند هو. رئيس حاجي غلام علي خان جو جنم پنهنجي اباڻي ڳوٺ ٽنڊو قيصر ۾ ٿيو سندس جنم تاريخ بابت صحيح خبر ناهي، پر غالباً 1214-15ھ ڌاري ڄايل هوندا. پاڻ شروعاتي تعليم پنهنجي والد، نواب خدا بخش ۽ پڙڏاڏي سردار قيصر خان جي نگرانيءَ ۾ حاصل ڪئي.

ان زماني ۾ ڏاسوڙي ميان ٽنڊوقيصر ۾ هتي جي ماڻهن کي تعليم ڏيندا هئا. رئيس حاجي غلام عليءَ خان پنهنجي دؤر جو بهترين علم دوست ۽ با عمل عالم ٿي گذريو آهي. رئيس حاجي غلام علي خان ٽالپر حڪمران مير نصير خان ٽالپر جو خاص صلاحڪار هو مير نصير خان حڪومتي معاملن ۾ ساڻس صلح مشورا ڪندو هو. رئيس حاجي غلام عليءَ جو خيرپور واري مير رستم خان سان بہ گهاٽو تعلق هو جڏهن انگريزن مير رستم سان نا انصافيون ڪيون تہ ڪيس تمام گهڻو افسوس ٿيو.

بهرحال قصو اڳتي وڌائجي، 2 فيبروري 1843ع تي رستم خان، پنهنجن ڪن عزيزن سميت حيدرآباد پهتو. رستم خان جي حيدرآباد پهچڻ تي، غلام علي خان نظاماڻي، مرزا خسرو بيگ ۽ يوسف خدمت گار جي هڪ سفارت، سرچارلس نيپيئر سان ملڻ لاءِ موڪلي وئي، جنهن جي ان وقت ڇانوڻي سيوهڻ وٽ هئي. هن سفارت جنرل نيپئر کي ٻڌايو تہ رستم خان

سان انصاف ڪري، ڪيس واپس رئيس تسليم ڪيو وڃي، جو انهيءَ سوال تي بلوچن ۾ نهايت سخت تاءُ آهي. جيڪڏهن رستم خان سان انصاف نه ٿيو ۽ انگريز حيدرآباد آيا ته بلوچ تلوارن ڪڍڻ تي مجبور ٿيندا، ۽ بلوچن سان جنگ ڪرڻ ڪو چرچو نه آهي!(1)

رئيس حاجي غلام علي خان مياڻيءَ جي جنگ ۾ به اهم ڪردار ڪيو هو پر افسوس آهي اسان جا تاريخدان ان بابت خاموش آهن! صرف قادربخش نظاماڻي پنهنجي ڪتاب" جنگ مياڻي" ۾ ذڪر آندو آهي. مرحوم قادر بخش نظاماڻيءَ رئيس حاجي غلام علي خان جو پوٽو هو. شهيدسنڌ، مير جان محمد خان ٽالپر خاناڻي ٽنڊي ڄام وارو سنڌس خاص دوست هو.

هنن ٻنهي دوستن گڏجي جنگ مياڻيءَ ۾ پنهنجن ماڻهن سان انگريزن سان مهاڏو اٽڪايو. ساڻن گڏ غلام محمد لغاري ۽غلام شاهه ٽالپر ۽ ٻيا "ست-اٺ" بلوچ سردار هئا.

17 فيبروري 1843ع جو ڏينهن، بلوچي تاريخ ۾ يوم ماتم طور ياد رهندو. ان ڏينهن تي سنڌ جي ويهارو ڪن بلوچ سردارن، عام بلوچن ۽ غير بلوچ باشندن، هندن ۽ مسلمانن آزاديءَ جي مقدس حق ۽ پنهنجي وطن جي حفاظت لاءِ وڙهندي جام شهادت پيتو هو.

هن جنگ ۾ ٽنڊي قيصر جو غلام حسين نظاماڻي شهيد ٿيو جيڪو حاجي غلام علي خان جو ڀاءُ هو ۽ ٻيو مهر علي بڪراڻي به شهيد ٿيو ۽ حاجي غلام علي خان پاڻ زخمي ٿيو هو . جنگ مياڻيءَ بابت انگريزي پرو پئگنڊا جو وڏو ڪوڙ اهو آهي، ته "بلوچن جو لشڪر بي انداز هو" پر ان ڪي انگريزن "ٻڪرن وانگر پئي ڀڳو"! تاريخ ان جي برعڪس ثابت ٿي ڪري ۽حقيقتون ٻيو قصو پيش ٿيون ڪن. اهي ظاهر ٿيون ڪن ته اهو بلڪل غلط آهي، ته مياڻيءَ جي ميدان تي بي انداز بلوچي لشڪر جمع ٿيو هو ۽ اهو به غلط آهي، ته بلوچ" ٻڪرن وانگر پي ڀڳا..!" حقيقتون ۽ آثار ڏيکارين ٿا، ته انگريزي لشڪر 28سؤ نه، پر گهٽ ۾ گهٽ 6,5 هزار هو ۽ بلوچن جو انبوهه وڌ ۾ وڌ فقط 5,4هزار هو. تاريخ شاهد آهي ته انگريزن جي نهايت اعليٰ تربيت يافته فوج، غير معمولي ۽ وڏيڪ فوقيت رکندڙ هٿيارن جي

مقابلي ۾ اهي مختصر غير تربيت يافته ۽ نيم مسلح بلوچ، مياڻيءَ جي ميدان ۾ اهڙيءَ طرح وڙهيا، جيئن ڪو زندگيءَ کان گهڻو وڌيڪ عزيز شيءِ لاءِ وڙهندو آهي، ۽ جنهن جي وڃائجي وڃڻ تي زندگيءَ کي ڪابه شئي نه سمجهندو آهي.(2) بهرحال جنگ مياڻيءَ کان بعد ۾ حاجي غلام علي خان باقي زندگيءَ جا ڏينهن، سياست کان ڪناره ڪشي اختيار ڪري گذاريا، ڇاڪاڻ ته هن جنگ ۾ سندس ڀاءُ غلام حسين خان شهيد ٿي ويو. ان کان علاوه هن جو پيارو دوست، مير جان محمد به شهيد ٿي ويو. حاجي غلام علي خان پنهنجيون سموريون جاگيرون وڃائڻ پسند ڪيون، پر غاصب انگريزن جي سلامي نه ڀري.

رئيس حاجي غلام علي خان، حضرت خليفه محمود فقير رحمت الله عليه جن جا خاص دوست، مريد ۽ خليفا هئا. پاڻ هر جمع جي نماز (روايتن مطابق) ڪڙيو گهنور ۾، حضرت خليفي سائين قدس الله سره جن مسجد ۾ ادا ڪرڻ ويندا هئا. حضرت مرشد سائين محمود فقير قدس الله سره جن جي به ٽنڊو قيصر ۾ تمام گهڻو ايندا هئا. حضرت خليفه محمود فقير قدس الله سره ۽ حاجي غلام علي خان هڪ ٻئي ڏانهن خط ذريعي به رابطو ڪندا هئا، جيڪي مڪتوبات شريف ۾ لکيل آهن، جن مان هڪ خط نموني طور پيش ڪجي ٿو. روايتون آهن ته : حاجي غلام علي خان نظاماڻيءَ حضرت خليفه محمود فقير قدس الله سره جن جي وفات کان بعد، 30 يا 32 سال درگاهه مبارڪ واري مسجد ۾ هر جمع نماز ادا ڪرڻ ويندا هئا.

سندن وفات متعلق صحيح خبر نه آهي، پر غالبًا پاڻ 1883,84ع ڌاري وفات ڪئي هوندن. ڏاڏا عبدالغني (راقم جي ڏاڏيءَ جو ڀاءُ) چوندو هو ته حاجي غلام علي خان ڏي ڪتابن جو ذخيرو تمام گهڻو هو. حاجي غلام علي خان راقم الحروف جي پڙ ڏاڏي، حاجي غلام محمد خان نظاماڻيءَ جو ڏاڏو ٿيندو هو. حضرت خليفه سائين محمود فقير قدس الله سره جن جي ٽنڊي قيصر اچڻ بابت پڻ به روايتون پيش ڪجن ٿيون، جيڪي "توفيق الطالبين" ۾ بيان ٿيل آهي.

○

مڪتوب پنجهٺ

غلام علي ٽنڊو قيصر واري ڏانهن لکيو ويو انهي بيان ۾ ته ڪتاب نسخه محبوبيه لکڻ ۾ دير ڪئي هئائين. تنهن ڪري سندس دل جي تسڪين جي لاءِ ڪجهه وعظ ۽ نصيحت. پير سان رابطي ۽ الله سبحانه وتعاليٰ جي يادگيريءَ لاءِ ترغيب جي باري ۾ تحرير ٿيو.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

محب مخلص ، دوست اخص ، متحد دل و جان ، هميشه منجهه امن و امان ، ميان غلام علي فقير ، رب پاڪ ڪيس سلامت رکي. سلامن کان پوءِ جيڪا خيرالانعام صلي الله عليه وسلم جن جي سهڻي سنت آهي، نيڪ روشن هجي ته اوهان پيارن جو خط نيڪ ساعت ۾ پهتو. احوال پڙهيو ويو اوهان لکيو هو ته ڪتاب مستطاب نسخه "محبوبيه " لکڻ ۾ اوهان کان دير ٿي وئي. انهي خطا کي اسين شفقت ۽ مهربانيءَ سان معاف ڪريون. اي پيارا! نسخه لکڻ ۾ اوهان کان جيڪا دير ٿي، اها ته الله تعاليٰ جي طرفان مقرر ۽ متعين ڪيل تقدير هئي، ۽ انهي وقت ڪتاب " محبوبيه " جو نسخو لکجي تيار ٿيو ۽ اوهان ئي لکي پورو ڪيو جو لا تحرڪ ذرة الا بِاذنِ اللّٰهِ معني: الله جي حڪم کانسواءِ ڪو ذرو به چري نٿو سگهي. انهي ڳالهه تي شاهد آهي. منهنجي اوهان تي ڪابه معيار نه آهي. بلڪ منهنجي دعا آهي ته الله تعاليٰ اوهان پيارن کي غيب جي خزانن مان دنيا ۽ آخرت جون سڀ خوبيون عطا فرمائي. ۽ ايمان ۽ محبت ۽ پنهنجي پاڪ ذات جو عشق نصيب فرمائي، ۽ ٻيو ته اوهان جيڪي ڪتاب هن فقير جي رضا منديءَ سان لکيا آهن، انهن جو اجر قيامت تائين باقي رهندو. جيڪو پڙهندو يا ٻڌندو، تنهن کي فاعدو حاصل ٿيندو. هي جهان فاني آهي، جاوداني نه آهي. هتان وڃڻو آهي رهڻو نه آهي. ڪهڙو نه سلو ڇيو جنهن به ڇيو:

بيت

ايدل مكن گناھ ڪ تحقيق مردني است
اعمال نيڪ ڪن ڪ قيامت رسيدني است
غره مشو برين گل و بستان روزگار
باد خدان بر اين گل و بستان و زيدني است

ترجمو: اي پيارا! گناھ نہ ڪر جو تحقيق مرڻو اٿئي. نيڪ عمل ڪر جو قيامت اچڻ واري آهي. خوش نہ ٿي هن دنيا جي باغ تي، هن دنيا جي باغ تي خزان اچڻ واري آهي.

اي پيارا! انهي بادِ خزان کان ڪنهن کي بہ ڇوٽڪارو نہ آهي، پر حق جا طالب انهي باد خزان کان آزاد آهن، جو انهن جي دل الله تعاليٰ ڏانهن جذب هوندي آهي، ۽ اهي محبت جي خنجر جا ڪٺل هوندا آهن:

❋

ڪشتگان خنجر تسليم را
هر زمان از غيب جان ديگر است

ترجمو: تسليم جي خنجر جي ڪٺلن کي هر لمحہ غيب کان نئين زندگي ملندي آهي.

الله تعاليٰ جي طلب ۾ مرد فرد گهرجي، جيڪو دنيا ۽ آخرت جي مرادن کي ڦٽو ڪري ڇڏي، تہ جيئن نفس ۽ شيطان جي مڪر ۽ فريب کان آزا د ٿي وڃي، جيئن ڪنهن بزرگ چيو آهي:

❋

نفس چون نيست، در درون باقيءَ
چہ غم از دشمنان آفاقي

ترجمو: نفس جڏهن باقي ٿي ڪونہ رهيو تہ پوءِ آفاقي دشمنن جو ڪهڙو ڊپ پيارا..! اهو حال پير ڪامل ۽ مڪمل جي رابطي ڪانسواءِ حاصل نٿو ٿي سگهي.

*

ز آنروء ڪ چشم تست احول
معبود تو پير تست اول

ترجمو: ڇاڪاڻ ته تنهنجي اک ٽيڏي آهي، تنهن ڪري تنهنجو ڀهريون معبود تنهنجو پير آهي.

*

پير ره ڪبريت احمد آمده است . سينئہ اوبحر اخضر آمده است
گر ترا پير اينچنين آيد پديد - قفل دردت را ڪليد آيد پديد

ترجمو: پير ڪامل ڪيميا وانگر آهي. سندس سينو دريا وانگر آهي. جيڪڏهن توکي اهڙو پير ملي ويو ته ڄڻ توکي تنهنجي درد جي ڪلف جي چاٻي ملي وئي.

خواجہ حافظ شيرازي انهي مقام جي باري ۾ ڪهڙو نہ سنو فرمايو آهي:

*

در خرابات مغان، نور خدا مي بينم
اين عجب بين ڪ چہ نوري ز ڪجا مي بينم

ترجمو: آئون مغان جي خرابات ۾ خدا جو نور ٿو ڏسان، عجب ته ڏس جو آئون ڪهڙو نور ڪٿان ٿو ڏسان..!؟

قرآن ۾ڏو: قُل اِن كُنتُم تُحِبون الله فاتِبعوني يُحِببكمُ الله

معنيٰ: چئو ته جيڪڏهن اوهان الله تعاليٰ سان محبت ٿا ڪريو ته منهنجي تابعداري ڪريو ته الله تعاليٰ اوهان سان محبت ڪري

آيت سڳوريءَ جي ترجمي تي غور ڪريو ۽ الله جي يادگيريءَ کانسواءِ هڪڙو ساهہ کڻڻ بہ حرام آهي، جو ڪنهن بزرگ چيو آهي:

*

دمي بي حق زدن محض گناه است

بخود مشغول بودن ڪفر راه است

ترجمو: الله تعاليٰ جي يادگيريءَ کان سواءِ هڪڙو ساهه کڻڻ به وڏو گناهه آهي. پاڻ ۾ مشغول ٿيڻ طريقت جي راهه ۾ ڪفر آهي.

اسان جا مرشد حضرت پير سائين روزي ڌڻي رضي الله تعاليٰ عنهه هي بيت گهڻو جهونگاريندا هئا:

*

نگهدار دم را ڪ عالم دمي است

دمي پيش دانا به از عالمي است

ترجمو: دم کي سنڀال جو سڄو جهان دم جي مثال آهي. دانا وٽ هڪڙو دم سڄي جهان کان پلو آهي.

پيارا! الله کي ياد ڪرڻ وارا هميشه خوش رهندا آهن. الله رحمان جو ذڪر جان جي فرحت آهي.

*

چون خواهي ڪ فردا شوي رستگار

مزن دم بجز ياد پروردگار

ترجمو: جيڪڏهن چاهين ته سڀاڻي ڇوٽڪارو حاصل ڪرين. ته هڪڙو دم به الله تعاليٰ جي يادگيريءَ کان سواءِ نه کڻ.

الله تعاليٰ جي يادگيري ايمان جي نشاني آهي. غفلت شيطان جي ڪنٽرول جي نشاني آهي.

*

ذڪر ڪن ذڪر تا ترا جان است

پاڪي دل ز ذڪر رحمن است

ترجمون: ذڪر ڪر ذڪر جيستائين جيئرو آهين. دل جي پاڪائي رحمان جي ذڪر سان حاصل ٿيندي آهي.

الله تعاليٰ جو ذڪر سڀ کان سٺو آهي. جو ذاڪر ۽ ذڪر ۽ مذڪور

تي ئي هڪ تي وجن. فَاذكُرُونِي اَذكُركُم ، جو مطلب اهو آهي جيڪو بيان ڪيو ويو.

مولانا رومي فرمائي ٿو:

✽

بر زبان الله در دل گاو خر
این چنین تسبیح کي دارد اثر

ترجمو: زبان تي الله ۽ دل ۾ گڏھ گابو ، اهڙي تسبيح ڪهڙو اثر ڪندي؟[3]

✽

217 ڪنز: سلام قبول ڪندا ۽ حاضرين مجلس کي چوندا غلام علي نظاماڻي نقل ڪيو تہ هڪ وقت حضرت ادام الله برڪاتھ (حضرت خليفہ محمود فقير رح) اسان جي دعوت تي ٽنبي قيصر نظاماڻي ۾ آيا هئا. قريبن جي مقبرن جي زيارت لاءِ عرض ڪيم ، پاڻ رحم فرمائي اسان سان گڏجي مقام ۾ آيا. پهرين اسان جي ڏاڏي ميان غلام محمد (ياد رهي تہ غلام علي خان جي ڏاڏي جو نالو" غلام علي خان " هو) جي مقبري تي آيا. ويهڻ شرط پنهجي زبان مبارڪ سان نقل فرمايائون تہ هڪ وقت نصرپور ۾ دعوت قاضين جي تي ويا هئاسون. انهن مقبرن جي زيارت لاءِ عرض ڪيو انهن سان گڏجي مقام ۾ وياسون. جڏهن هڪ قبر سامهون ٿي ويٺاسون، ويهڻ شرط ہي قبر مان، جيڪا ان جي پاسي ۾ هئي، اهڙي ڇڪ ٿي جو پنهنجو منهن ڦيرائي ان قبرڏانهن ڪيوسون. پوءِ پڇيو سون تہ هي قبر ڪنهن جي آهي؟ تڏهن چيائون تہ هي شخص قريب اسان جو هو ۽ عارف خليفي ميان الهہ رکيو عليہ الرحمة جي صحبت ۾ هو ۽ جذبو گهڻو هئس، انهي جذبي ۾ وفات ڪيائين، اسان چيو تہ اها ڇڪ انهي نسبت جي سبب آهي پوءِ سيني قاضين عرض ڪيو تہ اسان جي قريبن جي روحن کي ختمون ڏيو تہ اوچتو الهام غيب کان پهتو تہ تنهنجا پڙهيل ٿي قل ساري جهان جي قبرن لاءِ ڪافي آهن.

منهنجي دل ۾ قيامت جي ڏينهن جي حساب جو خيال آيو ۽ پنهنجي عملن جي تصور جو دل ۾ ڊپ ۽هيبت گهڻو ٿيم. قدرت الاهيءَ سان انهي ڏينهن حضرت ادام الله برڪاتهم اسان جي شهر ۾ آيا هئا. اهو ڏينهن جمع جو هو جڏهن رات ٿي، سمهڻ نماز کان پوءِ پاڻ فقير محمد درزيءَ جي اوطاق ۾ کٽ تي اچي ستا هئا. فقيرن مٺيون پيا هنيون (زور پئي ڏنا) ٻي جماعت فقيرن جي کٽ جي چوگرد ويٺل هئي. سڀ ماڻ ڪريو ويٺا هئا. مون کي اهو واقعو دل ۾ هو. انهي ڪري بي آرام هئس. خيال ٿي ڪيم ته پنهنجي واقعي جو حضور شريف ۾ عرض ڪريان. ته پاڻ اتي پاڻهي عرض ڪرڻ لڳا ۽فرمايائون ته اي يارو ڏينهن قيامت جي ۾ گهڻي خوشي ٿيندي، ڇاڪاڻ جو گهڻا جوش ۽جذب وارا محبوب ۽ الله جل جلاله جا مقبول انبياءَ ۽ اولياءَ گڏ ٿيندا. اتي تمام خوشي ٿيندي. ٻين مخلوقن جو حساب به پنهنجو ٿيندو ڇاڪاڻ جو جڏهن حساب جو وقت ٿيندو، پوءِ نبي ۽ اولياءَ جي خلق جا وسيلا آهن. سڀ ڪو ماڻهو پنهنجي وسيلي سان ڇٽندو. پوءِ هڪ مثال بيان ڪيائون ته جهڙي طرح ڪنهن شخص جي گهر کي باهه لڳي گهڻا ماڻهو گڏ ٿين. جو سندس گهر جو مڙيئي اسباب ڪڍي وٺن. تنهن ڪانپوءِ ته جيڪڏهن ڪو شخص درود ستر (70) ڀيرا جمع جي رات، ستر (70) ڀيرا جمع جي ڏينهن، هميشه پڙهندو ته الله جل جلاله ان کي دوزخ جي باهه کان امن ۾ رکندو ۽ بهشت حاصل ڪندو. درود شريف هي آهي ـ (4)

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَليٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَعَليٰ آلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ عَلَيْهِ

حوالا:

(1) ڪتاب: "جنگ مياڻي" مصنف قادربخش نظاماڻي

سال: 1947ع ڇپائيندڙ: بلوچ ادبي سوسائٽي ڪراچي

(2) ساڳيو ڪتاب: پيش لفظ قادربخش نظاماڻي

(3) ڪتاب: مڪتوبات شريف مصنف: حضرت خليفو محمود فقير قدس سره العزيز

مترجم: مولانا عبدالحليم هاليپوٽو

شايع ڪندڙ: محموديه اڪيڊمي ڪڙيو گهنور تعلقه گولاڙچي ضلع بدين (سنڌ)

(مڪتوب (65) پنجهث ص, 287,288,289,290,291

(4) ڪتاب: توفيق الطالبين ترجمه ڪنوز المعرفت ملفوظات شريف حضرت خليفه محمود فقير قدس سره العزيز مرتب: خليفه گل محمد هالائي رحمت الله عليه

ترجمو: مولوي حافظ نورمحمد عليه الرحمة

شايع ڪندڙ: محموديه اڪيڊمي ڪڙيو گهنور شريف تعلقه گولاڙچي ضلع بدين

O

قاضي سيف الله راڄپر

قاضي سيف الله جو اصل نالو" قُل" هو. ذات جو راڄپر، اصل رهندڙ نوابشاهه جي طرف آهي. سندس ڄمڻ جي تاريخ جي ڪابه پروڙ ناهي، باقي سندس وفات 1280 هجري ۾ ٿي. هي بزرگ ميرن جي حڪومت جي اوائلي دور ۾ تولد ٿيو. ڪيس احمد خان نظاماڻي نوابشاهه مان وڏي آکهه سميت لڏائي، ٽنڊي قيصر ۾ وٺي آيو ۽ اتي ان لاءِ مدرسو قائم ڪيو ويو. (هي مدرسو ان جاءِ تي هو جتي هينئر ڪاري ڪوهه واري مسجد آهي) احمد خان نظاماڻي، مير مراد علي خان ۽ مير نصير خان جي ڏينهن ۾ نوابشاهه جو مختيارڪار هو. قاضي سيف الله عربيءَ جي تعليم مخدوم عبدالڪريم متيارين واري ڪان ورتي هئي. قاضي سيف الله تي اهو نالو ميرن صاحبن رکيوهو. جڏهن ڪو اهڙو مقدمو ميرن وٽ ايندو هو ته مير صاحب گهرائيندا هئا. ڇاڪاڻ ته هي بزرگ بي ريائيءَ سان فيصلو ڪندو هو. مير صاحب سواريءَ لاءِ وهٽ موڪليندا هئا، ته ان تي نه چڙهندو هو وٽس هڪ گڏهه هو ان تي چڙهي ويندو هو ۽ ماڻي پاڻ سان ڪنيو ويندو هو.

ميان سيف الله کي ٻه پٽ هئا. هڪڙو ميان عبدالله ۽ ٻيو ميان فيض محمد ۽ اهي ٻئي به علم جا صاحب هئا.هن وقت سندس اولاد مان ڪو به علم وارو نه آهي. ميان عبدالله جي وفات جي خبر ناهي ته ڪڏهن وفات ڪيائين..؟ باقي ميان فيض محمد 1917ع واري پليگ ۾ وفات ڪري ويو.(1)

رئيس احمد خان نظاماڻي، قاضي سيف الله کي گذر سفر لاءِ 64 جريب زمين ڏني هئي، جيڪا ڳوٺ سان لڳ هئي(2)

بقول نورمحمد، عرف استاد نورل فقير جي، هيٺيون شعر قاضي سيف الله جو آهي. ڏاڏا نورل فقير کي هي شعر عبدالله خان خيراڻي نظاماڻي عبدالله پيالو) ڪان مليو. (ياد رهي ته ڏاڏا نورل فقير راقم جي ڏاڏي عبدالواحد جو

سڳو ماسات هو)

ڪيئن جي ڪميڻن مٿي، ٽورن مٿان ٽورا ڪري
وِڪ وِڪ تنهنجي، پرزا ڪرين پاڻ
هرگز مجي نہ هڪڙي، ناقِص سو نادان
جيئن سِپ ٿنجھ مينهن موتي ٿئي
ٿنجھ نانگنَ، زَهر زِيان
سُٽج "سيف الله" چئي ايءُ نسورو نقصان
ڪوهہ تون تِنين ڪاڻ، ٿو ادا عُمَر وڃائِين

اڃي مسجد (ڪاري ڪوهہ واري مسجد) ۾ قاضي سيف الله ڪان پوءِ سندس فرزند، فيض محمد، پوءِ سندس پوٽو عبدالله خان، ۽ بعد ۾ سندس پڙپوٽو قاضي يارمحمد بہ ڪجھہ عرصو قرآن ۽ نماز پڙهائيندو هو.

(ڪجھہ وقت ميون شير بہ مدرسي ۾ پڙهائيندو هو جنهن ڏي راقم جو نانو حاجي احمد خان بہ پڙهيو ميون شيرمحمد پھرين پير جھنڊي واري مدرسي ۾ پڙهائيندو هو بعد ۾ هتي پڙهايائين، ان بعد ڳوٺ راول پھوڙ ۾ پڙهايائين، حاجي حقير پڻ سندس شاگرد هو)

1940ع واري ڏهاڪي ۾ مولوي عبدالڪريم (اصل چين ملڪ جو) بہ پڙهائيندو هو جيڪو پھرين نصرپور ۾ بہ پڙهائيندو هو. بعد ۾ جده ويو اتي 18 سال تعليم ڏنائين. ان دؤران ڪاري ڪوهہ واري مدرسي ۾ لاڙڪاڻي جو هڪ چانڊيو بہ استاد ٿي آيو ۽ بعد ۾ ورهاڱي ڪان پوءِ قاضي مير بہ هن مدرسي ۾ پڙهايو جيڪو قاضي سيف الله جي خاندان مان هو(قاضي سيف لله جي پڙ پوٽي جو پٽ هو قاضي مير)

○

حوالا:

(1) ڪتاب "سنڌ جا اسلامي درسگاهہ"
ليکڪ : محمد جمن ٽالپر
ڇاپو : پيو اداري پاران پھريون
ڇپائيندڙ : سنڌي ساهت گھر حيدرآباد ڪتاب نمبر 190 ص 324,325
(2) روايت: نانا سائين حاجي احمد خان ولد حاجي ابراهيم خان ولد فضل محمد خان ولد سردار احمد خان (هي احمد خان
(3)) قاضي سيف الله کي هتي ولي آيو)
(4) روايت: ڏاڏا استاد نورمحمد فقير، عرف استاد نورل فقير، پاڻ سنڌ جي مشهور شاعر ۽ ادبي شخصيت، محترم سائين "آسي زميني" جو استاد بہ آهي.

مولوي ميان پير محمد ٽيبو

مولانا پير محمد جي ڄمڻ صحيح تاريخ معلوم نہ آهي، مگر خليفي محمود فقير ڪڙتي واري (وفات 1267هہ) جو همعصر هو. سندس والد جو نالو آخوند فقير محمد هو هيءُ بزرگ ميان محمد صالح (محمد صلاح) مثنوي خوان جي اولاد مان احي. جيڪو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي کي مثنوي پڙهي ٻڌائيندو هو.

مولوي پير محمد بن آخوند فقير محمد بن مولوي پير محمد بن مولوي محمد صلاح (مثنوي خوان) بن محمد عارف.

ميان پير محمد پير سيد رشيدالدين جهنڊي واري کان قادري ۽ نقشبندي جو ذڪر وٺي ان جو مريد ٿيو. سندس ڀاءُ حافظ محمد صلاح، (ٻيو)، شاهہ ڀٽائي جو راڳو ڏاڍي سوز سان ڳائيندو هو جو ٻڌندڙ ماٺهو بي اختيار روئندا هئا. ميان پير محمد قرآن شريف ۽ فارسي جي تعليم پنهنجي والد کان ورتي هئي. اُن کانپوءِ عربي جي وڏيڪ تعليم قاضي سيف الله ٽنڊي قيصر واري کان ورتائين فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ ٽنڊو قيصر ۾ ئي قيصراڻي مسجد ۾ درسگاهہ کوليائين. هن وقت جيڪا جامع مسجد آهي، اُتي درسگاهہ کوليائين. روايتون آهن تہ خيلفو محمد صلاح مثنوي خوان بہ هِتي ئي ديني تعليم ڏيندو هو.

هن بزرگ (ميان پير محمد) کي بہ پُٽ ميان عبدالله ۽ ميان حاجي غلام محمد هئا، جيڪي پڻ اهلِ علم هئا. اُنهن مان نقط ميان حاجي غلام محمد کي هڪڙو فرزند آهي ميون محمد اسماعيل، جيڪو ضلع ڪائونسل حيدرآباد جو

ميمبر پڻ هو) ميان پير محمد جي وفات رجب 1337ھ ۾ ٿي. (1)

ميان پير محمد ٽيٻو پنهنجي دؤر جو وڏو عالم هو. "ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ" ميان جمال الدين قرآن شريف سيد غلام شاھ وٽ پڙهيو. پارسي پنهنجي بزرگ ميين احمد بن عبدالعليم وٽ پڙهيو پوءِ پارسي ۽ ڪجھ عربي قاضي پير محمد (ٽيٻو) ٽنڊو قيصر واري وٽ پڙهيو. قاضي پير محمد وڏو عالم فاضل هو. وٽس ڪيئي پڙهيا ميون شيخ احمد بہ وٽس پرهيو(2)

مولانا احمد (پنهور) باني مدرسہ عربيہ مدينة العلوم پيٽبو (قائم شده 1330ھ/1911ع) بہ ميان پير محمد ٽيٻو وٽ پڙهيو. (3)

قاضي فتح محمد نظاماڻي بہ ميان پير محمد ٽيٻو ڏي پڙهيو. جيئن ڪِتاب "سنڌ جا اسلامي درسگاھ" جو مصنف ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر لکي ٿو تہ "قاضي فتح محمد ولد حاجي عبدالله خان نظاماڻي قرآن شريف جي بسم الله ۽ سورة فاتح سيد ميان خان محمد شاھ چرائو لڳ اڏيرو لعل واري کان پرايائين. اُن بعد عربي ۽ فارسي جي تعليم ميان پير محمد ٽيٻي ٽنڊي قيصر واري کان ورتائين. (4)

"سنڌ جا اسلامي درسگاھ" واري مصنف لکي ٿو تہ "مولوي محمد علي پٽ حاجي مير محمد خان ٽالپر جي خاندان ڪيترين ئي پيڙهين کان علم ۽ فضل جو مرڪز هو. سندس وڏان ٽنڊي ڄام (تعلقي حيدرآباد) پرسان ٽالپرن جي ڳوٺ (ٽنڊو علي) ۾ رهندا هئا.

مولوي محمد علي قرآن شريف جي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتي ۽ اُن بعد پيٽبي واري مدرسي (تعلقي حيدرآباد) ۾ مولوي عبداللطيف وٽ پڙهي. وڌيڪ عربي تعليم مولوي پير محمد ٽيٻي، ٽنڊي قيصر واري کان حاصل ڪيائين. (5)

○

حوالا:

(1) ڪتاب: سنڌ جا اسلامي درسگاھ ليک محمد جمن ٽالپر
(2) ڪتاب "رهاڻ هيرن ڪاڻ" (جلد ڏهون) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ
(3) روايت: عبدالغني نظاماڻي ولد ولي محمد نظاماڻي.
(4) ڪتاب: سنڌ جا اسلامي درسگاھ
(5) ساڳيو ڪتاب صہ 384

مختصر سوانح حيات

مولانا قاضي فتح محمد نظاماڻي عليہ رحمت

از: قاضي فتح الرسول نظاماڻي

سندن ولادت جي تاريخ يقيني معلوم نہ آهي، باقي پاڻ ايترو چوندا هئا تہ 28 ورهين جو هوس، تہ پير جهنڊي جي اولادن جي پڙهائڻ واسطي، پير سائين بيعت ڏٺي عليہ رحمت منهنجي ڳوٺ ٽنڊي قيصر، تعلقہ حيدرآباد مان وٺي، سندن ڳوٺ پير جهنڊي تعلقہ هالا آيا. آئون اتي پير صاحبن وٽ چاليھ ورهيہ رهيس. پوءِ پاڻ اتان رخصت وٺي، پنهنجي اباڻي ڳوٺ ٽنڊي قيصر ۾ آيا. جتي حياتيءَ جا ٽي ورهيہ گذارڻ بعد، 1339ھ ۽ عيسوي سن مطابق 1919ع ۾ وصال فرمايائون. سندن ولادت انهيءَ حساب مطابق 1269 هجري ۽ عيسوي سن مطابق 1849ع ٿئي ٿي، ۽ عمر 70 ورهيہ ٿئي ٿي. پاڻ سردار قيصر خان نظاماڻي جي اولاد مان هئا.

قيصر خان جي پهرين شاديءَ مان وڏو لائق فرزند، رئيس غلام علي خان (اول) هو.جيڪو مير فتح علي ٽالپر جي حڪومت ۾ ٺٽي جو ناظم الامور ۽ نواب هو. غلام علي خان هڪ علم دوست، سخي ۽ غريب پرور هو. غلام علي خان کي هڪ فرزند، خدا بخش خان هو جنهن کي ٽي بهادر فرزند هئا. هڪ غلام حسين خان جيڪو مياڻيءَ جي جنگ ۾ شهيد ٿيو ٻيو حاجي غلام علي خان، جيڪو پڻ مياڻيءَ جي جنگ ۾ انگريزن سان وڙهيو ۽ زخمي ٿيو ۽ ٽيون پٽ محمد خان هو.

حاجي غلام عليءَ کي ٻن شادين مان 8 فرزند هئا. پهرين شاديءَ مان، علي محمد، حاجي عبدالله خان، حاجي محمد علي خان ۽ هڪ ڌيءَ، ٻي

شاديءَ مان محمد حسن خان، حاجي يار محمد، حاجي فتح علي، دوست علي، فيض محمد ۽ هڪ ڌيءَ. حاجي غلام عليءَ جي پهرين شاديءَ مان ٻئي نمبر فرزند، حاجي عبدالله خان کي چار فرزند ۽ هڪ ڌيءَ هئا. (قاضي فتح محمد جي والد جو نالو حاجي عبدالله خان هو)

تعليم: شروع ۾ قرآن شريف بترڪن سبق، خليفه خان محمد شاه عليه رحمت ويل "چرائي" نزد اڏيرو لعل ڏنو. خليفه خان محمد شاه عليه رحمت حضرت پير صبغت الله شاه عليه رحمت (اول) پير پاڳاري جو خليفو هو. جنهن جا مڪران جي علائقي ۾ هزارين مريد هئا، اتي ئي مدفون آهن. خليفه صاحب، قاضي فتح محمد جن جي سيني تي هٿ رکي دعا ڪئي، ته هن هنڌ (سيني) تي الله تبارڪ وتعاليٰ توکي علم نوازينت بخشيندو ڪين قرآن پاڪ جا 5,6 سيپارا ياد هئا،جيڪي گهڻو ڪري پاڻ تهجد جي نماز ۾ پڙهندا هئا، ۽ ڪڏهن پوءِ به پڙهندا هئا.

قرآن شريف کان پوءِ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم، پنهنجي ڳوٺ ۾ (جامع مسجد ٽنڊو قيصر واري مدرسي ۾) مرحوم و مغفور، مولوي ميان پير محمد ٿيٻي وٽ پڙهيائين. ميان پير محمد جي آخري آرام گاه، نانگي شاه مقام ۾ آهي، جنهن جي چوڌاري چؤڪنڊي ٺهيل آهي.

ميان پير محمد جو استاد، قاضي سيف الله راڄپر هو. قاضي سيف الله مخدوم عبدالڪريم مٽيارين واري جو شاگرد هو. ميان پير محمد، مولوي ميان محمد صلاح عليه رحمت جو پڙ پوٽو هو جيڪو شاه عبداللطيف رح جو مريد ٿيو هو ۽ شاه عبداللطيف رح جي اڳيان مولانا جلال الدين روميءَ جي مثنويءَ پڙهندو هو ۽ شاه صاحب اُن جو بيتن ۾ ترجمون ڪندو هو. ميان پير محمد چوندو هو ته جيڪي چون ٿا ته مثنوي خوان صلاح الدين شاه جي اولاد مان هو انهن جو اهو چوڻ صحيح نه آهي، شاه صاحب جي مٽن ماٽن مان مثنوي پڙهڻ وارو ڪير نه هو.

سفر: اسان جي والد صاحب کي شوق هوندو هو ته وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين شهرن ڏانهن وڃجي. پوءِ پاڻ مٽيارن جي شهر ۾ مرحوم مغفور، ميان محمد وٽ پڙهڻ لڳا، ۽ اُهو مخدوم عبدالڪريم رح جو شاگرد هو.

اُن بزرگ چيس ته تنهنجي طبيعت ذهين ۽ ذڪي آهي تنهن ڪري بهتر آهي ته تون مخدوم عبدالڪريمؒ جي شاگرد قاضي عبدالغني 'ڪلهر' جي ويل جيڪو سڪرنڊ شهر کي ويجهو آهي اُن وٽ وڃي پڙهه ان ڪري پاڻ اوڏانهن ويا. ان وقت قاضي صاحب جن وٽ 80 شاگرد هئا. جن کي فقط پاڻ پڙهائيندو هو انهن ڏينهن ۾ 'ڪلهر' جو وڏيرو کين گهڻي تڪليف ڏيندو هو جو پاڻ اُن کي غير شرعي ڪمن کان منع ڪئي ڪيائون.

اُتي قاضي عبدالغنيءَ وٽ 'اصُول فقه ۽ اصول حديث ياد ڪيائون. 'بخاري' ۽ 'مسلم' جا ڪي باب پڙهيائين. پوءِ استاد صاحب کين تلقين ڪئي ته حديث جي ڪتابن جو مطالعو ڪري، پنهنجي علم ۾ اضافو ڪر. قاضي صاحب جو فرزند اسان کان مٿي هو جنهن جو نالو محمد عمر هو.

تدريس: پوءِ ڏهن پاڻ پير جهنڊي جي ڳوٺ ويا، ته اُتي پير سائين رشيد الدين بيعت ڌڻي رح جي فرزندن مان، پير رشدالله شاهه عليه رحمت ۽ پير مظهر الدين شاهه ۽ پير حاجي امام الدين شاهه عليه رحمت، ۽ مفتي شاهه عباس ولد پير حاجي صحبت الله شاهه ۽ پير ضياءُ الدين شاهه فرزند پير رُشد الله شاهه عليه رحمت، اِنهن سيني ڪانئن علم حاصل ڪيو. انهن پير صاحبن ڪانسواءِ هالن جي مخدوم صاحب، مرحوم و مغفور پريل چام جي ٻن فرزندن، مخدوم ميان غلام محمد ۽ مخدوم ميان عبدالحسين پڻ تعليم حاصل ڪئي. مخدوم غلام محمد عربي ۽ فارسيءَ جو هوشيار هو پر اُن ظاهري علم کي ڇڏي فقيريءَ کي پسند ڪيو انهن سيني اُن وقت تعليم ورتي جنهن وقت پير سائين بيعت ڌڻي علي رحمت متوفي 1317هه حيات هو پاڻ درس وتدريس سان گڏ فتوائن جو ڪم پڻ ڪندا هئا.

تصنيف: پير سائين بيعت ڌڻي عليه رحمت واري کي هميشه خيال هو ته قرآن شريف جو سنڌيءَ ۾ تفسير لکجي، جنهن مان 'سنڌ' جا ماڻهو فائدو وٺن، پوءِ قاضي فتح محمد صاحب کي تفسير لکڻ لاءِ چيائون.

پوءِ سندن چوڻ موجب لکڻ شروع ڪيائون. اُن تفسير ۾ ڪنهن هنڌ لکيو اٿن ته هي سفر وڏو آهي، خبر ناهي حياتي باقي ڪيتري هجي، تنهن ڪري جتي نماز بابت آيت آئي ٿي، اتي نماز جا سڀ مسئلا لکيائون ٿي.

جتي روزي، حج، زڪوات وغيره جو ذڪر آيو ٿي، ته اُتي انهيءَ جا سڀ مسئلا لکيائون ٿي. جتي نبيءَ جو نالو آيو ٿي اتي نبيءَ جو تاريخي احوال پوري تفصيل سان لکيائون ٿي. اهڙيءَ طرح هاروت ۽ ماروت ۽ سحر جو بيان آٿي، ان جو تفصيل لکيائون ٿي.

مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو پير جهنڊي جي ڳوٺ اچڻ

مولوي عبيدالله سنڌي صاحب، پير بيعت ڌڻي عليه ارحمت جي وقت ۾ ايندو هو ۽ سادو لباس پهريندو هو ۽ ان ڪتب خاني ۾ اسان جي والد صاحب، قاضي فتح محمد رح وٽ گهڻو رهندو هو ۽ ڪتابن جو مطالعو ڪندا هئا. جڏهن ٻئي ڄڻا پاڻ ۾ علمي گفتگو ڪندا هئا، ته ان مان مولوي صاحب جي علم جو تبصرو ٿي معلوم ٿيو. اسان جي والد صاحب پير سائين بيعت ڌڻي عليه الرحمت کي چيو ته هي شخص وڏي علم وارو آهي. پوءِ پاڻ مولوي صاحب کي تمام گهڻي عزت ڏيندا هئا، اُن وچ ۾ پير سائين بيعت ڌڻي عليه رحمت وصال ڪئي. پوءِ پير رُشد الله کي ديني تعليم جي اشاعت جو گهڻو شوق ٿيو اُن بزرگ سنڌ جي ڪيترن ئي گادي نشينن کي دعوت ڏني، پر ڪنهن به مُثبت جواب نه ڏنو پوءِ پاڻ خدا توڪل ڪري، 1319هه ۾ مدرسه "دارالرشاد" کولايو.

شاعري: ـ ڪين شعر ۽ شاعري پسند ڪانه هئي، پاڻ چوندا هئا ته اڄ ڪلهه شاعر، شعر جي مفهوم کان بي خبر آهن. ڇاڪاڻ ته شاعر هميشه پنهنجي اندر جو اظهار ڪندو آهي. هن وقت جا شاعر رڳو تڪبنديءَ ٿا ڪن. سندن اندر جو آواز ڪونهي، پاڻ صحيح بخاريءَ جي ترجمي ڪرڻ وقت ڪجهه بيت لکيا اٿن.

هجرت تحريڪ: سن 1919ع ۾ ترڪ موالات ۽ هجرت تحريڪ شروع ٿي. جنهن جو سرگرم بزرگ مولانا تاج محمد عليه الرحمت امروٽ وارو هو جنهن سنڌ جي مسلمانن کي هجرت ڪرڻ تي اُڀاريو هو. پير جهنڊي واري ڳوٺ ۾ مدرسه "دارالرشاد" جو صدر، مدرس مولوي نور الحق پنجاب وارو هو. تنهن هڪ رسالو هجرت فرض هجڻ بابت لکيو ۽ ان اهو

رسالو پير سائين خلافت واري جي حوالي ڪيو ڪين پڻ هجرت ڪرڻ جو ارادو ٿيو پوءِ پير سائين خلافت واري جن مولوي صاحب کي چيو تہ "آئون پنهنجي أستاد قاضي فتح محمد نظامانيءَ کان راءِ وٺان. پوءِ منهنجي والد صاحب، قاضي فتح محمد جن کي گهرائي چيائون تہ هي، رسالو هجرت جي فرض هجڻ جو مولوي صاحب لکيو آهي. مولوي صاحب اُتي موجود هو. منهنجي والد صاحب ان ڪتاب جو مطالعو ڪيو ۽ چيائون تہ، مولوي صاحب کي هجرت جو مطلب سمجهہ ۾ نہ آيو آهي. هجرت جو فرض هئڻ بجاءِ خود، پر مستحب بہ نہ آهي. هي ملڪ پڻ انگريزن کان وٺڻ اسان تي فرض آهي، جيئن اسلام ۾ لکن ٿا. تنهن کان سواءِ راڻي وڪٽوريہ بہ 1857ع واري جنگ آزاديءَ وقت پڌر نامو ڪيو بہ اسين هن ملڪ جا حاڪم تي نہ رهنداسون. جڏهن اوهان حڪومت هلائڻ جا لائق ٿيندا، تڏهن اسين دستبردار ٿي وينداسون. اُن ڪري هجرت نہ ڪبي. پير رُشد الله صاحب عليہ الرحمت فرمايو الله جلشانہ جو شڪر آهي، جنهن اسان کي فتني کان پناهہ ۾ رکيو. مولوي نور الحق چيو تہ "بڑے نے کام کو بگاڑ دیا"! پوءِ مولوي نورالحق پاڻ سان مولوي حڪيم محمد معاذ نوابشاهہ وارو جان محمد جوڻيجو جي رفاقت سان افغانستان ويا. ٻن مهينن کان پوءِ مولوي نورالحق ۽ سندس رفيق موٽي آيا. پير صاحب رُشد الله عليہ الرحمت جن مولوي صاحب کي چيو تہ "توهان تي هجرت فرض هئي تہ اُتي مري وڃو ها اچون نہ ها..!" پوءِ مولوي نورالحق پنهنجي ظلمن جا دل ڏاريندڙ داستان بيان ڪيا.

پير صاحب چيس تہ پوءِ منهنجو ڪهڙو حال ٿئي ها! پير صاحب موصوف چوندو هو تہ قاضي صاحب منهنجي لاءِ ڪيترن مسئلن ۾ رهبري ڪئي ۽ سندن ملفوظات ۾ لکيل آهي تہ قاضي فتح محمد نظامانيءَ ۽ مولوي عبيدالله سنڌي پڻ اکيون آهن.

وجہ معاش: قاضي فتح محمد کي نهري زمين 22 ايڪڙ هئي، ۽ هڪ باغ پڻ هو جنهن مان گذر ٿيندو هو.

اولاد: قاضي فتح محمد کي نرينہ اولاد پنج فرزند هئا.

1. قاضي عبدالفتاح 2. قاضي فتح الرسول (خود) 3. قاضي محمد افضل 4. قاضي محمد سعيد 5. قاضي عبدالحق.

پائرن مان عربي جي تعليم فقط قاضي فتح الرسول ورتي، ۽ ڪجهه وقت مدرسه دار الرشاد مان پڻ تعليم ورتي.

وفات: سياري جي وچ واري موسم ۾ بخار ٿيو انهيءَ وچ ۾ نماز جا وقت اشارن سان پڙهيائون ٿي، ۽ وري به وصيت ڪيائون ته اٿن ڏينهن جون نمازون چاليهه آهن، تنهن ڪري هر هڪ وقت لاءِ به سير في وقت ڪڻڪ ڏجو پوءِ پاڻ سومر رات مغرب جي نماز بعد 3 ربيع اولال 1339 هجري، مطابق 1919ع ۾ قفسِ عصريءَ مان روح پرواز ڪري ويو. سندن آخري آرام گاهه شيخ جي مقام ۾ ڪنديءَ جي وڏي وڻ هيٺ آهي.(1)

[نوٽ: هي ءِ احوال قاضي فتح الرسول جو لکيل آهي].

قطعه تاريخ وفات مولوي قاضي فتح محمد صاحب نظاماڻي

قطعه

جناب حضرت مولوي فتح محمد – به تدريس وبه فتوي ماهر آمد

ازاد هم واند آل راشد – به دين هر يڪ ازانهانا در آمد

ازاد هم خواند آل راشد – به دين هر يڪ ازا نهانا در آمد

شد مقسوم بهرش سيرت نيڪ – به هر حال از صبورو شاڪر آمد

تواضع بود طبع ثاني او- دانش ازا ڪبير ونخوت غافر آمد

نداي "اِرجِعِني" ڪرد گوش – به درگاهه الاهي حاضر آمد

به رحمت مغفرت مارا عطا ڪن – ڪه ارحم ذات توبر مادر آمد

بي سالس اشاره ڪرد فڪرم – اديب در "پناهه غافر" آمد

1339هه

قاضي فتح محمد فارغ التحصيل ٿيڻ ڪان پوءِ، موري منگر تعلقي حيدرآباد ۾ شيخ محمد عاقل جي سڏ تي درسگاهه قائم ڪري، درس و تدريس جو سلسلو جاري رکيائين. محمد عاقل شيخ، پير سيد رشيد الدين شاهه جي وڏن مريدن مان هو. جڏهن پير صاحب ان جي دعوت تي آيو ته

قاضي فتح محمد نظاماڻيءَ کي پهريائين اتي ڏٺائين. ان بعد ٽنڊي قيصر ۾ نظاماڻين جي دعوت تي، سائنس علمي ۽ ادبي گفتگو ڪيائين. قاضي فتح محمد نظاماڻيءَ جي تصنيفات جو تفصيل هن ريت آهي.

(1) مفتاح رشد الله تفسير ڪلام سنڌي (ٻن جلدن ۾) اٽڪل ٻارهن سئو صفحا ٿيندا. اهو 1295هه ۾ تيار ٿيو جيڪو بمبئيءَ ۾ عمدي خط سان ڇپيو. هي ٻئي سيپاري "الم" جا آهن. (2) مجمع الفيوضات جو ترجمو جامع البرڪات (سنڌي) اهي ملفوظات حضرت روضي ڌڻي رح جا آهن. ۽ غير مطبوع آهن. (3) صلاالطالبين تصوف (سنڌيءَ ۾ ترجمو مطبوع) هاڻي ناياب آهي. (4) تحفته المحبين في ملفوظات خير طب سين (سندس مرشد پير سيد رشيد الدين رح جا ملفوظات (غير مطبوع آهي.) (5) ملابد منه جو سنڌي ترجمو غير مطبوع. (6) انعام الباري ترجمو صحيح بخاري (16 سيپاره ڪتاب الغازي تائين) سنڌي غير مطبوع آهي (7) سنڌي گرامر ميزان صرف، ارشاد الصرف، علم الصيغه وغيره لکيائين، جيڪي اڄ تائين غير مطبوع آهن. (ان کان علاوه جڏهن پاڻ حج تي ويا هئا ته حج جو سفر نامو پڻ لکيائين، جيڪو اڃا تائين غير مطبوع آهي. راقم سفر نامي جي هڪ ڪاپي پروفيسر عبدالجبار نظاماڻي (ماتلي) کي ڏني هئي عبدالجبار صاحب اهو سفر نامو ڇپائڻ لاءِ مون کان ورتو هو پر افسوس آهي 2018ع کان اڃا تائين نه ڇپايو آهي.

جڏهن پير رشدالله 1319هه ۾ ڳوٺ پير جهنڊي ۾ مدرسو کولايو ته پوءِ مولانا موصوف (قاضي فتح محمد) گهڻو نه پڙهائيندو هو ڪڏهن ڪو معلم مدرسي ۾ نه هوندو هو ته پوءِ پڙهائيندو هو پر گهڻو وقت تصنيف ۽ تاليف ۾ صرف ڪندو هو.

مدرسه عاليه درالرشاد، پير جهنڊو ۾ شاگردن جي پڙهڻ لاءِ عربيءَ جا ابتدائي ڪتاب، مولانا قاضي فتح محمد کان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرايا ويا. مثلاً ارشاد الصرف، علم الصيغه، شافيه، نحومير، هدايه النحو ڪافيه مالا بدمنه، اصول الشاشي.

مدرسي ۾ تبليغ ۽ اشاعت جي ڪم سان گڏ فتوي جو شعبو پڻ کوليو ويو جنهن جو نالو السواد الاعظيم رکيو ويو. ان جا ميمبر هئا, مولانا قاضي فتح محمد نظاماڻي, مولانا رشدا الله شاهه ۽ مولانا پير ضياء الدين (هي به قاضي فتح محمد جا شاگرد هئا), ان کانسواء مولانا محمد صادق کڏه ڪراچي, ۽ مولوي محمد صديق (کڏه), مولوي عبدالڪريم درس ڪراچي ۽ مولوي محمد عثمان نورنگ زاده (مصنف تفسير- تنويرالايمان) پڻ انهيءَ جا ميمبر هئا. اهي فتوائون هڪ مجموعي جي صورت ۾ محفوظ ڪيون ويون آهن. شايد اهڙو ڪتاب اڃا تائين مدرسه مظهر العلوم کڏه ڪراچيءَ جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي.(3)

مولانا قاضي فتح محمد صاحب نظاماڻيءَ جي

سنڌي ترجمي بخاريءَ جو منظوم مقدمو

بسم الله الرحمن الرحيم

حمد منان کي ساراه ساري ـ آهن احسان جنهن جا بيشماري
پدم پيدا ڪيا مخلوق مالڪ ـ انهن ۾ آدمين جي سرس ساري
ڏيئي ادراڪ ڪلي آدمين کي ـ حڪم احڪام ڪيائين انهن تي جاري
ڪري قاصد نبين کي مڪائين – رسالت رب جي سيني سڌاري
خاصو خيرالبشر مهندار مرسل – مٿي مڙني تنهن جي تاجداري
صلواتون تنهن تي ۽ آل انجي – اٿئون جنهن ۾ گهڻي اميدواري
صحابي سڀ سندس آهن پلارا – ڪئي قربان جن جند جان ساري
پلي امت سندس امتن مڙين ڪان – جنهين جو شان آيت خيرواري
محقق ڪي مفسر ڪي محدث – فراست سان ڪيا جن فيض جاري
ڪري ڪوشش ڪڍي تن قاعدن کي – فروعن جي بناء ان تي آجاري
سندن سعيو ڪيو مشڪور مالڪ – رهي نروار تن جي نامداري
مسائل مجتهد محڪم ڪري ويا – رکي ويا دين جو بنياد جاري
مٿن راضي هجي شل رب رحمان – شفيع جي شرح جن احسن اُجاري
پڇاڻان حمد ۽ سئو سئو صلواتن – گذارش تو ڪري ڏوهي ڏهاري

تہ مون کي محب مخلص يار يڪتا - جنهين ڪم دين تي قوي ڏاري
سچو سالم سخي صفتن موچارو - رکي روشن دلي ۽ ديناري
شرف ۽ شان عالي جنهن شير محمد۔ هيم جنهن سان گهڻي دوست داري
ڇپائين تان ڪيون ڪو خير خاصو - سنڌي سندو صحيح بخاري
آهن تنهن جا شرح بسيار موجود - آهي تشريح تن ۾ بي ڪناري
مگر ڪي فارسي، عربي ۽ اڙدو - نہ سنڌي ۾ سجهي شرح بخاري
مڙيئي ملڪ ان کان مستفيدا عرب، ايران ۽ ڪابل تنڌاري
مگر محروم ماٺهو سنڌ وارا- جي عربي فارسيءَ کان آهن عاري
انهن جي ڪاڻ ڪا تحفي طريقا۔ مٺائيءَ سان ڪجي مهمانداري
جزاه الله في الدارين خيرا - آيس الحمد الله مت موچاري
عوارض ٻيا گهڻا هوم آڏا - ڪري سڀ ترڪ ڪيم ڪم جي تياري
رايت الخير في هذا ڪثيرا - صرفت الوقت فيہ با اختياري
جڏهن تي ترجمي جي طرز منهنجي - رکيم نالو سندس انعام باري
بخاري پڙهہ بخاري پڙهہ بخاري - ٿئي تولاءِ رب وٽ رُستگاري
ڏيندم ڏاتار شل قوت قويا - اٿم اتمام جي لاءِ انتظاري
الا ايها الناظر اخينا - ڀلائي سان ڪجانءِ تون بردباري
ڪريمن جئن ڪچائي ڪين ڏسجان - ستر ڪر تون بہ جئن ٿاڪن ستاري
دعا مسڪين ڪي ڪج مؤمنن سان - مدايون من ڪي بخشيم باري
الاهي حرمت - خيرالبشر جي لڏيان ايمان سين ٿئي رستگاري

لآاِلہ الله محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم

○

حوالو:

(1) مختصر سوانح حيات قاضي فتح محمد نظاماڻي عليہ رحمت،
لکندڙ: قاضي فتح الرسول نظاماڻي (قاضي صاحب جو فرزند) قلمي نسخو
ملڪيت: فاروق احمد ولد شاهہ محمد نظاماڻي

(2) ڪتاب: مِفتاحُ رَشدِ اللهِ في تفسير ڪلامِ الله [حصو پهريون]
ڇپائيندڙ: شيخ عامر بن احمد، شايع ڪندڙ: زيب ادبي مرڪز حيدرآباد

سال: اپريل 1991ع برابر رمضان 1411 هجري "سوانح حيات صاحب مفتاح رشدالله" ص 8

(3) ڪتاب: "سنڌ جا اسلامي درسگاهه" مصنف: محمد جمن ٽالپر
ڇپائيندڙ: سنڌي ساهت گهر حيدرآباد ڪتاب نمبر 190، ڇاپو: ٻيو ۽ اداري پاران ڦيريون.
سال: آڪٽوبر 2007ع ص 381 ـ 382 ـ 365

(4) سماهي الرحيم سنڌي (جولاءِ آگسٽ 1978ع) ايڊيٽر: غلام مصطفيٰ قاسمي
ڇپائيندڙ: شاهه ولي الله اڪيڊمي صدر حيدرآباد ص 35 ۽ 36.
(هي منظوميو غلام مصطفيٰ قاسميءَ ڪي) حاجي شير محمد نظامانيءَ کان مليو.)

نور محمد نظاماڻي (نورل فقير)

[هيءُ سندس سمورو احوال، استاد نور محمد نظاماڻي، پاڻ بيان ڪيو، جيڪو جيئڻ جو تيئڻ لکجي ٿو].

نور محمد تخلص "نورل" ولد غلام نبي نظاماڻي، جنم سال 1933ع جي ڊسمبر ۾ ٽنڊو قيصر ۾ جنم ٿيو. 5 سالن جي عمر کان 6 سالن جي عمر تائين قرآن شريف، فيض محمد فقير نظاماڻيءَ ڏي پڙهيس. 7 سالن کان 8 سالن جي عمر تائين 2 در جا سنڌيءَ جا سائين احمد علي خان نظاماڻيءَ ڏي پڙهيس، اسڪول ڇڏڻ کان پوءِ مائٽن جي چوڻ تي ڍڳيون چاريون. ان سان گڏ زمين جو ڪم به شروع ڪيو. شاعريءَ ۾ استاد حاجي عثمان سومرو جهان پور سکر ضلع وارو هو. 1950ع کان شاعري شروع ڪئي، زماني جي ڪن صدمن ڪري شاعر ٿيس. 1954ع ۾ حاجي شير محمد خان نظاماڻيءَ جي بنگلي تي مشاعري ۾ وڃڻ شروع ڪيو. ڪافي عرصو مشاعرو هليو. ان "بزم ٽنڊو قيصر" جو مشاعرو شروع ڪرايو انهن ۾ حصو ورتم. هي مشاعرو سيد احمد شاهه ڪاري ڪوهه واري جي اوطاق ۾ ٿيندو هو. ان بعد رئيس مير حسن خان نظاماڻيءَ ٽنڊو قيصر ۾ "بزم طالب المولىٰ" طرفان مشاعرو شروع ڪرايو. انهن مشاعرن ۾ 2 دفعا مخدوم طالب المولىٰ صاحب جن خود شرڪت ڪئي. ان بعد حاجي "حقير" ابن مگڻ ڳوٺ، "قبول خاصخيليءَ ۾ مشاعرو شروع ڪرايو." "بزم قليچ" طرفان ان ۾ به شرڪت ڪندو رهيس، ان کان پوءِ ڳوٺ "بهاول زنئور" ۾ "بزم شاهه عنايت شهيد" پاران مشاعرو شروع ٿيو ان مشاعري ۾ به هر مهيني شامل ٿيندو هوس. 1981ع ۾ حاجي حقير ابن مگڻ گذاري ويو. تنهن زماني ۾ ٻيا به

ڪافي شاعر جهان ڇڏي ويا. تنهن ڪان پوءِ مشاعرا بند ٿي ويا.

1982ع ۾ پي ٽي وي جي پروگرام "اوطاق" ۾ شرڪت لاءِ دعوت ملي، جنهن جو ميزبان سيد صالح محمد شاهه هو. هي پروگرام پهرين "اوطاق" نالي سان هليو، بعد ۾ "ڪچهري" نالي سان، ۽ آخر ۾ "سنڌ سيتا" جي نالي سان ٿيو. 1982ع کان وٺي 2004ع تائين هنن پروگرامن ۾ شريڪ ٿيس. ڪل 17 پروگرام ۾ شرڪت ڪئي، جن ۾ 6 پروگرام "B" ڪيٽيگريءَ جا، ۽ باقي 11 پروگرامن ۾ "A" ڪيٽيگري ملي، انهن ۾ هڪ ۾ "A1" مليو.

22 سالن جي عمر ۾ شادي ڪئي.

ملهه بابت سنڌن شاعري

ڀيرو، هنڊول، ميگهه، سِرِي، ديپڪ، مالڪؤس ڪي ڇاڻ وارا ڇاڻن،
انهن ڇهن راڳن مان راڳڻيون ٿي سؤسٽ ٿين،
پوءِ ڪرسين تي قرب مان اچيو وڏيرا ويهن،
وڏيرا وڏي احترام سان ٿا مهمانن ساڻ ملن،
پوءِ ٿا پهلوان وَرَ ڪنيو وڙهن،
ڇڪيو سنڌرا سورهيه ٿا قابو هٿ وجهن.

مَلهه جا 32 دانگ

جاننا، وارا، ٻلهڻ، ڪي اڏڪ سان اُڇلن،
مُن، مُهري، پيي، پاسا، ٽينگا ساڻ ٽنگن،
جهپڻ، گهمائڻ، اُڇلڻ، ٻيا اُٽ ڏانوڻ اٽڪن،
ڏاڪي، پٽا، ڦندا، گهمريه ٻي ٻنها ٻاري هٽن،
وڇين، ٻچي، وڄ، ڪي وري هنڙي ساڻ هٽن،
ڪسڻ ڇڏائڻ، هنڻ، ونڻ، ڪلها منڻ، اڳيان ٽپڻ،
گُدو ڏيڻ، گوڏ و ڪوڙڻ، ڇيلهه ڇڏائڻ ائڻ،
ڪي وري جاڙا جاننا ڪن،
ٻٽيهن انگن سان "ٻروڄ" چوي ٿا زور آزمائن.

پوءِ جيڪي دغا رکي ڏک ڏين، سي جهڙا هُڙيءَ منجهه پيا هلن.

پر پهلوان ناراض نہ ٿجو "نورل" تي اهي ڳالهيون پيون ڳائجن
جيڪي ڀاءَ سمجهي بخشين ٿا،تن کي ماٺهو هليو هار وجهن،
سي وٺيو نوٽ نوڙت مان، خوشي منجهه کلن،
الله کي بہ اُهي ٿا وڻن جن جا سينا صاف هجن،
هٿ رکن هيٺن تي، پيون خير خيراتون ڏين،
روزا ۽ نمازون ٿا، پنجئي وقت پڙهن،
نماز ۾ "نورل" چوي، نميو روز نَمَنَ،
پوءِ ادا جيڪي سائينءَ کي سجدا ڪن، تن جون جايون هونديون جنت ۾.

شاعر: اُستاد نور محمد نظاماڻي (نورل فقير) 2001ع ۾ هيءُ شعر تاهيو ۽ ان ئي سال مراد شاهہؒ جي ميلي تي اناؤنسر نظير وسطڙو جي فرمائش تي لائوڊ اسپيڪر تي ملاڪڙي ۾ پڙهيو.

ساراهيان سچو ڌڻي، جيڪو صاحب ربّ سين،
ٻڌو ڳالهہ ٻروچ جي، ڏئي قرب وارا ڪن،
تہ ميلو مُراد شاهہ جو، آهي مشهور منجهہ ملڪن،
چئن چوڪڙين ۾ چوڌاري، بازارون منجهہ برن،
ڍڳا، اُٺ، گهوڙا، اُتي پلا ٿا پچن،
ننڍڙا نينگر ناز مان، ناچو ٿا ناچ نچن،
هوٽلون ۽ بازارون، سهٽيون ٽيون سينگارجن،
چانهہ، پڪوڙا، ڇهرا گهر، ڪواب پيون مٺايون مٺن،
برياڻيءَ جون بلوچ چوي، ديڳون پيون دمجن،
ڪايو پت خوشيءَ مان، جهڙا گهوٽ پيا گهمن،
ناٽڪ کيل ڪيترا، جن ۾ گجيو شينهن گڙن،
پيهيون پڪيون پُختيون، ڏاڍيون ٽيون ڏسجن،
ڪاٺ ڪلا قابو ڪري، ٿا موتين جيئن جڙن،

ڀرجيو وڃن "بلوچ " چوي، سيئي سولا ٿا ڏسن،
ڀهرين پهرين پڙ ۾ ٿا رڃ ڪتا رسن،
مقابلو مزي وارو ڪي دسن ڪي ٿا دسجن،
پوءِ ٿا پهلوان پڙ ۾ لهن،
اناَئونسر جي آواز تي، ماڻهو ٿا مِڙن،
ملاکڙي ڪي مچائي، "وسطڙو" ٿو نالو نظير احمد چون،
چرچا پوڳ ڪري، ماڻهو خوشيءَ منجهه کِلن،
ٻيا ٻڌائي بيت "لطيف" جا، سي سمجهو ٿا سمجهن،
ڳاڙها دهل ڳچين ۾ موچارا مڱڻهارن،
ملاکڙا، شادمانا، ليوا، وهول ٻيا ٽِلو ٿا ٽلن،
مُتا ٻِينون شوق مان، واڇٽ ڪريو وڃن.

○

تاريخ تي ڪم ڪرڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ڪونهي. هي هِڪڙو ورجائيندڙ ۽ محنت طلب ڪم آهي. جيڪو وڏو وقت گهري ٿو ۽ جفاڪشي طلب ڪري ٿو. جس هُجي اسان جي بزرگ سائين عبدالحفيظ نظاماڻي بلوچ کي جنهن ڪي ئي ڪِتاب پڙهي ڪيترائي لڪ لتاڙي پاڻ پتوڙي ۽ نور نچوئي "تذڪره ٽنڊو قيصر" لکيو آهي.

تعليم جي شعبي سان واڳيل سائين عبدالحفيظ نظاماڻي کي تاريخ سان دِلچسپي رهي آهي. هن تاريخ جي حوالي کان ڪيترن ئي ڪِتابن کي قلمبند ڪيو آهي. جن ۾ ٽنڊي قيصر ۾ بزرگن جون گُذاريل گهڙيون. تذڪره بلوچ. مختصر تاريخ تعلقو حيدرآباد. مخدتصر تاريخ نظاماڻي. ٽنڊي قيصر جي پسگردائي جي قديم ماڳ جو احوال. ٽنڊي قيصر ۾ رهندڙ مختلف ذاتين جي تاريخ ۽ ان کانسواءِ قاضي فتح الرسول ۽ حاجي شير نظاماڻي جا لِکيل مضمون ۽ خيرالاذڪار في بيان حج. قاضي فتح محمد ۽ حاجي يار محمد جوک 1904ع ۾ حج جو سفرنامو پڻ سهيڙيا آهن. سندس ڪم ۽ محنت کي ڏِسندي اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ پاڻ پنهنجي قبيلي، قوم، وطن. جي لاءِ حياتي ارپيندڙ شخصيت آهن. منهنجي دِل چوي ٿي تہ سندس شاگردي ۾ آيل شاگرد ڀاڳوند آهن. جن کي سائين جهڙو سونهون عظيم اُستاد نصيب ۾ آيو.

فقير محمد ڏول

Sahil Printers Hyd: 0333-2634650